# پٽيھ کھاٽيون

## ـــــــ انور ڪليم

ڪمپوزنگ:
**وفا گل محمد جمالي**
gm_jamali4u@yahoo.com
03337504137

# ارپنا

منهنجي هن قلمي پورهئي جو لفظ

لفظ انهن سڀني دوستن جي نانءُ، جن هر سال15

جنوري کي ”ادب جو ڏينهن“ قرار ڏيئي،

ملهائڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏنو.

”ادب جو ڏينهن“ ملهائڻ هن ليکڪ جو

خواب آهي ۽ ان خواب جي ساڀيان لاءِ اوهان جو

تعاون ۽ رايا مون لاءِ، هن ڪتاب جي خوشيءَ

کان وڌيڪ مقدس هوندا.

انور ڪليم

# ترتيب

★اداري پاران ...................... سعيد سومرو

★معاشري لاءِ لڪيل ڪئميرا..........انجنيئر پرڪاش ڪمار

★دل جي اک سان .................طارق خشڪ

★ڪرشن ٺا...منٽو ٺا...............انور ڪليم

★حسن جي ڳالھ ئي نہ ڪريو.......عزيز قاسماڻي

# ڪهاڻيون


- ڳاڙها دٻا
- جملي
- 32
- ٽي رنگ
- قيمت
- حقيقت
- هو سوچي ٿو
- اعتماد جي آخري ڪهاڻي
- جنت ۾ ڌهن سرن جي جاءِ
- سڀ ڪجهه ساڳيو
- دلال
- الف ۽ بي جي ڪهاڻي
- ڪهاڻين ۾ وڇوڙو

# مختصر ڪهاڻيون

- صلاح
- ڪاغذ
- پنهنجي پنهنجي طلب
- حسرت
- ٻه طرفي سوچ
- نوان/پراڻا

# اداري پاران......

جديد سنڌي ڪهاڻي جي ”زنده“ يا ”مئل“هئڻ تي هتي ڪو بحث ان ڪري به ناهي ته اها مؤثرڪتابي شڪل ۾ پڙهندڙ پارڪن اڳيان بنهه نه اچڻ برابر اچي پئي. هاڻ جيڪا تخليق مڪمل نموني اڳيان موجود ئي ناهي ته انهيءَ بابت ڪا پختي ۽ ڀرپور راءِ ڪيئن جوڙجي!؟ ضروري آهي ته سنڌي ڪهاڻي ۾ روح ڀرڻ لاءِ ڪهاڻي ڪتابن جي صورت ڪشي ڪئي وڃي. اهڙي ئي خيال هيٺ، اردو ڪان پوءِ هاڻي سنڌيءَ ۾ ڪهاڻي تي طبع آزمائي ڪندڙ نوجوان ڪهاڻي نويس ”انور ڪليم“ جو ڪهاڻي ڪتاب اداري اوهان جي هٿن ۾ ڏنو آهي.

سٺي ڪهاڻيڪار ۾ جيڪي به چار اتم خوبيون هونديون آهن، اهي انور ڪليم ۾ پڻ پر ساهين پيون. سندس هي ڪهاڻي منفرد گهاڙيٽي، نئين رنگ جي موضوع ۽ ورائٽي واري ٻوليءَ ۾ آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار اسان منجهان آهن پر الڳ ۽ پنهنجي سوچ لوچ وارا آهن تن ۾ سچائي اول ۽ آخر تائين ائين ڀريل آهي جيئن مالهڻ جي ٽٻڻيءَ ۾ ڇٽي ڪريل گل.

انور ڪليم جي ذات ڏانوءَ ۾ چندر مکيءَ جهڙا بناوتي ناٽڪي نخرا سهي پر” پاروءَ“ جهڙي پاڪيزي سادگي ۽ ”ديوداس“ جهڙي ڀوڳنا سندس ڪردار ۾ ضرور آهي. هو ايندڙ ۾ وقت ۾ اجا وڏيڪ سنورجي بيٺل ڪهاڻي جو وارث آهي. في الحال سنڌي ادب جي افق تي انور ڪليم به هڪ ستاري مانند پنهنجي حصي جي روشني، ان آس سان اوهان کي آڇي پيو ته اها سندس سادي سچ وانگر اوهان جي واهرو ٿيندي.

سعيد سومرو

ڪنول پبليڪيشن قنبر

# معاشري لاءِ لڪيل ڪئمرا

## انور ڪليم

ھي منظر آھي، بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جي پروگرام ھال جو، جتي پوري پاڪستان مان تقريبن چاليھ پنجاھ نوجوان ليکڪ ڏھن ڏينھن جو پروگرام اٽينڊ ڪرڻ کان پوءِ مختلف موضوعن تي لکيل تحريرن بابت نتيجن جو انتظار ڪري رھيا آھن.

ڪمپيئر اعلان ٿو ڪري، ”ڪھاڻي مقابلي ۾ پھرئين پوزيشن ڪنئي آھي، شھدادڪوٽ سنڌ جي انور ڪليم“.

نوجوان ليکڪن منجھان ھڪ سنھڙو نوجوان اٿي ھال ۾ تاڙيون وڄائيندڙن جا ٿورا مڃي ويھي ٿو.

”ءِ مزاحيھ ڪھاڻي ۾ .......“ڪمپيئر وري اعلان ڪري ٿو، ”مزاحيھ ڪھاڻي ۾ بہ ......انور ڪليم .“ اڳي کان وڌيڪ زوردار تاڙين ۾ ھو وري اٿي ھٿ لوڏي ويھي ٿو.

ھڪ ٻي موضوع تي نتيجن جي اعلان کان پوءِ وري سائنسي ڪھاڻي جي نتيجن جو اعلان ڪندي ڪمپيئر چوي ٿو.”سائنسي ڪھاڻي ۾ بہ ...انور ڪليم.....“

ماڻھو ڪجھ لمحن لاءِ خاموش، حيرت ۾ پئجي وڃن ٿا ۽ ..... جڏھن ڪين ھوش اچي ٿو تہ ھو بي اختيار دير تائين تاڙيون وڄائي ڪيس داد ڏيندا رھن ٿا.

انھيءَ ھال ۾ ڪجھ سالن کان پوءِ 1995ع ۾ ڪيس بھترين ڪھاڻيڪار نوجوان جو ايوارڊ پڻ ڏنو وڃي ٿو.

”تون ھاڻي سنڌيءَ ۾ بہ لکندين. واعدو ڪر ..!“ ڪراچيءَ جو پروفيسر سليم مغل ھن کان واعدو ڻو ونئي ۽ ان کان پوءِ اردو ۾ تقريبن اڍائي سئو ڪھاڻيون لکندڙ، ھي ليکڪ سنڌيءَ ۾ بہ لکڻ شروع ڪري ٿو. خوشيءَ جھڙي ڳالھ آھي تہ ھن جي تربيت تہ اردو جھڙي زرخيز ادبيءَ ٻوليءَ ۾ ٿي آھي پر ھن جو مطالعو ۽ مشاھدو، ھاڻ سنڌي نئين ڪھاڻين جي واڌاري ۾ بہ ڪم ايندو.

انور ڪليم، ھر ھڪ موضوع سان لکڻ ۾ انصاف ڪيو آھي. جڏھن اوھان ھن جون ڪھاڻيون ”ڳاڙھا ڊبا“ ۽ ”ڳاڙھو وڳو“پڙھندؤ تہ اوھان جي چپن تي مرڪ تري ايندي ۽ جڏھن ”ھو سوچي ٿو“ ۽ ”حقيقت“ جھڙيون لکڻيون پڙھندؤ تہ چرڪي پوندؤ. سندس لکڻين ۾ تجربا بہ انتھائي وڻندڙ آھن ”ڪرشن نا ،منٽو نا...“۽ ”ٽي رنگ “ جھڙيون تحريرون ورلي ڪي نظرن مان گذرنديون آھن.

ان ڳالھ جو اقرار ڪرڻو ئي پوندو تہ ھن جي مشاھدي واري نظر سطحي ناھي بلڪ خوردبين وانگر بظاھر نظر نہ ايندڙ شين جي ڪوجنا ڪري ٿي. جيڪڏھن ائين چئجي تہ، معاشرتي*(Hidden Camera)* ليکڪ معاشرتي جا لڪيل ڪئمرا ھوندا آھن.جيڪي پلائين ۽ براين کي فوڪس ڪندا آھن تہ اجايو نہ ٿيندو.

ھن جون سوچون، خواھشون ادب کان شروع ٿي ادب تي ئي ختم ٿين ٿيون. اھو ئي سبب آھي جو ڪنھن وڏي اديب يا دانشور نہ پر ھن اھا تحريڪ ھلائي تہ اقوام متحده جيئن ٻين شعبن ۾ عالمي ڏھاڙا ملھائي ٿي تہ ائين ”ادب جو عالمي ڏينھن“ بہ ملھائڻ گھرجي. ھن اھا ڳالھ پوري ملڪ جي اديبن کان وٺي عالمي ادارن تائين پھچائي آھي ۽ ھاڻي ھر سال 15جنوري تي، سنڌ اندر گھڻن ئي شھرن ۾” ادب جو ڏينھن“ ملھائڻ جي شروعات ٿي آھي. مونکي اميد آھي تہ انور ڪليم جنھن خلوص ۽ سچائي سان سنڌي ادب ۾ پير پاتو آھي. اسان ۽ اوھان بہ انھيءَ سچائيءَ سان ڪيس سٺي موٽ ڏينداسين.

## انجنيئر پرڪاش ڪمار

شھدادڪوٽ

# -دل جي اک سان

دل جي اک سان دنيا ڏسندڙ ڪي ڪھاڻيڪار چئبو آھي. ھو اھڙو تخليقڪار ٿيندو آھي جيڪو ڦڪي ٻسي ڪھاڻيءَ ۾ پنھنجي خوبصورت اڻ ڇھيل خيالن، لفظن ۽ تشبيھن سان ان ۾ اندلني رنگ ڀرڻ ڪان پوءِ ان ڪي حساسيت ۽ معصوميت جو ڪنوارو ويس ڍڪائي آڻيندو آھي تہ اھا ڪھاڻي ھر پڙھندڙ ڪي ڪنوار جيان سينگاريل سنواريل محسوس ٿيندي آھي ھو ان جي ھر ادا ۾ گم ٿي ويندو آھي. انور بہ دل جي اک سان دنيا ڏسندڙ اھو ڪھاڻيڪار آھي، جنھن جي نظرن جي نھار تيز بہ آھي تہ منفرد بہ! عام طور تي اسان جو ليکڪ وڏن ۽ عام موضوعن تي ئي گھڻو لکندو آھي، شايد پنھنجي وت ۽ست ڪان بہ وڌيڪ .... ان ڪري اسان جي لکڻي مطالعي ۽ مشاھدي ڪان گھڻو پري بيٺي ھوندي آھي پر اردو جو ھي ايوارڊ يافتہ ليکڪ ائين ڪو نہ ٿو ڪري. ھي ننڍن موضوعن تي وڏيون ڪھاڻيون ٿو لکي ھن جي لکڻين جو خيال، پلاٽ يا موضوع اھڙو ھوندو آھي جو اڪثر لکندڙ جو ان طرف ڌيان بہ گھٽ ويندو آھي! بلڪل ائين جيئن اسان جون نظرون ڪنھن وڏي بلڊنگ يا پھاڙ جي اوچائي جو تعاقب ڪندي آسمان ڏانھن کڄي وينديون آھن..... ۽ پوءِ .... ان شاھڪار تي گھڻو ڪجھہ ڳالھائي يا لکي ويندا آھيون پر ......... انور ائين نہ ڪندو آھي. مٿي ڏسڻ ڪان پھريان ھو ھيٺ ڏسندو آھي ڪٿي ڪا ڪِول تہ نہ چيپاڻجي وئي آھي. ڪا ماڪوڙي تہ نہ مارجي وئي آھي...!!! ڇو تہ ھو ڄاڻي ٿو تہ پھاڙ يا بلڊنگ تي ڳالھائڻ يا لکڻ وارا تمام گھڻا آھن پر ڪِول جو درد شايد ئي ڪو ڄاڻي.... ماڪوڙي جي موت تي شايد ئي ڪو افسوس ڪري! موضوعن جيان، انور جي لکڻ جو انداز بہ نرالو آھي. ھن جي پڙھڻ ڪان پوءِ بہ نہ چئي سگھندو تہ انور فلاڻي ليکڪ ڪي فالو ڪيو آھي. ننڍپڻ بلوچستان ۾ گذارڻ سبب انور اردو ميڊيم ۾ پڙھيو آھي. ان ڪري ھن لکڻ جي شروعات بہ اردو ۾

ڪئي. ڪجھ عرصي ڪان هو سنڌيءَ ۾ لکي رهيو آهي، سو بہ ايڏو سنو جو اڪثر دوست مڃڻ لاءِ تيار ناهن تہ هو بنيادي طور اردو جو ليکڪ آهي گهر ۾ بلوچي ڳالهائيندا آهن، پر هن جي اندر جي ٻولي سنڌي آهي، ڇو تہ سنڌ هن جي ساهہ ۾ آهي ڪهاڻي هن جي دل ۾ پلجي ٿي ۽ پوءِ قلم مان نڪري پنن تي وکري پڙهندڙن تي ڪي ئي رنگ ارپي ٿي ڇڏي!

اڪثر ليکڪ پنهنجي يا پنهنجي ڪنهن ويجهي دوست جي ڪتاب لاءِ چوندا آهن،”اهو سنڌي ادب لاءِ تحفو/اضافو آهي!“ مان انور جي هن ڪتاب لاءِ ائين نہ چوندس، ڇو تہ اهو حق نہ انور کي آهي، نہ مون کي نہ ڪنهن ٻئي کي...! ڇو تہ اهي فيصلا وقت جي محبوبا تاريخ کي ڪرڻ ڏيو....... اها ئي سڀ ڪنهن سان انصاف ڪندي! باقي انور جو هي ڪتاب اهو ضرور ثابت ڪري ٿو تہ انور کي سنڌي ٻوليءَ سان انتها جوعشق آهي! ”انور منهنجا ياءُ ...!“ تون پنهنجي سوالن جو پيارو پورهيو هڪ لمحي ۾ جنهن جذبن سان اسان کي ارپين ٿو، ساڳين ئي احساسن سان، اسان توکي ايترين دعائون تا ڏيون............ جيترا هن ڪهاڻيءَ ڪتاب ۾ لفظ آهن.

## طارق خشڪ

12-09-2004

شھدادڪوٽ

# انور جي ڪھاڻين ۾ مصنوعيت ناھي

ڪجھ ڏينھن اڳ انور ڪليم سان سندس ئي دڪان تي ملاقات ٿي ھئي، ٻڌايائين، ”منھنجي ڪھاڻين جو مجموعو پيو اچي، ان تي ڪجھ لکي ڏي!“

چيم ”لکندس!“ ان ڏينھن کان مسلسل سوچيو پئي تہ انور تي ڪجھ احساس تحرير ڪيان، پر سچ اھو آھي تہ انور جو پيار منھنجي احساسن تي ايترو تہ حاوي ٿي ويو آھي، جو ان جي وضاحت لاءِ منھنجا سارا لفظ انتھائي ھلڪڙا ۽ خسيس ٿي پيا آھن. ھر جملو لکڻ کان پوءِ اڻپورو سمجھي، واري چڙيان ٿو. جڏھن لفظن ۾ احساسن جي عڪاسي نہ ٿي سگھندي آھي. تڏھن ھميشہ ائين ٿيندو آھي، لفظ شرمنده ٿيڻ لڳندا آھن.

ھونئن تہ اسان شاعر،اديب، جيڪي پاڻ کي لفظن جا سونارا سمجھندا آھيون. لفظن کي ڏاھڻ ناھڻ، اسان جي کٻي ھٿ جي راند ھوندي آھي پر ڪڏھن ڪڏھن لفظن ھٿان ھارائجي ويندا آھيون. تڏھن لکڻ واقعي بہ ڏاڍو اوکو ھوندو آھي. سچ اھو آھي تہ انور جھڙي سلڇڻي ڪھاڻيڪار تي لکڻ لاءِ، مون جھڙي ننڍي ليکڪ لاءِ واقعي ڏکيو آھي. انور جي ڪھاڻين ۾ محبوبا جي ادائن جھڙو موھ بہ آھي تہ قدرت جو چاھ بہ. اسان جي معاشري ۾ ٿيندڙ ڪُڌن ڪرتوتن تي چماٽ بہ آھي تہ آئينو بہ ...! انور جي ڪھاڻين ۾ ڪا بہ مصنوعيت نہ آھي ھو ان تي ئي ڪلندو آھي جيڪو ھن جي مشاھدي جي نظر مان گذرندو آھي. ھو ڊپلوميسي کان الرجڪ آھي. انور کي دوستي دشمني جي ڪا بہ پرواھ ڪونھي. ھو سچ جو ساٿاري آھي. ان سچ لاءِ ھن جي دوستي وڃي ٿي يا دشمني وڌي ٿي، ھن کي ان جي پرواھ ناھي ھوندي. اھڙا ماڻھو ڪنڌي تي ھلندي بہ مسڪرائيندا آھن.منھنجي دوست انور ڪليم جو پنڌ بہ ساڳيو آھي.

فتاح ابڙو

# ليکڪ پاران

## ” ڪرشن نا ...منٽو نا ....“

اڄ وري مون کي ڳاريون ڏئي ويو آهي، منهنجو دوست،’پرڪاش‘ ائين ٿيندو آهي، هت ڪڏهن نافرمان پٽ جي ڪري شريف پيءُ کي ڳاريون ملنديون آهن ته ڪڏهن پاءُ جي ڪري پيءُ يا پاءُ کي، ۽ مون سان به ته ائين ئي ٿيو آهي!

مون کي وري توهان ٻنهي چاچن جي ڪري ’پرڪاش‘ ڳاريون ڏيئي آهي. ڳاريون ڏيڻ وارا به ته ڏاڍا چالاڪ هوندا آهن، ايڏي ته خوبصورتي سان ڳاريون ڏيئي ويندا آهن جو اڳلي وٽ جواب ڏيڻ جي گنجائش ئي نه هوندي آهي، ڪي وري ايتري ته معصوميت سان ڳاريون ڏئي ويندا آهن جو سندن خلوص ۽ معصوميت تي ڪو شڪ ئي نٿو ڪري سگهجي.

۽ ’پرڪاش‘ به شايد انهيءَ معصوميت مان ڳاريون ڏئي ويو جو مون کي ڪاوڙ اچڻ بدران توهان ٻنهيءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ اچي پئي. توهان ٻئي. . . . . . . يعني ’سعادت حسن منٽو‘ ۽ ’ڪرشن چندر‘ توهان ٻنهي کي مون پنهنجو چاچو مڃيو، پر الاءِ ڇو هاڻي توهان ٻئي مونکي ڳچيءَ ۾ پئجي رهيا آهيو. توهان ضرور پڇندؤ ته’اهو وري ڪيئن؟‘

آءُ به لڪايان ڇو؟ صاف صاف ٿو توهان کي ٻڌايان، ڇو ته توهان به ڪا ڳالهه ’لڪائي‘ بيان ڪرڻ جا سخت مخالف رهيا آهيو!

اصل ۾ مون به اوهان جي تحريرن کي ائين شوق سان پڙهيو هيو جيئن هر نئون ليکڪ اوهان کي ۽ اوهان جهڙن ’مهان‘ ليکڪن کي شوق سان پڙهندو آهي. جن به اوهان کي نه پڙهيو، ڄڻ تن ’ادب‘ کي پڙهيو ئي ناهي. (ڪي ماڻهو ڪيڏا نه خوش فهم هوندا آهن. اوهان وانگر يا لاهور شهر جي رهواسين وانگر، جيڪي چوندا آهن ته ’جنهن لاهور ناهي ڏٺو سو ڄڻ ڄميو ئي ناهي......!‘)

ڪيڏي نه خوش فهمي واري ڳالهه آهي؟؟

جيئن چاچا منٽو، هندستان جي ورهاڱي وقت چيو هو ته ’مان پاڪستان ويندس ته جيئن اتان جي ادب کي سنياليان ۽ يتيمي کان بچايان.‘

چاچا، هتان جو ادب تہ يتيم ٿيڻو ئي نہ هو، اهو تہ صرف ۽ صرف  اوهان ۽ اوهانجي گمر عصرليکڪن جي خوش فهمي هئي. جي اوهان ۽ چاچا ڪرشن چندر هن وقت بہ زندهہ هجو ها. تہ اسان لاءِ تہ ڪجهہ نہ ڪري سگهو ها، پر شايد اوهان پاڻ بہ وڏي ڏچي ۾ هجو ها. جنهن وقت اوهان لکندا هيئو، ان وقت قدرت طرفان اوهان سان وڏيون پلايون ٿيل هيون. ان وقت گڏيل هندستان جا سمورا پڙهيل لکيل ماڻهو اوهان کي پڙهندا هيا. تمام ٿورا ليکڪ هيا، جنهن ڪري اوهان نروارتي سگهيو، تمام گهڻ رسالا ۽ اخبارون هيون ۽ اهي سڀ اوهان کي سٺي موٽ ڏيندا هيا. هن وقت تمام گهڻا ليکڪ آهن، تمام ٿورا پڙهڻ وارا آهن. پڙهڻ وارا ۽ لکڻ وارا گروپ بندين ۾ ورهايل آهن هر ڪو صرف پنهنجي لکيل تحرير پڙهي ٿو يا پنهنجي ڪنهن تمام ويجهي دوست جي ڪا شيءِ پڙهي ٿو. تمام جلد صورتِ حال اها بيهندي جو ڪرائي تي پڙهڻ وارا بہ ڪونہ ملندا.! ۽ چاچا .... اوهان ان وقت جڏهن لکندا هيا تہ اوهان کي ڪمائڻ جي ڳڻتي تمام گهڻ هوندي هئي يا اوهان ڪمائيندا هيا تہ بہ صرف 'بوتل' لاءِ ! جڏهن تہ اسان کي صبح کان وٺي رات تائين، جن ضرورتن لاءِ ڪمايون ٿا، انهن جي لسٽ ايتري تہ ڊگهي آهي جو نالي ڳڻيندي بہ ساهہ منجهي ٿو پوي.  انهن سڀن ڳالهين جي باوجود مان مڃان ٿو تہ اوهان پنهنجي وقت جي حساب سان تمام سٺو لکيو آهي. انهي دور ۾ جڏهن ماڻهو/ليکڪ چڻ تہ گونگا هيا، اوهان رڙيون ڪيون، وڏي واڪي پنهنجا خيال بين جي آڏو رکيا. پر منهنجي خيال ۾ اوهان جون رڙيون، يا فنڪاري سان لکيل تحريرون ماڻهن کي جاڳائڻ لاءِ نہ پر پنهنجي 'هجڻ' جو احساس ڏيارائڻ لاءِ هيون.

غالب جي شعر وانگي گهڻا ماڻهو، 'بدنامي' جو رستو ئي 'مشهور' ٿيڻ لاءِ وٺندا آهن، تڏهن تہ هر دور ۾ 'سلمان راشدي' پيدا ٿيندا رهندا آهن! چاچا ڪرشن....... چاچا منٽو.......... جنهن صديءَ ۾ اوهان رهيا ان صديءَ پنهنجو سفر پورو ڪيو آهي، هڪ ٻي صديءَ پنهنجو سفر شروع ڪيو آهي ۽ مان ان صديءَ جو ماڻهو آهيان. گذريل صديءَ جي ادبي ذڪر ۾ اوهان جا نالا يقينن مثانهان رهندا پر هن صدي جي تقاضا  اها آهي هن صديءَ ۾ اهو ئي اڳتي هلي سگهندو، جنهن جو پنهنجو الڳ رستو هجي، پاڻ تي اعتماد هجي، ڪنهن ادبي بابا، استاد، چاچا جي آڱر وٺي نہ هلي. انڪري گذريل صديءَ جي سفرختم ڪرڻ ۽ نئين صديءَ جي سفرشروع ڪرڻ سان ئي مون اوهان کي انتهائي ادب و احترام سان "باءِ باءِ" چيو آهي. چاچا ڪرشن، چاچا منٽو. . . . . . مان سمجهان ٿو تہ ائين هڪ 'نندي' جو اوهان جهڙن 'وڏن' سان اڪيون اڪين ۾ ملائي ڳالهائڻ اوهان کي ۽ اوهان جي استاد جي پرستارن کي

متان نہ وٺي. پر مان سچ ڳالهائي رهيو آهيان، ڇو تہ اوهان پئي بہ ’سچ‘ جا وڏا حامي آهيو. ”ڪرشن ۽ منٽو ڪي پڙايو، اسان بہ ڪهاڻي لکون ٿا، گذريل صدي اوهان جي هئي ۽ هيءَ صدي اسان جي آهي.“

مون کي ياد آهي، هو دوست ڏاڍو ڪاوڙجي پيو هو، هر ڪنهن کي چوندو هو، ”يار، نوان ليکڪ ڏاڍا گستاخ ٿي پيا آهن....... هن انور کي ئي ڏس....... پاڻ کي پاڻ ئي معتبر پيو سمجهي!“ چاچا! لڳي ڳالهہ تمام ڏکهي ٿي وئي آهي، مان تہ اوهان کي اهو چئي رهيو هيس تہ منهنجي دوست ’پرڪاش‘، مون کي اوهان جي نالي تي گاريون ڏنيون آهن.

چاچا، آءُ هن کي پنهنجون ڪهاڻيون ڇپجڻ کان اڳ، پڙهائيندو آهيان، اڄ بہ ائين مون ڪيس پنهنجي ڪهاڻي ڏني، پڙهي مون کي چيائين، ”واهہ ........ واقعي تون معاشري جو نبض شناس آهين، بلڪل ڪرشن ۽ منٽو وانگر ............“

چاچا، سچ پڇو تہ مون کي ان لمحي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، مون کي ائين لڳو ڄڻ هن مون کي معصوميت مان گار ڏني هجي. چاچا اهي ڪي ٿورا هوندا، جن کي پنهنجو چهرو نہ وڻندو هجي، اهي ٻين جي چهرن، يا نالن ۾ شهرت ۾ پاڻ کي لڪائيندا آهن، چاچا! مون کي پنهنجو چهرو يا پنهنجي سڃاڻپ وڻندي آهي. مان نہ ٿو چاهيان تہ ڪنهن ٻئي جو ماسڪ پايان يا ٻئي جي حوالي سان سڃاتو وڃان. مان پنهنجي الڳ رستي تي هلڻ ٿو چاهيان، هوريان هوريان سهي، ٿڙندو، ٿاٻڙندو سهي. ان ڪري چاچا، مون کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳندي آهي، جڏهن ڪو ماڻهو منهنجي ڪهاڻي پڙهي اوهان کي ياد ڪندو آهي. اوهان ٻنهي سان بي انتها محبت باوجود، ان لمحي دل چوندي آهي تہ ڪاش مان نشاني باز هجان ۽ ڪنهن جي وڏي ٻُورَ جي بندوق سان، اوهان ٻنهي کي پڪڙي، ڪنهن بال جيان مٿي هوا ۾ اڇلائي نشانو وٺان............

”ڪرشن نا ....منٽونا....“

انور ڪليم
موچي بازار_شهدادڪوٽ
Ph: 0742-413687

# حسن جي ڳالهہ ئي نہ ڪيو

هي مختصر ڪهاڻيءَ جو دؤر آهي. ڪهاڻي، فن تي هر نقاد جي پنهنجي پنهنجي راءِ آهي. سڀني جي راءِ اختلافي پڻ.

ڪهاڻي ٻن ٿنين تي ٻڌل آهي "1 واقعو ۽ 2 ڪلائيميڪس."واقعي ۾ موضوع، پلاٽ، ڪردار، ماحول، وقت ۽ ڪردار جي گفتگوءَ ۾ ٻوليءَ جي پيشڪش ـ باقي ڪلائيميڪس ڪهاڻي جو نڪ آهي.

منهنجي پياسي نگر ۽ ٻنجر پرڳڻي جو نوجوان انور ڪليم، ان خطي جي اوائل واري ماڻهوءَ، پنيان ٻڌل ٿوٻيءَ واري کي ان ڪري گولي هَئين تہ هن جي بوچڻ ۾ ماني ٻڌل آهي ـــ ان ڏتڙيل علائقي مان ههڙو سون وريڪو ماڻهو پيدا ٿي پوي، اهو پڻ ماڻهپي جو معراج.

33 ٿڏين جو مزو مٽيندڙ ـ بيسِن واري اباڻي ڳوٺ کان ياڳ ناڙي ۽ پوءِ شهدادڪوٽ ۾ رهائش اختيار ڪيائين.

ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ.

انور ڪليم جي اڪثر ڪهاڻين جا موضوع، ڪنوار کي ڏنل ڏاج ۾ نڪور ڪانجهي جي ٽانون جهڙا حسين آهن. جنهن کي سنڌ جي ڪنهن لکڻهار نہ ڇُهيو آهي. موضوع واري چونڊ جي معاملي ۾ انور اهو ڏاتيار آهي جو هن جي ڪهاڻي منفرد مقام ماڻي وٺندي. هن ڪهاڻي ـ ڪتاب ۾ هڪ اهڙي سٽ آهي جنهن کي ڪو بہ احساس وند ماڻهو وساري نہ ٿو سگهي. "سچ پڇو تہ مان ساهہ کڻڻ بہ وساري وينو هيس." ص(82).

سچ حسن آهي ۽ حسن جي ڳالهہ ئي نہ ڪيو. اوهان کي جيڏي ڪائنات حسين لڳي ٿي، انسان ان کان وڏيڪ حَسينُ. خدا حُسن کي پسند ڪري ٿو، چو تہ مالڪ سائين سيني کان وڏيڪ حَسين آهي.

عزيز قاسماڻي
مصطفيٰ جو گهر، لاڙڪاڻو
16-11-2004

# ڳاڙها ڏيا

”اڙي توکي شرم اچڻ کپي....“ بابا جو آواز ٻڌم پر ڪو ڌيان نہ ڏيندي ناشتو ڪندو رهيس. بابا بہ سمجهي ويو آهي تہ آءُ نڌڻ ٿي ويو آهيان. ايتري ڳالھ جو اثر نہ وٺندس. پر هو بہ مون کي چيڙائڻ جو قسم کڻي ويٺو هو. وري چوڻ لڳو، ”توکي نہ دنيا جي ڳڻتي، نہ آخرت جو فڪر ......... رڳو اٽي تي چٽي....“ بابا مونکي ”اٽي تي چٽي“ تہ اڪثر چوندو آهي. پر اڄ پهريون ڀيرو ”نہ آخرت جو فڪر“ چيائين تہ ٿورو چرڪي پيس ان ڪري نہ تہ مون کي آخرت جو فڪر ڪو ايڏو پريشان ڪيو. پر بابا اهو جملو اڳ ڪڏهن نہ استعمال ڪيو هيو. هونئن تہ گهڻو وقت اڳ بہ بابا جڏهن ڪا اهڙي ڳالھ چوندو هيو تہ ڪاوڙجي گهر ۾ ماني نہ کائيندو هيس، پر ان ڏينهن بابا خوش ٿيندو هيو تہ بيڪار ماڻهوءَ ماني جو ويلو ٽاريو. وري ڪوشش ڪندو هيو تہ ٻئي ويلي اها پاروٿي ماني مون کي ملي. جڏهن بابا جي اها ”سازش“ سمجهي ويو هيس تہ ڪاوڙ ڪرڻ ڇڏي ڏني هيم.

پر اڄ بابا ” آخرت “جو طعنو بہ ڏنو تہ نہ رهي سگهيس،

”بابا.....تبليغ تي وڃو پيا ڇا؟“ چيم.

”اڙي تنهنجي افعالن کي ڏسي تہ دنيا کان وڃڻ کپي“ چڙي جواب ڏنائين، ڪو جواب ڏيڻ بدران ماني جو آخري گرھ بہ ’پيٽ پيڙو‘ ڪري اٿيس، گهر کان ٻاهر نڪرڻ لڳس تہ بابا رڙ ڪئي.

”اڙي جي شرم هجي تہ پنهنجي هم عمر ڇوڪرن کان سبق پراءِ ......... ٻاهر ڏس تہ هو ڇا، ڇا ڪن ٿا!؟“

ٻيهي پڇيم ”ڪنهن وري ڇا ڪيو؟“

”ڏسجانءِ تہ قلندر بخش جي پٽ ڇا ڪيو آهي؟ جو هرڪو وٽي ان جي تعريف ڪندو“.

”بابا......جي هو قلندر بخش جو پٽ آ تہ مان سچل جو پٽ آهيان........“ ”ڪڏهن نہ ڪڏهن توهان بہ مون تي فخر ڪندؤ...“

بابا کي دلجاءِ ڏيڻ چاهيم.

”پر الاهي ڪڏهن.....“ دروازي کان نڪرندي بابا جو آواز ٻڌم. آءُ گهٽيءَ ۾ بيهي هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳس ته قلندر جي پٽ مظهر ڪهڙو ڪارنامو انجام ڏنو آهي، مون کي نه ته ڪا نئين بلڊنگ نهيل نظر آئي، نه ڪو اهڙو ڪو ٻيو ڪم، جنهن جي ڪري بابا قلندر بخش جي پٽ جي هرويرو تعريف پيو ڪري.

”در جي اڳيان چو بيٺو آهين چورا؟“

آواز ٻڌي چرڪي ڏٺم ته، ماسي نصيبان پنهنجي در اڳيان بيٺي مون کي شڪ ڀري نگاهن سان ڏسي رهي هئي.

غير شادي شده ماڻهو، نالي ۾ بدنام، سو جلديءَ ۾ چيم،

”ڪجهه به نه ماسي“ ائين چئي اڳتي وڌيس ته پاڙي جا ٻه چار ماڻهو هڪ هنڌ بيٺل ڏٺم، ويجهو پهتس ته هو پاڻ ۾ چئي رهيا هئا، ”ڀائو واهه جو ڪم ڪيائين“ ٻئي چيو ”هائو سائين ان شئي جي ضرورت به هئي“، ٽئين چيو”الله اجر ڏيندس“.

مان به ويجهو اچي چڪو هيس ڏٺم ته پٽ ۾ هڪ ڳاڙهي رنگ جو ننڍو دٻو لڳل هو. جنهن مٿان اڇي رنگ سان لکيل هو.

”اخبارن رسالن ۾ ڇپيل قرآني آيتن کي بيحرمتي کان بچايو، هن دٻي ۾ قرآني آيتون وجهو“.

اسان جي پاڙي ۾ پهريون ڀيرو اهي دٻا لڳا هيا. مون اتي بيٺلن کان پڇيو، ”سائين هي ڪهڙي تنظيم وارن هنيا آهن؟“

هڪڙي ڪراڙي ماڻهوءَ چيو، ”ابا تنظيم وري ڪهڙي، شاباس آهي قلندر واري پٽ کي...........“

ٿڏو ساهه ڀريم، سمجهي ويس ته صبح سان بابا قلندر بخش جي پٽ جي تعريف چو پئي ڪئي. سچ پچو ته ان وقت مون کي بابا تي ۽ هنن ماڻهن تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، ڀلا هي ڪو ايڏو وڏو ڪم هو جو ايتري قدر تعريف ڪن پيا.

نظر ڦيرايم ته گهٽيءَ ۾ ڀري تائين ٻه ٽي بيا به دٻا نظر آيا. مون کي حيرت ٿي ته ڪو نه ڪو ڪتاب هٿ ۾ ڪٽي، نظر وارو چشمو لڳل، پنهنجي خيالن ۾ گم رهندڙ مظهر کي هنن نيڪي وارا دٻا لڳائڻ جو خيال ڪيئن آيو؟

مظهر منهنجي پاڙي جو هو پر منهنجي ساڻس ڪا خاص دوستي ڪانه هئي. هو سدائين پنهنجي خيالن ۾ گم رهندڙ ۽ تنهائي پسند محسوس ٿيندو هو. هڪ دوست ته هڪ ڀيري ٻڌايو هو ته مظهر عيد تي ڪپڙا وٺڻ بدران پروين شاڪر جو مجموعو"خوشبو" ورتو هو، ان ڳالهه تي ڏاڍو ڪلياسين هياسين. وري ڏنوسين ته مظهر نمازي به ٿيو آهي. ڏاڙهي ته ڪانه رکي هيائين پر نماز تي باقائده ويندي نظر ايندو هيو.

هو اسان وانگر ڪرڪيٽ ڪيڏي، هوٽل تي وي سي آر ڏسندي نظر نه ايندو هيو. پر ڪتاب پڙهندي ڪراڙن ماڻهن سان ۽ ننڍن ٻارڙن سان ڪچهريون ڪندي نظر ايندو هيو."ڪڏ ۾ پوي" مظهر بابت خيالن ڪان جان ڇڏائڻ لاءِ چيم ۽ پنهنجي پاڙي مان نڪري آيس. ايئن ڪافي ڏينهن تائين پاڙي ۾ مظهر جي لڳايل ڳاڙهن دٻن جو چرچو ٿيندو رهيو. مان ۽ مون جهڙا ٻيا نوجوان آزار ۾ پئجي ويا هئاسين، وڏي عمر وارا اٿندي ويهندي اسان کي مظهر جو مثال ڏيڻ لڳا هئا.

هڪڙي ڀيري گهٽي ۾ مظفر ملي ويو، آهستي آواز ۾ "لاحول " پڙهيم پر هو شيطان وانگر پٺگو نه پر منهنجي سامهون اچي زور سان السلام عليڪم چيائين. وعليڪم چئي هٿ ملايم ته پنهنجو چشمو ناهيندي چوڻ لڳو،

"سائين هڪ عرض ڪرڻو هيم...."

"سائين حڪم ڪيو" زبردستي چپن تي مرڪ آڻيندي چيم.

"سائين گهٽي ۾ اهڙا ڪجهه ٻيا به دٻا لڳائڻا هيا ......... اوهان مهرباني ڪري هڪ دٻي جي ذميواري کڻو........" هن چيو.

"گهڻا پئسا....." چوڻ چاهيم ته منهنجي ڳالهه ڪٽيندي ڪنن تي هٿ لائيندي چيائين، "نه سائين نه ......... پيسا نه کپن........ بس هڪ دٻو توهان نهرائي ڏيو......."

مون واعدو ڪيو ته هڪ دٻو ضرور نهرائي ڏيندس. هو تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ مهرباني چوندي هليو ويو. دل ۾ سوچيم ته ايڏو سنو ته نه آهيان جو دٻي تي خرچ ڪيان پر هن جنهن اميد ۾ نماڻي انداز سان چيو، تنهن ڪري دل تي پٿر رکي هڪ دٻو نهرائي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هيم. ڪجهه ڏينهن وڏيڪ گذريا ته رستي ويندي مظهر مون کي دٻو نهرائي ڏيڻ وارو واعدو ياد ڏياريو. مون ڪيس يقين ڏياريو ته مون کي ياد آهي ۽ آءُ جلد ڪيس هڪ دٻو

نهرائي ڏيندس. اصل ۾ بابا کي چيو هيم ته ڪجهه ڪتاب وٺڻا آهن پيسا ڏيو، مون سوچيو هيو ته اتان ڪجهه پيسا بچائي مظهر کي هڪ دٻو نهرائي ڏيندس. هڪ ڏينهن جيئن دوستن سان گهمڻ ڦرڻ کان پوءِ گرمي جي ڪري پگهر ۾ ڳڙندو، گهر ۾ داخل ٿيس ته بابا ڪجهه پيسا ڏيندي چيو "متي ۾ سور آهي، ميڊيڪل اسٽور تان ڪا ٽيبليٽ وٺي اچ ..." اتان موٽيس. گهر کان ٻاهر نڪتس ته ڪجهه قدم هلڻ کان پوءِ جيئن نڙر تي آيل پگهر کي آڱر سان اگهي زمين تي اڇلايم ته زمين تي ڪنهن اخبار جو ٽڪرو نظر آيو، سوچيم ته متان ڪا آيت نه ڪليل هجي سو جهڪي ڪنيم ته واقعي ڪي پاڪ نالا لکيل هئا. ڪجهه قدم اڳتي هلي مظهر جي لڳايل ڳاڙهي دٻي تي نظر پئي.

اخبار جو اهو ٽڪرو دٻي ۾ احترام سان رکيم ته دٻي اندر ڪنهن پريل لفافي جي هجڻ جو احساس ٿيو. غير ارادي طور ان کي ڪڍي ڪييم. اهو خاڪي لفافو هيو. ايئن اندران ڪوليم ته هڪ وڏو خط لکيل هو جيڪو پڙهڻ لڳس،

"ڊيئر فرحانه - سلام محبت

حيرت ۽ افسوس آهي جو توکي اجا منهنجي محبت جو يقين نه ٿو ٿئي، تنهنجي ڪري تنهنجي پيءُ سان گڏ نماز پڙهڻ شروع ڪيم. تنهنجن ننڍن ڀائرن سان دوستي رکيم. تنهنجي خطن لاءِ سهولت خاطر هي ڳاڙها دٻا هنيم ته جيئن تون خط آساني سان ان ۾ وجهي سگهين.........."

خط ڊگهو هو صرف آخري سِٽ پڙهيم ته لکيل هو.

" فقط تنهنجو..........مظهر.........."

***

# جُملي باز

هو پنهنجن دوستن ۾ سيني کان تيز سمجهيو ويندو هيو، شرارتن ۾، جملي بازيءَ ۾، خاص طور جڏهن معاملو ڪنهن ڇوڪريءَ جو هجي ته .

هن جون ڪيل شرارتون، هن جا چيل جملا، پنهنجي حلقي ۾ مثال ڏيڻ جيترو مشهور ٿيندا هيا.

ڪڏهن ڪڏهن ته هو پاڻ ئي دل ۾ سوچيندو هيو،

”واقعي مون جهڙو شرارتي يا جملي باز هزارن ۾ ڪو هجي.“

شبير چوندو هيو، ”جنهن ڇوڪريءَ جي بدقسمتي هجي اها معين جي سامهون اچي..........“

هن هڪ ڀيري چيو هيو ”ڇوڪريون ساوا مرچ اٿئي....ڪائڻ وقت وات سڙي......پر هضم ٿيڻ کان پوءِ هزار فائدا.“

سيني جا گڏيل ٽهڪ گونجيا هيا.

ان ڏينهن کان پوءِ هن جا سمورا دوست ڪنهن ڇوڪريءَ جو فڪر ڪندا هيا ته ڇوڪريءَ جي بدران لفظ ”سائو مرچ“ استعمال ڪندا هئا. ڪو چوندو هو، ”اڄ سائو مرچ ڏٺم ....“

يا وري ڪو چوڻ چاهيندو هيو ته فلاڻي جي گهر ۾ گهڻيون ڇوڪريون آهن. يا ڏٺم ته اهو چوندو هيو،

”ابا ..... فلاڻي جي گهر ۾ ڏاڍا ساوا مرچ پوکيل آهن.....“

۽ پوءِ دوستن جا تبصرا شروع ٿيندا هئا.

هڪ ڀيري هڪ ڇوڪريءَ جو گهمڻ ڪيس ڏاڍو وڻيو پوءِ ته اٿندي ويهندي ڪيس ياد ڪري چوندو هيو،

”هن جو جسم ائين لڏي رهيو هيو ڄڻ نرم نرم جيلي ڪسٽر....“

شبير سان گڏ گهمندي هڪ ڀيري سامهون ايندڙ ڇوڪريءَ کي نظر وارو چشمو پاتل ڏسي رڙ ڪيائين،

”شبير ڏس ته ....ڇوڪريءَ جون ڏائڻ جيڏيون اکيون...؟“ ڇوڪري بہ ڪا سادي هئي، جلدي ۾ چشمو لاهي چيائين ”نہ يائو اهي عينڪ جي ڪري ايئن آهن......“

هو ٻئي ٽهڪ ڏيندي هليا ويا هئا.

هڪ ڏينهن رضوان کي اداس ڏسي هن اداسيءَ جو سبب پڇيو، رضوان ڪافي دير ٽائين ٽٽائيندو رهيو آخر سچي ڪيائين ته،

”هڪ ڇوڪري آهي....لفٽ نہ ٿي ڪرائي.“

”تو ڪا ڪوشش ڪئي....؟“ معين پڇيو.

”ها ........ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو تہ ڳالهائي نہ ٿي......“

”ڪو خط وغيره؟“

”لکي ڏيانس ٿو وني ئي ڪانہ ٿي....... ڊڄڻي آهي...“رضوان ايڏي تہ معصوميت سان، ”ڊڄڻي آهي“ چيو جو هن کان ٽهڪ نڪري ويو.

”ڊڄڻي آهي تہ اچا سنو........ ٻهادر ٿي ويندي.“ هن رضوان کي تسلي ڏني. ٻئي ڏينهن هن ويڪرا ڪپڙا پاتا ۽ ڪنهن کان ورتل ڪپڙا نرڙ تي رکي ڪاليج کان موڪل وقت رضوان سان گڏ ان ڇوڪريءَ جو پيڇو ڪيو، هڪ

گھٽيءَ ۾ انهي چوڪريءَ ۽ ان جي ساهيڙي پويان هلندي معين رعب واري انداز ۾ چيو،” رضوان....منهنجي دل چوي ٿي تہ ور مان پستول ڪڍي تنهنجي محبوبہ کي ماري ڇڏيان....“

”ڇو؟“ رضوان منصوبي موجب حيرت مان پڇيو.

”ان ڪري تہ هو توسان پيار نہ ٿي ڪري.....“

معين تيز لهجي ۾ چيو.

” نہ نہ ....... هو مون سان پيار ڪري ٿي پر ٿورو ڊڄي ٿي.....“

رضوان چيو. ”چڱو سياڻي هن کي خط ڏي....... نہ وني يا ٻئي ڪنهن کي ٻڌائي تہ مون کي ٻڌائجانءِ.....، آءُ پستول سان هن کي ختم ڪندس....“

چوڪريون هن جي اهڙي ڳالھ تي هيسجي تيز تيز قدم کڻندي هليون ويون ۽ هي بہ ٺهڪ ڏيندي موٽي آيا ۽ واقعي ان چوڪريءَ رضوان جي لکيل خط کي قبول ڪيو پوءِ تہ رضوان جڻ معين جو مريد ٿي ويو.

هن جي مريدن جو تعداد اجا وڌي ها پر ان کان اڳ هو پاڻ ڪنهن جو مريد ٿي ويو. اها سندس ڪا پري جي مائٽياڻي هئي، جنهن جي حُسن اڳيان هو پاڻ شهيد ٿي ويو هيو. هن گهر وارن جي اڳيان ڇِٽو چئي ڏنو، ”آءُ شادي ڪندس تہ ان سان نہ تہ يقين ڪريو آءُ خودڪشي ڪندس.......“

سندس دوست حيران رهجي ويا تہ ڇا هو ڪنهن چوڪريءَ سان ايڏي محبت ڪري سگھي ٿو؟

ڪنهن کي بہ يقين ڪو نہ ٿي آيو، پر هن جي مڱڻي ٿي ۽ ڪجھ ئي مهينن ۾ شادي بہ، تہ هر ڪنهن کي يقين اچي ويو. سندس سڀ دوست ڏاڍا خوش ٿيا. شادي واري ڏينهن مذاق ڪندي ڪلندي هڪ دوست چيو. ”ڏک ان ڳالھ جو ناهي تہ تون هاڻي اسان کي ٽائيم نہ ڏيندينءِ ........ ڏک ان ڳالھ جو آهي تہ توکان پوءِ جملي بازي نہ ٿي سگھندي.......“

سيني ان ڳالھ کي مڃيو...... ان لمحي هن دل ئي دل ۾ محسوس ڪيو تہ شايد واقعي هن کان پوءِ هن جي جملي بازي ختم آهي....... شادي کان پوءِ هوريان هوريان دوستن کان پري ٿيندو ۽ ڏينهون ڏينهن مصروف ٿيندو ويو. زندگي بظاهر تہ پرسڪون گذري رهي هئي پر جڏهن شادي جي ڪافي عرصي تائين ڪيس اولاد نہ ٿيو تہ هن دل ئي دل ۾ باسون باسڻ شروع ڪيون. آخر ڊاڪٽر کان ٽيسٽون ٿيون. رپوٽن موجب ٻئي زال مڙس ٻئي صحيح هيا. بس پوءِ پيرن فقيرن کان دعائن تي ڌيان وڌي ويو. وڏي عرصي کان پوءِ خدا سندن مٿان مهربان ٿيو ۽ آخر اهو لمحو بہ اچي ويو جڏهن هن کي اولاد جي خوشخبري ٻڌائي وئي.

”چنڊ جهڙي ڌيءَ ڄائي اٿئي.“

ڌيءَ ڄمڻ جو ٻڌي هڪ لمحي لاءِ هو اداس ٿي ويو، پُٽ جي خواهش.

هڪ پٽ .... جيڪو هن جو بازو ٿي ها. پر اهي احساس ۽ ڌيءُ ڄمڻ جو ڏک ان لمحي ختم ٿي ويا، جڏهن ننڍڙي چوڪريءَ کي سندس جهول ۾ رکيو ويو. چوڪري بلڪل هن جي همشڪل هئي. ساڳيون وڏيون وڏيون اکيون، پورو چهرو، هن کي لڳو ڄڻ هن بيو جنم ورتو آهي.

”وڏي زندگي پئي آهي.....“ هن سوچيو جنهن الله پاڪ اها نياڻي ڏني آهي، اهو ئي پٽ بہ ڏيندو....“

بس ان ڏينهن کان پوءِ هن جي زندگي ڄڻ اجا وڌيڪ بدلجي وئي. ”مان پنهنجي ڌيءَ کي ڊاڪٽر بڻائيندس.“ هن گھر ۾ اعلان ڪيو.

ان ڏينهن کان هن وڏيڪ محنت ۽ خرچن ۾ بچت شروع ڪئي. هن انشورنس پاليسي ورتي ۽ وارث طور ڌيءَ جو نالو ڏنو، هن کي ايئن لڳو ڄڻ هن ڌيءَ لاءِ سڄي دنيا جو خزانو محفوظ ڪيو هجي.

هنن جي خاندان ۾ سالگرهه ملهائڻ جي ڪا روايت ڪا نہ هئي پر انشورنس جي ساليانی قسط ڀياريندو هيو تہ ڌيءَ جي عمر جو اندازو ۽ پنهنجي ڪراڙپ جو احساس ٿيندو هيس.

ڌيءَ جي ڊاڪٽر ٿيڻ ۾ باقي ايترا سال .....؟ هو اندازو لڳائيندو هيو. انشورنس جي قسط ڀيارڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن چيس "بابا ...هاڻ ڪاليج ۾ داخلا وٺي ڏيو...."

هن خوشي ۽ حيرت مان پنهنجي ڌيءَ ۽ پوءِ ان ڪبٽ ڏانهن ڏٺو، جنهن ۾ انشورنس جو فائيل پيو هيو. ان کي لڳو ڄڻ سندس ڌيءَ سان گڏ اهي فائيل بہ وڏا ٿي ويا هجن.

" جيجل ! آءٌ توسان گڏ هلندس ۽ هلي داخلا وٺي ڏيندوسانءِ ." هن ڌيءَ کي خوش ٿيندي چيو.

ٻي ڏينهن صبح جو ڌيءَ سان گڏ نڪتو. هو ڌيءَ سان مستقبل جي باري ڳالهائيندو، مطمئن قدمن سان هلي رهيو هيو.

"مان سچ پيو چوان " هن جي ڪنن ۾ آواز آيو، پر هن صرف هڪ لمحي لاءِ ڌيءَ سان ڳالهائڻ بند ڪيو، وري پنهنجي ڳالهہ ورجائڻ لڳو پر پويان وري زور سان چيو ويو، "نہ ائين نہ آهي....."

"شرط لڳي؟"

هن ٿورو منهن ورائي ڏٺو، پويان بہ نوجوان ڇوڪرا پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهہ تي بحث ڪندا پئي آيا.

هن کي پنهنجي نوجواني جو وقت ياد آيو....بي فڪري......بي پرواهي..... ڳالهہ ڳالهہ تي بحث ڪرڻ شرطون......

"بابا هلو..." ڌيءَ جي هوريان سڏ ڪرڻ تي هو ڇرڪي پيو ۽ اڳتي هلندي وري پنهنجي ڳالهہ ڇوڻ جي ڪيائين تہ نوجوانن مان هڪ جو ضد واري لهجي ۾ آواز ٻڌائين،

"توسان شرط لڳل آهي....."

"ٺيڪ" ٻئي چيو.

ايتري هو ٻئي جي پرسان گذريا .

" ڏنئي غور سان ؟" هڪ نوجوان چيو.

" ها يار ...واقعي شلوار ۾ ڇوڪريءَ کي اڳث نہ پر ربڙي پاتل آهي...."

ٻنهي جا ٽهڪ گونجيا.

هن کي لڳو ڄڻ اهي شرارتي جملا نہ پر باهہ جا گولا هيا، جيڪي هنجي ڪنن ۾ پيا .

***

# 32

هو منهنجو هڪ دوست جي معرفت دوست ٿيو هو.طبعيت ۾ هڪ جهڙائي هئڻ ڪري ٿوري ئي عرصي ۾ هڪ ٻئي جا همراز بڻجي ويا هياسين، پر مون کي هن جي هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي سا اها تہ هن جي هٿ ۾ جڏهن قلم ايندو هو يا جڏهن اسان ڪنهن هوٽل ۾ ويهندا هياسين، تہ جڳ يا گلاس ۾ پيل پاڻيءَ مان هو آڱريون ٻوڙي گهڙي گهڙي 32 جو انگ لکندو هو. اڄ بہ هن هوٽل تي ويٺي ائين پئي ڪيو. پاڻيءَ جي ٽيپن مان هو 32 ـ 32 لکندو رهيو. پوءِ پڇيومانس، ”ياءُ ....اهي جيڪو تون جتي ڪٿي 32 جو انگ لکندو رهندو آهين....! چا خدا ڪان ايترا ڪروڙ ڊالر گهرندو آهين...... يا ڪويتي دينار ......!!؟“

هن هڪ پل نظر مون تي وڌي ۽ پوءِ هميشہ جيان مرڪي نظرون وري ساڳي انگ ۾ کُپائي ڇڏيائين. اهو هِن جي ٽالڻ جو بهترين طريقو هو پر منهنجي گهڻي زور ڀرڻ تي هن ٻڌايو،

”اهو منهنجو لڪي (ياڳ وارو) نمبر آهي...!“

مون کان ٺهڪ نڪري ويو، کلندي چيومانس،

” ياءُ هن وقت تائين تنهنجو ڪو ٻانڊ نہ کليو آهي..... نہ ئي قرض مان جان آجي ڪرائي سگهيو آهين......... وهنجندو روز آهين، صابڻ ڪڏهن ڪڏهن هٽندو آهين....! تہ پوءِ تنهنجو اهو لڪي نمبرڪهڙي ڪم جو....؟“

هن مرڪي چيو، ”چا لڪ صرف دولت ۾ آهي...؟“

چيومانس، ”پوءِ ٻڌاءِ ....لڪي جو مطلب چا آهي....!؟“

” انسان جون ڪجهہ حرڪتون لاشعوري هونديون آهن....!“

هن مون کي مطمئن ڪرڻ لاءِ چيو.

پڇيومانس، ”ايمانداري سان ٻڌاءِ ....چا تون اهو انگ لاشعوري طور لکندو آهين...!؟“

هن مون سان نظرون ملائڻ چاهيون پر ملائي نہ سگهيو، اکيون جهڪائي ٽيبل تي پاڻيءَ جي ڪريل قطرن کي ڳولهڻ لڳو، مون ٽيبل تي ڪجهہ پاڻي هاري ڪيس چيو.

”هاڻي شروع ٿي....لکندو وڃ 32 ـ 32 ....!“

منهنجي ان حرڪت ۽ جملي تي هن هڪ نظر مون تي وجهي، کلي ڏنو هو ۽ پوءِ وري نظرون ٽيبل تي هاريل پاڻيءَ تي کُپي ويون هئس. ڪافي دير خاموش ۽ گم سم رهڻ کان پوءِ هن پاڻيءَ مان آڱريون ٻوڙي ٽيبل جي هڪ ڪنڊ تي وڏن اکرن ۾ لکيو 32 ۽ ان کي وڌيڪ چٽو ۽ وڏو ڪندي چوڻ لڳو،

”زندگي پر .... ڪجهہ ماڻهن کي...ڪن واقعن کي ياد رکڻ لاءِ اسان وٽ لاشعوري يا شعوري طور مخصوص ڪوڊ نهي پوندا آهن......... منهنجو 32 لکڻ بہ ڪنهن ماڻهوءَ جي ياد سان وابستہ آهي....!“

”مونکي ان ماڻهوءَ بابت نہ ٻڌائيندين..؟!“

هن جي خاموش ٿيندي ئي مون ڪائنس پڇيو.

هن وري نظرون ڪنيون، ڪجهہ دير مون کي ڏسندو مرڪندو رهيو پوءِ ڳالهائيندو ٿي ويو.................

ھي انھن ڏينھن جي ڳالھ آھي، جڏھن مان اليڪٽريشن جو ڪم چڱو خاصو سکي ورتو ھو، جو منھنجي استاد ڪن سببن جي ڪري دڪان بند ڪري ڇڏيو. ڪجھ ڏينھن اجايو رلڻ کان پوءِ ڪنھن دوست جي معرفت ھڪ ٻئي دڪان تي ساڳيو ڪم سکڻ ۾ لڳي ويس، جتي مون کان اڳ ۾ ٻہ ڇوڪرا ڪم سکي رھيا ھئا. مان انھن کان ڪم جي حوالي سان ڪافي سينئر ھئس پر ھم عمر ھئڻ جي ڪري ٻہ چار ڏينھن ۾ ئي ھنن سان فِري ٿي ويس پر پوءِ بہ ڪجھ ڏينھن تہ مان اتان جي ھر دڪان ۽ ماڻھن کي غور سان ڏسندو رھيو ھئس.

جلد منھنجي دلچسپي ھڪ عورت ۽ ان سان گڏ گھمنڊڙ نوجوان ڇوڪريءَ ۾ وڌي وئي. اھي ٻئي روز اسان جي دڪان جي آڏو گذرنديون ھيون. عورت جي عمر 50 سال ٿئي ھا ۽ ساڻس گڏ گھمنڊڙ ڇوڪريءَ جي صورت ان عورت سان ايتري قدر ملندي ھئي جو پڪو يقين ٿي ويو تہ اھي ٻئي ماءُ ڌيءُ آھن. ھو ٻئي صبح شام بغير ڪنھن پردي جي اسان دڪان آڏو گذري وينديون ھيون. ڪنھن ڏينھن شام جو معمول موجب ھو اسان جي دڪان آڏو گذري ويون تہ مون کان ازخود نڪري ويو.

”يار. ھي ڇوڪري تہ پري آھي پري...!“

”ھا استاد ....!“ مون سان گڏ ڪم ڪندڙ ڇوڪري چيو.

”پري آھي پر چري نہ آھي....!“

”ڇا مطلب....؟“ مون پڇيو.

”ڪنھن کي بہ لفٽ نہ ٿي ڪرائي...“ مون کي لاپرواھيءَ سان چيو.

”۽ ھر ڇوڪرو بہ پھريان توھان وانگر ئي سوچيندو آھي استاد ....!“

پھرين ڇوڪري جي جملي تي مون کان بہ ٺھڪ نڪري ويو ھو. ان کان پڇيم.

”ڇا ....انھن جو گھر سامھون واري گھٽيءَ ۾ آھي!؟“

”ھا استاد .....!“ ھن ٻڌايو ھو.

” پاڻ عيسائي آھن....وڏي مائي نرس ھئي، تازو ئي رٽائر ٿي آھي........... اھا ڇوڪري جنھن کي تون پري چئي رھيو آھين، سندس ننڍي ڌيءُ آھي...... وڏي ڌيءُ بہ واھ جي ھئس پر ان کي بہ سال اڳ پرڻائي ڇڏيو ھئائين...! ۽ استاد چانھ پيارين تہ ھڪ ڪم جي ڳالھ ٻڌايائينءِ....!“ ھو چپ ٿي ويو ھو. پڪائي ڪندي چيو ھيم،

”چانھ پيئڻ تي منھنجو بہ موڊ آھي........ باقي شرط طور نہ پياريندس......!“ چانھ پيئڻ کان پوءِ ھن ٻڌايو،

” استاد تون بي ڌڙڪ ان ڇوڪريءَ جا خواب ڏسين سگھين ٿو.....ان ڪري جو ھوءَ بجليءَ جو ڪم ...! ۽ استري پکا وغيره اسان کان ئي ٺھرائيندي آھن...!“

ھن جي جملي پوري ڪرڻ شرط مون پڪڙ ڪنئي ۽ پنھنجي ڪم لڳي ويس. مون سان گڏ ڪم ڪندڙ ٻئي ڇوڪرا سمجھي ويا ھئا تہ مان ان ڇوڪريءَ بابت نہ صرف سوچڻ بلڪ خواب ڏسڻ بہ لڳو آھيان. ان ڪري جنھن مھل اھا ڇوڪري پنھنجي ماءُ سان گڏ عبادت لاءِ چرچ ڏانھن ويندي اسان جي دڪان آڏو گذرندي ھئي تہ ھو ٻئي ھڪ ٻئي کي چوندا ھئا.

”ھوءَ ڏس...پري وڃي پئي...!“

ھڪ دفعي جڏھن ھوءَ اسان جي دڪان آڏو گذري ويون تہ ھڪ ڇوڪري دعائيہ انداز ۾ ھٿ مٿي ڪنيا،

" يا الله .... سچي سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٺ آهي...اها پوري ڪرڻ سان گڏ پنهنجي هي دعا به قبول فرماءِ ...گهٽا ڏينهن ٿيا آهن جو پريءَ جي گهر جو ڪم ناهي مليو....ڪرين پڪو جام ...يا استري خراب...ته اسان جي استاد جي ڪجهه ته سڪ لهي...!"

هن جي دعا ختم ٿي ته پرسان بيٺل ٻئي ڇوڪري وڏي اواز سان چيو،"آمين...!"

مان ڪين سيڪنڊ ڏيڻ لاءِ وڌيس ئي مس ته هو ٺهڪ ڏئي دڪان مان ئي نڪري ويا. ٻي ڏينهن مان ۽ هڪ ڇوڪرو دڪان تي وينا هئاسين جو اها 50 سالہ نرس اڪيلي دڪان تي چڙهي آئي، مان هڪ لمحي لاءِ سُن ٿي ويس، يقين ئي نه ٿي آيو. هوءَ ڇوڪري سان مخاطب ٿي چوڻ لڳي،

"اي مين...!تنهنجو استاد ڪيڏانهن ويو.....؟"

"آنٽي....!" ڇوڪري ڪان پهرين مون ڳالهايو.

استاد ڪم سان ويو آهي..... حڪم ڪيو....."

هن پنهنجي هٿ ۾ پڪڙيل استري مون ڏانهن وڌائيندي چيو.

"استري.....خراب ٿي پئي آهي...."

"ٺيڪ ٿي ويندي..." مون ڪائنس استري وٺي ڇوڪري کي چيو.

" گلاس ڏوئي آنٽي کي پاڻي پيار..."

"نو مين...." هن انڪار ڪيو.

" آنٽي گرمي آهي....... هڪ گلاس ٿڌي پاڻيءَ جو پيئو ته بهتر آهي......."

نياز ٿڌي پاڻيءَ جو گلاس پري آنٽي کي ڏنو. آنٽي پاڻي پي" ٿنڪ يو مين....."چئي هلي وئي.

"استاد آنٽي کي بوتل چو نه پياريوَ.....!؟" نياز چيو.

"بوتل توکي پيارينداس...! تنهنجي ڪالهه واري دعا جو اگهي...!"

اسان ٻئي گهڻي دير تائين کلندا رهياسين پوءِ آءُ ٻيا ڪم ڇڏي استري کي لڳي ويم. سڀ ڪجهه سيٽ ڪري ڇڏيم پر ٻاڊي جاڻي واڻي منڊ نه ڪيم، ته جيئن آنٽي هڪ ڀيرا وڌيڪ اچي. ممڪن آهي ان سان گڏ پري به اچي نڪري.

شام جو جڏهن حسب معمول هوءَ گهر ڪان چرچ لاءِ نڪتيون ته اسان جي دڪان ڏانهن ڏنائون به نه پر.....واپسيءَ تي هو ٻئي اسان جي دڪان آڏو اچي بيهي رهيون. ائين محسوس ٿيو ڄڻ دل جو دڙڪن رڪجي ويو آهي.

" اي مين....استري ناهي ڇڏي اٿوَ.......!"

مون کي ائين لڳو مان هن آڏو ڳالهائي به نه سگهندس پر سڀ همتون گڏ ڪري چيم.

"آنٽي استري جو فالٽ ڳولهي ناهي ڇڏيو اٿم........ هاڻي صرف بند ڪرڻي آهي..."

"ڪڏهن ڏيندؤ...!" آنٽي پڇيو.

"اڌ ڪلاڪ ۾...." مون چيو.

" ٺيڪ آ مين...!" هوءَ وڃڻ لڳي. دل چيو، هو ٻئي اچا اتي بيهن. ايتري ۾ هڪ خيال ذهن ۾ آيو ۽ ڪين سڏ ڪيم.

" آنٽي هڪ منٽ...!" هو ٻئي رڪجي ويون، چيم.

”تورو نيل پالش گهرجي......... اندران استري جي تتن تي هاريندس لوز نه ٿيندا...“
”مين مصالو هٽين.“ آنٽي چيو.
”نيل پالش مصالي کان وڌيڪ آهي....ان ۾، اوهان جو ئي فائدو آهي.... هن ڇوڪري کي موڪليان ٿو....... توري ڏجوس.......“
آنٽي چپ ٿي وئي. هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي هوءَ پريءَ کي ساڻ ڪري هلي وئي.
” نيل پالش ڇو گهرايئي استاد ....؟ هن ڪم ته اها استمال ئي نه ٿيندي....“ هنن جي ويندي ڇوڪري حيرت مان، مون کان پڇيو.
” تون ننڍو آهين....نه سمجهي سگهندين....!“ مون ڪيس ٽاريندي چيو. پر هو ٻڌائڻ لاءِ بضد هو. چيومانس،
”پري جي هٿن ۾ نيل پالش ڏاڍي ٺهي پئي........ ان ڪري...!“
ڪجهه گهڙين کان پوءِ ڇوڪري کي آنٽي جي گهر موڪليم. هو نيل پالش جي شيشي کڻي آيو، جيڪا مشهور ڪمپني جي هئي ان تي 32 نمبر لکيل هو. ڪافي دير مان نيل پالش کي ڏسندو سوچيندو رهيس، ”هن شيشي جي برش هن جي نازڪ هٿن جي ننهن کي ڇهندو...!“ مون شيشي کولي، ان ۾ نيل پالش بلڪل ٿوري هئي. سوچيم، ”هاڻي هوءَ ضرور ٻي وٺندي....“
”ڇو نه ...اها ڪيس مان وٺي ڏيان....!“
” پر ڪيئن....؟“
”نئين شيشي وٺي ان تي ئي پراڻي نيل پالش جو ڍڪڻ ڏئي ڇڏيان......!“ اهو سوچي مان دل ئي دل ۾ مرڪي پيس. ڇوڪري کي چيم.
”تون آنٽي جي استري بند ڪر .... مان اچان ٿو...!“
مان هڪ جنرل اسٽور تان ساڳي ڪمپني ۽ ساڳي نمبر 32 واري نيل پالش خريد ڪري واپس دڪان تي اچي ان تي پراڻو ڍڪڻ چاڙهي ڇڏيو پر هوءَ ان ڏينهن نه آئي. ٻي ڏينهن صبح جو جڏهن آنٽي استري کڻڻ آئي ته استري سان گڏ نيل پالش جي شيشي به ڏئي ڇڏي مانس. دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو هئس پر هن جي وڃڻ کان پوءِ مون کي اهو سوچي بخار ٿيڻ لڳو ته جيڪڏهن هنن شيشي سڃاڻي گاريون ڏئي واپس ڪئي ته ؟“
اهو سوچي مان پنهنجي حق ۾ بهانا جوڙڻ لڳو هئس.
”چوندس.....توهان جي ڏنل نيل پالش ٿوري هئي...ان ڪري مون کي نئين وٺڻي پئي....جيڪا پل ۾ اوهان ڏانهن اچي وئي....!“ پر مان پوءِ به مطمئن نه ٿيو هئس. دل پئي چيو ته دڪان ڇڏي ڀڄي وڃان.... پر ائين ڪري نه ٿي سگهيس..... وقت هوريان گذرندو رهيو....
لمحي لمحي مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ته اجهو آنٽي آئي، لعنت ملامت ڪري نيل پالش منهن ۾ هڻي ڇڏيندي.
مون کي گهري سوچ ۾ ڏسي ڇوڪري پڇيو ته سچي ڳالهه ڪري ٻڌائي مانس. مرڪي پيو چيائين،
”استاد ....جوارين جو هڪ مشهور ڊائلاگ آهي ’لگاني والي ڪو ملي گا.‘
يعني کٽڻ واري کي ڪجهه لڳائڻ ضروري آهي.“
”تنهنجو مطلب آهي ته محبت لاءِ عزت داءُ تي لڳايان...؟“ مون چيو.
”لڳائي ته چڪو آهين استاد ..... پر ڏسجي ته اهو سستو سودو آهي...“ ڇوڪري چيو.

مون سوچيو تہ جلال ۾ شمن جا گانا ٻڌي ائين سوچڻ تہ سولو آهي پر عملي زندگيءَ ۾ بي عزتي برداشت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي!

شام جو جڏهن هنن جي چرچ وڃڻ جو وقت ٿيو تہ دل جي ڌڙڪن بي ترتيب ٿي وئي هئي، ڪم ۾ دل ئي نہ ٿي لڳي..... هنن جون راهون تڪڻ لڳو هئس جو هو ٻئي ايندي نظر آيون.......... هو جيئن جيئن ويجهو ايندي ويون، تيئن تيئن منهنجي دل جي ڌڙڪن تيز ٿيندي وئي، جڏهن پنهنجي دڪان جي سامهون آيون، مون کان جڻ ساهہ کڻڻ ئي وسري ويو. نظرون ملندي ئي پريءَ جي اکين ۾ عجيب قسم جي چمڪ ۽ چپن تي هلڪي مسڪراهٽ نظر آئي هئي. ٻي لمحي منهنجون نظرون هن جي هٿ جي آڱرين ڏانهن ويون، ڏٺم تہ هن جي ننهن تي نيل پالش لڳل هئي، هن جڏهن ڏٺو تہ مان سندس آڱرين کي تڪي رهيو آهيان تہ هن جي مُٺ بند ڪري آڱريون لڪائي ڇڏيون. ائين ڪندي مرڪ اجا گهري ٿي وئي هئي. ڪجهہ ئي لمحن ۾ هو اسان جي دڪان کان اڳتي ٿي ويون. مون کان خوشيءَ مان رڙ نڪري وئي،

" يا..... هو.......!"

ان ڏينهن کان پوءِ هوءَ روز ايندي ويندي مون تي مرڪن جو خزانو لٽائيندي رهي. مان بہ ڪيس ڏسي بي اختيار مرڪي پوندو هئس. هڪ ڏينهن جڏهن هوءَ پنهنجي ماءُ سان گڏ منهنجي دڪان جي سامهون گذري رهيون هيون تہ مون ٿورو زور سان پاڻ سان گڏ ڪم ڪندڙ نياز کي چيو.

"32 منهنجو لڪي نمبر اٿئي يار.....!"

تير نيڪ نشاني تي لڳو، ڇوڪريءَ منهنجو جملو ٻڌي جو ورتو هو ۽ شايد منهنجي جملي جو مطلب سمجهي وئي هئي. جو سندس مسڪراهٽ اجا وڌيڪ گهري ٿي وئي هئي.

ان ئي ڏينهن کان پوءِ مان 32 کي پنهنجو لڪي نمبر سمجهي جتي بہ ويهندو هئس پين يا پاٽيءَ سان لکڻ لڳندو هئس. ان انگ ۾ مون کي هن جي تصوير نظر ايندي هئي. وري ڏينهن ٿي ويا جو هنن جو ڪو ڪم نہ مليو. پاڻ سان ڪم ڪندڙ ڇوڪرن کي چيم.

"توهان جي دعائن ۾ وڏو اثر آهي....دعا ڪجو تہ انهن جي گهر جو ڪو ڪم ملي!"

هو ٻئي مرڪي پيا هڪ چيو، "اسان جون دعائون هر ڀيري اثر ٿورئي ڪنديون.......... هاڻي پاڻ ئي ڪو چڪر ڦيراءِ...!"

مان دل ئي دل ۾ ڪا ترڪيب سوچڻ لڳس پر ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، منهنجي ان حال تي خدا کي رحم اچي ويو، ٻي ڏينهن منجهند جو پريءَ جي ماءُ پگهر ۾ ٻڏل منهنجي دڪان تي چڙهي آئي، ايندي ئي چيائين،

"مين.....گهر جي بجلي آف ٿي وئي آهي....ناهي ڏيندؤ .....!"

"ييس آنٽي.....!" مون جلديءَ ۾ چيو.

پڪڙ ڪٽي آنٽيءَ سان گڏ سندن در تي پهتس، آنٽيءَ در ڪڙڪائيندي چيو،"ماريہ.....دروازو کول..."

منهنجي ان وقت عجيب ڪيفيت ٿي وئي هئي. خوش بہ هئس تہ ان پريءَ جي اصل نالي جي خبر پئجي وئي هئي."ماريہ.....!"

دروازو کليو، هوءَ سامهون بيٺي هئي. مان ڌڙڪندڙ دل سان اندر داخل ٿي، مين بورڊ مان بجلي جو فالٽ ڳولهڻ لڳس. تقريباً پندرهن منٽن اندر خرابي ختم ڪري بجلي آن ڪري ڇڏي هيم. پڪا هليا تہ آنٽي ماريہ کي چيو، "مين کي ڪولڊ ڊرنڪ آڻي ڏي...!"

”نہ آنٽي ڪولڊ ڊرنڪ نہ پيئندس...!“ انڪار ڪيم.

”پوءِ ڇا پيئندؤ.....!“ آنٽي پڇيو.

” آنٽي موڊ چانهہ تي آهي...پر ڇڏيو....!“

منهنجي ان جواب تي آنٽي کان اڳ ماريہ چيو،

”توهان ويهو....مان اجهو چانهہ ناهي ٿي اچان.....!“

ماريہ بورچيخاني ۾ هلي وئي، مون وقت گذارڻ لاءِ وڏي ٽيڪنڪ سان آنٽي کان سندن بابت معلومات وٺي ڇڏي. آنٽي ٻڌايو،

”منهنجو مڙس ڪجهہ سال پهريان فوت ٿي ويو........ ڪيس هڪ پٽ آهي جيڪو لنڊن ۾ مامي جي پرورش ۾ پلجي ٿو........ ماريہ جي وڏي ڀيڻ جي شادي ڪجهہ وقت اڳ لاهور جي هڪ وڏي ڪرسچن گهراڻي ۾ ٿي وئي آهي...!“

ايتري ۾ ماريہ چانهہ کڻي آئي، چانهہ پي مون آنٽي کي منهنجي پر واري دڪان جو نمبر ڏئي اٿندي چيو،

” آنٽي ڪم ڪار هجي تہ گهرائي وٺجو.....!“

”مين ! تنهنجو ورڪنگ چارجز گهڻو ٿيو....!“ آنٽي نمبر وٺندي پڇيو.

”نہ آنٽي....اوهان چانهہ پياري اهو ئي ڪافي آهي!“ مون مرڪي چيو.

”نہ مين ! ائين وري ڪيئن ٿو ٿي سگهي....!“

آنٽي پرس مان ڪجهہ پيسا ڪڍي زوري منهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيا هئا. ان ڏينهن پنهنجو پاڻ کي دنيا جو خوش نصيب ماڻهو سمجهڻ لڳو هئس.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ بازار کان ٿيندو واپس اچي رهيو هئس تہ رستي ۾ آنٽي جي هٿ ۾ ڪافي وزني ٿيلهو ڏٺم، اڳيان وڏي مرڪي چيومانس، ”آنٽي گهر پيا وڃو....!“

”ها مين....تون ڪيئن آهين....“ آنٽي بہ مسڪرائي ڏنو.

”مان ٺيڪ آهيان آنٽي........ ٿيلهو مون کي ڏيو....هونئن بہ مون کي دڪان تي هلڻو آهي....“

”آنٽي انڪار ڪيو پر منهنجي ضد آڏو هن هار مڃي ورتي.

آنٽي سان گڏ آنٽي جي گهر جي در تائين آيس. ٿيلهو هڪ پاسي رکندي مون چيو،”آنٽي...... مان هلان ٿو....!“

”ڪولڊ ڊرنڪ پي وڃ مين....!“ آنٽي ڏاڍي فراخدليءَ سان چيو.

”ٿينڪس آنٽي......دڪان تي دير ٿي ويندي.....“ چيم

”يلا بيهہ ...پاڻي تہ پي وڃ.....!“

”آنٽي منهنجي جواب جي انتظار ڪرڻ بغير دروازو کڙڪائي چڪي هئي. ماريہ دروازو کوليو. ماريہ مون کي ڏسي حيران ٿي وئي هئي. پوءِ آنٽي جي چوڻ تي گلاس پاڻي جو ڀري آئي. پاڻي پيئڻ شرط آنٽي پڇيو،

”مين...! تنهنجو نالو ڇا آهي...!“

”ڪاشف ...!“مون ٻڌايو.

”ڪاشف ...!يو آر گُڊ مين....!“

ان ڏينهن کان پوءِ مان آنٽي جي ٻہ دل ڪٽي ورتي هئي. هن جي نظرن ۾ مسڪراهٽ مان مون کي ائين لڳندو هو تہ هن جي دل ۾ مون لاءِ سٺا خيال آهن. انهن واقعن ملاقاتن کان پوءِ ماريہ لاءِ منهنجي محبت ۾ اڃا شدت اچي وئي هئي. توڙي جو هوءَ ڪرسچن هئي. پوءِ مان ڪيس پورين سچائين سان چاهڻ لڳو هئس. شام جو جڏهن هوءَ ايندي ويندي مون کي هلڪي مسڪراهٽ سان ڏسندي هئي تہ مان بي چين ٿي ويندو هئس. ڪنهن صبح جو آءٌ دڪان تي وينو ڪم ڪري رهيو هئس تہ پر واري دڪان جو ڇوڪرو آيو ۽ چيائين،

"اوهان جي فون آهي...." مون کي ڪجھ حيراني ٿي پر تڪڙو تڪڙو اٿي اچي فون اٽينڊ ڪئي.

"هيلو.....!"

"ڪاشف ....!" اڳيان ڪنهن عورت جو آواز ٻڌم.

"ها ....!" چيم.

" مان ماريہ پئي ڳالهايان...!" هوڏانهن کان آواز آيو."ممي جي طبيعت خراب ٿي پئي آهي....اسان جو فيملي ڊاڪٽر ٻاهر ويل آهي...پليز توهان جلدي ڪنهن ڊاڪٽر کي وٺي اچو....!"

ماريہ جو آواز ٻڌي دل جي دڙڪن تيز ٿي وئي هئي، پڇيومانس، "ڇا ٿيو آهي آنٽي کي....!"

"تيز بخار اٿس......!" ماريہ ٻڌايو.

"توهان فڪر نہ ڪريو..... مان هاڻي ئي ڊاڪٽر کي وٺي ٿو اچان....!"

مان ماريہ کي آٿت ڏئي فون رکي، ڊاڪٽر کي ساڻ ڪري هن جي گهر آيس. ڊاڪٽر ڪجھ انجيڪشن ۽ دوائن جي پرچي لکي ڏئي هليو ويو..... مان اسٽور تان لکيل دوائون وٺي اچي ماريہ حوالي ڪيون........ جيڪا آنٽي جي مٿي تي پاڻي ۾ ڪپڙو پسائي رکي رهي هئي. هن مون کي ٿورائتي نظرن سان ڏٺو، چيومانس.

"منهنجي لاءِ ٻيو ڪو ڪم ڪار هجي تہ ٻڌايو...!"

" نہ مون پهريان ئي توهان کي گهڻي تڪليف ڏني آهي....!" ماريہ چيو.

"پوءِ وري ٿوري بي پي ڏيو پلي.....!"

منهنجي جملي تي هوءَ مرڪي پئي هئي، آنٽي ڳالهايو.

"ڪاشف تنهنجي مهرباني....تون واقعي ڏاڍو سٺو ڇوڪرو آهين...!"

"نہ آنٽي ان ۾ مهرباني جي ڪهڙي ڳالھ آهي....اهو منهنجو فرض آهي... باقي توهان مون کي سٺو ٿا سمجهو...اها اوهان جي شفقت آهي....!" ائين چئي مان هليو آيس.... جيستائين آنٽي نيڪ نہ ٿي هئي تيستائين مان تقريباً روز ماريہ جي گهر ايندو ويندو هئس...... ڪڏهن ڊاڪٽر ۽ دوائون وٺڻ بهاني.... تہ ڪڏهن گهرو ضرورت جو سامان آڻي ڏيڻ لاءِ ....... ائين ٿوري عرصي مان جڻ هنن جو گهر ڀاتي ٿي ويو هئس. آنٽي سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري ٿيندي هئي. ماريہ سان بہ بي تڪلف ٿي چڪو هئس، هوءَ بغير ڪنهن حجاب جي مون سان ڳالهائڻ لڳندي هئي. پوءِ بہ مان ساڻس اظهار محبت نہ ڪري سگهيو هئس. پر اڪثر ايترو ضرور چوندو هيومانس،

"ماريہ ....32 منهنجو لکي نمبر اٿئي.... ياد رکجانءِ ......!"

هوءَ مرڪي پوندي هئي. هڪ دفعي ڪرسمس جي موقعي تي هڪ وڏي پئڪيٽ ۾ 32 نمبر جو نيل پالش وجهي گفٽ ڪرايم تہ هوءَ ڪيئي ڏينهن منهنجي ان حرڪت تي کلندي رهي. هڪ ڏينهن مان ماريہ جي گهر بورچيخاني وٽ هن سان ڪچهري ڪري رهيو هئس تہ فون جي گهنٽي وڳي. هن اها مون کي اٽينڊ ڪرڻ لاءِ چيو، اڳيان ڪا عورت ڳالهائي رهي هئي. ماريہ جو پڇيائين، ماريہ کي سڏيم، ماريہ آئي ۽ ڪافي دير تائين فون تي

ڳالهائيندي رهي. وچ ۾ هوءَ مون کي ڏسندي مرڪندي به رهي هئي. فون رکڻ شرط ان عورت بابت پڇيومانس، ٻڌايائين، ”اها منهنجي وڏي ڀيڻ آهي....... جنهن سان اڪثر فون تي ڏکي ڪچهري ٿيندي رهندي آهي........ مون کي ڏاڍو پيار ڪندي آهي.... ۽ امان جو احترام....... جو هن پنهنجي پسند جي شادي ڪرڻ بجاءِ .... امان جي چونڊ ان جي مرضي مطابق شادي ڪري ڇڏي........ حالانڪ مون خبر هئي ته ادي ڪنهن سان ڏاڍو پيار ڪندي هئي..... ۽ هو به ادي جو ديوانو هو.... پر اسان جي ماءُ جي هر خواهش اسان لاءِ مقدس فيصلي جيان آهي....ان ڪري ان جو چيو مڃڻ پنهنجو فرض سمجهندا آهيون.....!“

مان چرڪي ويو هئس، پڇيو هيومانس،

”تنهنجي ڀيڻ جي جڳهه تي جيڪڏهن تون خود هجين ها ته ..... ڇا تون به پنهنجي محبت کي ڇڏي پنهنجي ماءُ جي چونڊ تي شادي ڪرين ها.....؟...!“

منهنجي ان سوال تي هن جي چهري جو رنگ ئي اڏامي ويو.... پر پاڻ سنڀالي مضبوط لهجي ۾ چيائين، ”ها بلڪل.....!“

هن ڀيري منهنجي چهري جو رنگ اڏامي ويو هو..... هن جي ناهيل چانهه زهر لڳي هئي. آئون اٿيس هُن روڪيو به نه ..... الاهي جي چو وهم وسوسا وڪوڙي ويا هئا ته ڪٿي آنٽي..... وري سوچيم محبت جو ڪليل اظهار ڪرڻ ڪان پوءِ ممڪن آهي ماريه جي دل ۾ به جڳهه ناهي وجان.....! پر اهو سوچيندي سوچيندي ڏينهن گذري ويا..... مان هنن جي گهر نه وڃي سگهيس. دڪان تي به وڃڻ ڇڏي ڏنو هيم. نيٺ هڪ ڏينهن مضبوط ارادي سان ماريه جي گهر هليو ويس. ان ڏينهن آنٽي ڏاڍو خوش خوش ۽ بدليل محسوس ٿي هئي. جڏهن ته ماريه کي ايترو ئي وساميل ڏنو هيم. آنٽي ڏسندي ئي چيو،

”ڪاشف پٽ....!ڪيڏانهن هليو وئين هئين..... دڪان تي به نظر نه ايندو هئين....!“

”ها آنٽي....بس ڪجهه ڏينهن دڪان ڪان موڪل ڪئي هيم.... پر توهان ڏاڍا خوش ٿا نظر اچو....!“

منهنجي ان پڇا تي آنٽي جو چهرو اجا خوشي ۾ ٻهڪي پيو چيائين،”ها مين....وڏي خوشخبري آهي....ماريه جو رشتو لندن ۾ هڪ وڏي گهراڻي ۾ طئي ٿي ويو آهي...... ٻه ڏينهن اڳ ماريه جي پاءُ فون ڪري ٻڌايو هو........ توکي به ان ڏينهن ٻڌايان ها پر..... تون دڪان تي نظر نه آيو هئين.... ماريه سڄي عمر هاڻي خوش رهندي....ان ڪان وڌيڪ ڪنهن ماءُ لاءِ ٻي ڪهڙي خوشي جهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي.... اسان جلد لندن وڃڻ وارا آهيون....!“

منهنجا سڀ خواب خيال ڏوڙ ٿي ويا هئا..... مئل نظرن سان ماريه ڏانهن ڏٺم، هن نظرون چورائي ڇڏيون هيون. آنٽي چيو،

”مين....تون چانهه شوق سان پيئندو آهين نه...... ويهه اڄ مان ٿي توکي پنهنجي هٿن سان چانهه ٺاهي پياريان....!“ آنٽي ائين چئي هلي وئي هئي. اسان جون ٻيو پيرو نظرون مليون هيون، پر هن وري به نيڻ جهڪائي ڇڏيا هئا. چيومانس،

”لندن.....رشتو مبارڪ هجي....!“

هن ڪو به جواب ڪونه ڏنو خاموش رهي. پڇيومانس،

”ڇا تون ان فيصلي يا رشتي ۾ راضي آهين.....!“

”اهو ممي جو فيصلو آهي.... خواهش آهي.....!“ آهستي بلڪل آهستي چيائين،

”تنهنجي پنهنجي ڪا به خواهش ناهي.....!!“

”نہ.....!“

ھوءَ مختصر جواب ڏئي چپ ٿي وئي ھئي، منھنجو ساھ ٻوساٽجڻ لڳو ھو. اٿي بيٺو ھئس ھن روڪي ورتو ھو.

”ممي چانھ ناھڻ لاءِ وئي آھي....!“

”مان چانھ پيئندو ئي نآھيان......!“ چيومانس.

”آخر ۾ ڪوڙ جو ڳالھائين.....!“ ھن شڪايت واري لھجي ۾ چيو.

”نہ مان سچ ٿو چوان....!“ پنھنجي ڳالھ کي ھٿي ڏيندي چيم.

”پر توھان تہ ھتي منھنجي سامھون.....!“ ھوءَ وڌيڪ نہ چئي سگھي ھئي. ”ھا بلڪل ....اھو ان ڪري ڪندو ھيم تہ جيئن ڪجھ پل وڌيڪ تو وٽ ترسان......!“

مان وڃڻ لڳو ھئس.....! ھن پويان سڏ ڪيو.

” ڪاشف ......!“

مڙي ڏٺم اکيون آليون ھئس، ھوءَ وري چئي ڪجھ نہ سگھي ھئي، نظرون جھڪائي ڇڏيون ھئائين. مان ٻاھر نڪري ويو ھئس. ذھن تي طارق عالم جو سفرنامو”لنڊن تنھنجا ڪيڏا روپ“ تري آيو. محسوس ڪيو ھيم تہ ماريہ لنڊن جي چؤطرف ڦھليل ڌنڌ ۾ گم ٿي ويندي....

ان ڏينھن ھو وڃي رھيا ھئا، آنٽي ايئرپورٽ تي ھلڻ لاءِ چيو پر مون ۾ ايتري ھمٿ ڪٿي ھئي. نہ وڃي سگھيو ھئس. انھن سان گڏ....دڪان جي ڪمن ۾ پاڻ کي مصروف رکڻ ٿي گھريم.....پر الاھي جي چو ڪنھن ڪم ۾ دل نہ ٿي لڳي.... جو پرواري دڪان جي چوڪري اچي ٻڌايو، اوھان جي فون آئي آھي، ماريہ ايئرپورٽ وٽان ڳالھائي رھي ھئي.

” ڪاشف ...! تون چوندو ھئين نہ ....تنھنجو نمبر32 آھي......اھو نہ وسارجانءِ ...... مون کي توڪان جدا ڪرڻ لاءِ سيٽ بہ 32 نمبر واري ملي آھي.....! تون بہ ياد رکجانءِ ....!“

ھن جو سڏڪو ٻڌو ھيم .....ان کان پھريان جو آئون ڪيس ڪجھ چوان، ھن فون رکي ڇڏي ھئي.....!“

ھن ڳالھائڻ بند ڪري ڇڏيو ھو، مان ڪنھن خواب مان جڻ جاڳي پيو ھئس. ڏٺم، ٽيبل تي ھارايل پاٽي مان وڏن اکرن ۾ 32 لکي ڇڏيو ھو.

***

# ٽي رنگ

چوندا آهن تہ محبت جا ڪيئي رنگ هوندا آهن ۽ هر ڪو انهن رنگن ڪي پنهنجي، پنهنجي نظر سان ڏسندو ۽ محسوس ڪندو آهي. هن ڪهاڻي ۾ موجود محبت جي ”رنگ“ ڪي ٽي اهم ڪردار پنهنجي پنهنجي نظر سان ڏسن ٿا ۽ بيان ڪن ٿا.

## پہريُ

شروع شروع ۾ مون ان ڳالهہ تي ڌيان ئي نہ ڏنو تہ اسان جي گهر جي سامهون وارو دڪان ڪافي وقت بند رهڻ ڪان پوءِ ٻيهر کوليو ويو آهي. هن ڀيري بہ دڪان کولڻ وارو مون لاءِ اوپرو هيو ۽ ڌنڌو بہ نئون هيو. دڪان کولڻ وارو خوش لباس نوجوان هيو ۽ ڊراءِ ڪلينر يعني ڪپڙي ڌوئڻ ۽ استري ڪرڻ جو ڌنڌو کوليو هئائين. شروع ۾ مون بہ هن تي ڪو خاص توجهہ نہ ڏنو ۽ نہ ئي ڪو هن بہ مون سان ڪو تعلق رکيو.

هڪ ڏينهن مجهند جي وقت آءُ پنهنجي ڪم ڪان وقفو ڪري ماني ڪائڻ آيس ۽ جيئن گهر واري گهٽيءَ ۾ داخل ٿ ، ڏٺم تہ منهنجي گهر جي دروازي تي منهنجي ڌيءَ نورين دروازي جي ٻاهران گند ڪچري لاءِ رکيل ٽين جي ڊٻي ۾ گند اڇلائي رهي هئي. الاهي جي چو مون تڪڙو منهن ورائي ان خوش لباس ڏانهن ڏٺو، هو ڪنهن ڪپڙي تي استري بہ ڦيرائي رهيو هيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنڌ مٿي ڪري منهنجي گهر يا منهنجي ڌيءَ ڏي نهاري بہ رهيو هيو. مون ڪي پاڻ ڏانهن گهوريندي ڏسي بہ نوجوان ڏاڍي اطمينان سان پنهنجو ڪم ڪندو رهيو، هن جي چهري تي، ڪا بہ پريشاني، تڪڙ يا شرمندگي جا ڪي بہ تاثر ظاهر نہ ٿي رهيا هئا. بظاهر مون بہ ڪو تاثر ظاهر نہ ڪيو ۽ پنهنجي گهر ڏانهن وڌندو رهيس، منهنجي ڌيءَ نورين بہ گهر اندر هلي وئي هئي.

زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون هڪ عجيب قسم جي بيچينيءَ محسوس ڪئي، الاءِ چو هڪ خيال، هڪ خوف محسوس ڪيم تہ ڪٿي ڌيءَ گهر جو گند، ڪچرو اڇلائيندي، اڇلائيندي ڪٿي منهنجي عزت بہ ٻاهر نہ اڇلائي ڇڏي؟ منهنجي گهر جي چئني پاسن ۾ دڪان هيا ۽ هن گهٽي ۾ هڪ گهر منهنجو هيو ۽ هڪ گهر هڪ رٽائرڊ هيڊ ماسٽر جو. پر اتي گذاريل ارڙهن ويهن سالن ۾ مون اڄ پهريون ڀيرو محسوس ڪيو تہ منهنجو گهر ڪيڏو نہ غير محسوس آهي؟ جڏهن تہ مون جڏهن شادي ڪئي هئي ۽ هن گهر ۾ رهڻ لڳو هيس تہ بہ انهن ڏينهن ۾ بہ پاسي ۾ گهٽي ڀاڳي دڪان ئي هوندا هيا، ۽ سچ تہ اهو بہ آهي تہ منهنجي زال جوانيءَ ۾ منهنجي ڌيءَ ڪان وڌيڪ سهٽي هوندي هئي ۽ آءُ ان ڪي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي ڪم سانگي گهران هليو ويندو هيس، پر انهن ڏينهن ۾ تہ مون ڪي ڪڏهن بہ اهو احساس نہ ٿيو هيو تہ ڪو منهنجو گهر غير محفوظ آهي؟ ان وقت تہ مون ڪڏهن بہ نہ سوچيو هيو تہ گهر ڪان ٻاهر رکيل گند ڊٻي ۾ منهنجي عزت بہ وڃي سگهي ٿي.

چو؟ الاءِ چو مون اڳ ڪڏھن بہ ائين نہ سوچيو ھيو. جڏھن تہ مون ڪڏھن بہ پنھنجي ڌيءَ ۾ بہ ڪا اھڙي ڳالھہ ڏٺي نہ ئي محسوس ڪئي ھئي. ڪجھہ دير اڳ تائين تہ مون ائين سوچيو بہ نہ ھيو تہ ڪا منھنجي ڌيءَ وڏي ٿي وئي آھي، ھوءَ تہ مون کي سترنھن سالن جي نہ پر پنج ڇھہ سالن جي معصوم ڇوڪري لڳندي ھئي.

آءٌ اھو سڀ ڪجھہ سوچيندي پنھنجي گھر ۾ داخل ٿيس تہ مون کي پھرين نظر ۾ سڀ ڪجھہ ٺيڪ لڳي رھيو ھيو. مون تي نظر پوندي منھنجي گھر واريءَ جي چپن تي اھا ئي مخصوص مرڪ نظر آئي. منھنجي ڌيءَ نورين معمول موجب بورچي خاني ۾ ڪم ڪري رھي ھئي ۽ ننڍڙي ڌيءَ ثمينا "بابا...بابا..." چوندي مون کي چنبڙي پئي. مون ھڪ دفعو ٻيھر نورين جي چھري کي چتائي ڏٺو پر اتي ڪا بہ تبديلي نظر نہ آئي، ائين پرسڪون، ۽ معصوم سنجيدگي، ھڪ لمحي لاءِ منھنجي ضمير مون کي ملامت ڪئي تہ "پنھنجي معصوم ڌيءَ تي آءٌ اجايو شڪ ڪري رھيو آھيان.... مون کي شرم اچڻ کپي. ٻئي لمحي مون سوچيو تہ آءٌ شڪ نہ پيو ڪريان پر ھڪ ڌيءَ جو پيءُ ھجڻ جي حيثيت ۾ فڪر مند ٿي رھيو آھيان، پوءِ شايد مون فڪرمند ٿيڻ ۾ ڏاڍي دير ڪئي آھي نہ تہ ھر عقل وارو ماڻھو ان ڏينھن کان ئي فڪر شروع ڪري ڇڏيندو آھي جڏھن ھن کي ڪا نياڻي جمي.

ان ڏينھن کان، آءٌ غير ارادي طور، ھن خوش لباس دڪاندار ۽ پنھنجي ڌيءَ جي غير محسوس طريقي سان نگراني ڪرڻ لڳو ھيس، پر ان نوجوان جي بي پرواھي ۽ معصوم نورين جي روين ۾ ڪا تبديلي نہ ڏٺم. پر ڪڏھن ڪڏھن تہ احساس ٿيندو ھيو تہ آءٌ ڪنھن وھم ۾ وڪوڙجي ويو آھيان پر پوءِ ڪڏھن ڪڏھن آءٌ ان ٻنھي بابت ضرور سوچيندو ھيس ۽ خيال ايندو ھيو تہ پنھنجي گھر واريءَ سان ان معاملي تي ضرور ڳالھايان چو تہ چوندا آھن تہ ھڪ ماءُ پنھنجي اولاد جي اندر تائين جاڻ رکندي آھي، شايد ھوءَ مون کان وڌيڪ بھتر ڪو نتيجو ڪڍي سگھي. پر پوءِ خيال آيو تہ ھوءَ ڇا سوچيندي تہ مون کي پنھنجي اولاد تي ڀروسو ناھي.

ھڪ ڏينھن صبح جو ننڊ مان جاڳيس منھنجي ڌيءَ نورين چيو "بابا...گھر جي استري خراب ٿي آھي...... اوھان وھنجڻ کان اڳ ڪپڙا استري ڪرائي اچو"

اوچتو ڄڻ منھنجي ذھن ۾ ڌماڪو ٿيو.

" ڪُتي جي ڌيءَ...." مون دل ئي دل ۾ سوچيو"ائين چو نہ ٿي چوي تہ سامھون واري نوجوان کي استري لاءِ ڪپڙا ڏئي اچان؟" شايد ھن منھنجي ڪاوڙجڻ مان اھو اندازو ھنيو تہ آءٌ ڪپڙا استري نہ ھجڻ ڪري ڪاوڙ ۾ آھيان.

"ٺيڪ آ مان ساڳيا ڪپڙا پائيندس." مون چيو.

" پر بابا اھي ميرا ٿي ويا آھن." ھن بغير استريءَ ٿيل ڪپڙا منھنجي سامھون رکندي چيو.

مان خاموش ٿي سوچڻ لڳس تہ اڄ استري جو خراب ٿيڻ ڪوئي اتفاق آھي يا نورين جي ڪا چالاڪي ؟ شايد ھوءَ چاھي ٿي تہ آءٌ ھي ڪپڙا کڻي سامھون واري نوجوان ڏي وڃان...ان طريقي سان ھن جا ۽ منھنجا تعلقات وڌندا.... ۽ شايد اھو ئي نورين چاھي ٿي. آءٌ ھن معاملي ۾ جيترو سوچيندو رھيس منھنجي ذھن ۾ اھو خيال اوترو ئي پڪو ٿيندو ويو، مان نہ چاھيندو بہ پنھنجا ڪپڙا کڻي سامھون واري دڪاندار وٽ آيم.

ھو شايد نئون دڪان کولي وينو ھيو. مون کي پنھنجي دڪان ۾ ڏسي شايد ھن کي ٿوري حيرت بہ ٿي ھئي، ٻي لمحي ھن جي چھري تي مسڪراھٽ نظر آئي ۽ ھو وڏي اخلاق سان مليو ۽ چيائين تہ ويھن منٽن جي اندر ڪپڙا استري ٿي ويندا.

گھر اچي آءٌ وھنجڻ کان فارغ ٿيس تہ دروازي جي گھنٽي وڳي، ٻاھر نڪري ڏٺم تہ سامھون وارو نوجوان دڪاندار ھيو جيڪو ڪپڙا استري ڪري کڻي پاڻ منھنجي گھر جي دروازي تائين چو آيو؟ پر مون ڪاوڙ ظاھر نہ

ڪئي ۽ ڪيس چيو تہ ھو ھڪ منٽ انتظار ڪري تہ آءُ اندران پيسا ڪڻي ٿو اچان. آءُ پيسا ڪڻي آيس تہ ھو دروازي تي نہ پر پنھنجي دڪان تي وينو اخبار پڙھي رھيو ھيو. اتي وڃي جڏھن مون ڪيس پيسا ڏيڻ چاھيم تہ ھن ونڻ کان انڪار ڪيو. مون زبردستي پيسا ڪيس ڏنا. ان ڏينھن منھنجو شڪ، پڪ ۾ بدلجڻ لڳو تہ گھر جي سامھون دڪان ڪوليندڙ ان نوجوان ۽ منھنجي ڌيءَ نورين جي وچ ۾ ڪو چڪر.......

ايترو سوچيندي ئي منھنجو ڪنڌ شرم ۽ بيوسيءَ منجھان جھڪي ويو. منھنجي نظرن اڳيان اھي اخباري خبرون ۽ فوٽو گھمي ويا، جن ۾ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون محبت جي چڪر ۾ گھرن مان ڀڄي نڪرندا آھن. اھو سوچي منھنجو ڪنڌ وڌيڪ جھڪڻ لڳو تہ ڇا ڪڏھن منھنجي ڌيءَ نورين بہ ان نوجوان سان ائين گھران ڀڄي وڃي شادي ڪندي ۽ منھنجي سموري عزت صرف اخبار جي ھڪ خبر بڻجي ويندي؟؟

ان ڏينھن کان آءُ مونجھو، اداس رھڻ لڳس، نورين جي ھر حرڪت کي شڪ جي نظر سان ڏسڻ لڳس، جڏھن رات جو نورين ۽ منھنجي ننڍي ڌيءَ ثمينا پنھنجي ڪمري ۾ ٽي وي تي ڪو پروگرام ڏسنديون ھيون تہ مان لِڪي وڃي ڏسندو ھيس تہ ھوءَ ڪھڙي قسم جا پروگرام ڏسنديون آھن. رات جو ڪڏھن اوچتو ننڊ مان اٿي مان نورين کي سندس ڪمري ۾ وڃي ڏسندو ھيس تہ ھوءَ ڪمري ۾ آھي يا نہ؟ ائين ڪافي عرصي بعد ھڪ رات اوچتو ننڊ مان اک کُلي، ڪجھہ دير تائين تہ خاموش وينو رھيس، پوءِ ڪنھن خيال ايندي ئي نورين جي ڪمري ۾ آيس. زيرو بلب جي روشني ۾ ڏٺو، ننڍي ثمينا تہ بستري تي ننڊ پئي ھئي جڏھن تہ نورين پنھنجي بستري تي نہ ھئي.

منھنجي دل جي ڌڙڪن رڪجڻ لڳي، اکين اڳيان اونداھي ڇائنجي وئي، ٻئي لمحي مون پاڻ کي سنڀاليو ۽ باٿ روم وغيره چيڪ ڪيو پر ھوءَ ڪٿي بہ نظر نہ آئي. مون سوچيو وڃي پنھنجي گھر واريءَ کي اٿاري ٻڌايان تہ نورين پنھنجي ڪمري ۾ ڪو نہ آھي. پر لڳو تہ ڄڻ منھنجا پير پٿرن سان ٻڌجي ويا ھجن.

ان لمحي منھنجي دل چاھيو تہ زمين ڦاٽي ۽ ٽڪرا ٿي پئي ۽ آءُ ان ۾ پاڻ کي ھميشہ ھميشہ لاءِ گم ڪري ڇڏيان.

***

## ڌيءُ

شروع شروع ۾ مون ان ڳالھہ تي ڪو ڌيان ئي نہ ڏنو تہ اسان جي گھر جي سامھون وارو دڪان ڪافي عرصو بند رھڻ کان پوءِ ٻيھر کوليو ويو آھي. مان پنھنجي ننڍپڻ کان ھن وقت تائين ان دڪان کي ڪيئي ڀيرا کُلندي ۽ بند ٿيندي ڏسي رھيو آھيان. ھن ڀيري دڪان ھڪ خوش لباس نوجوان کوليو. ھي نوجوان ڪپڙن تي استري ڪندي اڪثر ھر ماڻھو ۽ ھر ڳالھہ کان لا تعلق نظر ايندو ھيو. شروع جي ڏينھن ۾ مون سوچيو ھو تہ ھو بہ ٻين مردن جيان مون کي اکيون ڦاڙي ڏسندو پر ھو مون ڏانھن گھٽ ڏسندو ھيو. مان سوچيندي ھيس تہ اھو بہ شايد ھن جو انداز آھي پر جلد ئي پڪ ٿي تہ اھا ان جي فطرت آھي.

ان جي دڪان کولڻ کان پوءِ منھنجي ماءُ اڪثر مون کي چوندي رھندي ھئي تہ گھر جو دروازو بند رکندي ڪر تہ جيئن بي پردگي نہ رھي. مون ڪافي عرصو ائين ڪيو پر جلد ئي محسوس ٿيو تہ ھو اسان جي گھر ڏانھن ڪو توجھہ نہ پيو ڏي، لاشعوري طور اسان ھن کان مطمئن ٿي دروازي جي بار بار بند رکڻ واري جھنجھٽ کان آجا

ٿياسين. اسان جڻ هن کي به زندگيءَ جي بين معاملن جيان قبول ڪري ڇڏيو هو. پر پوءِ به مون کي ڪڏهن ان وقت ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي جڏهن منهنجي ماءُ مونکي گهر جو دروازو بند رکڻ جو چوندي هئي.

ائين وقت گذرندو رهيو، هڪ ڏينهن ٻي شهر کان اسان جي هڪ مائٽ جي مرڻ جي خبر ملي. مرڻ وارو بابا جو ويجهو عزيز هو. ان ڪري بابا سان سين کي تيار ٿي هلڻ لاءِ چيو. ڪجهه دير بعد اسان گهر پاتي تيار ٿي گهر جي ٻاهرين دروازي کي تالو هڻي نڪري آياسين. ٽانگي تي هلڻ وقت منهنجي نظر ان پاڙي جي دڪان تي پئي جيڪو ڏاڍي غور ۽ دلچسپيءَ سان اسان سين کي ڏسي رهيو هو، شايد ايتري عرصي ۾ هن اسان جو گهر بند ٿيندي ۽ اسان سين کي گڏ ڪٿي نڪرندي ڪو نه ڏٺو هو. الاءِ چو مون کي اهو سوچي ڪِل آئي ته هاڻي ڪجهه ڏينهن هو اسان جي در کي بند ڏسي چا محسوس ڪندو ؟ چا سوچيندو؟ مائٽن وٽان عذرخواهي کان فارغ ٿي بابا اسان کي پنهنجي ڀاءُ يعني منهنجي چاچي جي گهر وٺي آيو. اسان جڏهن به هن شهر ۾ ايندا هياسين ته پنهنجي چاچي وٽ ئي رهندا هياسين. مون کي هت رهڻ ۾ وڌيڪ مزو ان ڪري به ايندو هيو جو منهنجي سوٽ نگهت منهنجي هم عمر به هئي ته جڻ پڪي ساهيڙي به .

هن گهر ۾ به مون کي پنهنجي گهر جيترو ئي سڪون محسوس ٿيندو هيو، شام جي وقت مان ۽ نگهت گهر جي اڱڻ ۾ چانهه پي رهيون هيونسين، اوچتو منهنجي نظر گهر جي کليل دروازي تي پئي مون سوچيو ته جڻ مان پنهنجي گهر ۾ آهيان دروازو کليل آهي ۽ ٻاهر ڏسڻ سان مون کي سامهون دڪان تي اهو استري ڪندي نوجوان نظر ايندو. پل لا تعلق ئي سهي....پر جلد ئي مون کي احساس ٿيو ته مان پنهنجي گهر ۾ نه پر پنهنجي شهر کان ئي پري ٻي گهر ۾ ويني آهيان. الاءِ چو آءُ هڪ لمحي لاءِ اداس ٿي ويس، جڻ معمول کان هٽي ڪائي ڳالهه ٿي هجي.

”چا ڳالهه آهي نورين ؟“ نگهت مون کي ٻه ٿي پيرا ٻاهر ڏسندي پڇيو.

”ڪا ڳالهه نه آهي“ مون کِلڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ۽ ان سان ڪچهري ڪرڻ لڳيس. اڳي آءُ نگهت سان ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪندي هيس پر اج الاءِ چو آءُ خاموش هيس يا صرف ”ها...ها“ ۾ جواب ڏيندي رهيس.

”چا ڳالهه آ نورين تون ڏاڍي خاموش آهين؟ چا پئي سوچين؟“

هن آخر پڇيو.

مون ننڊ پوري نه ٿيڻ ۽ سفر جي ٿڪاوٽ جو بهانو بڻايو پر دل ئي دل ۾ پاڻ تي ڪاوڙ به آئي ته آءُ خوامخواهه چو پريشان ٿي وئي آهيان؟ ڪهڙي ڳالهه آهي جيڪا مون کي کُٽڪي ٿي؟ الاهي چو منهنجي اکين اڳيان ان نئين دڪاندار نوجوان جو چهرو ڦري آيو. پر هن جو چهرو ته هميشه بي تاثر ئي رهندو هيو اکيون گهوريندي ته هيون پر ان ۾ به مون کي ڪڏهن پنهنجي لاءِ ڪا روشني محسوس نه ڪانه ٿيندي هئي. ايترو عرصو ان جي سامهون رهي هئس ته مون ڪڏهن ان جي باري ۾ ائين سوچيو به نه هيو.... اج الاءِ جي چو پنهنجي شهر، پنهنجي گهر کان پري ٿي هو ياد اچي رهيو هيو؟ آءُ سوچيندي رهيس پر مون کي ڪائي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.

ٻئي ڏينهن تي بابا اسان کي امڙ جي چوڻ تي منهنجي مامي جي گهر ڇڏي هليو ويو ته جيئن اسان به چار ڏينهن مائٽن وٽ رهي گهمي سگهون. مان نگهت وٽ ايندي رهيس. ان عرصي ۾ آءُ ان نوجوان کي ياد ڪندي هئس ته عجيب محسوس ٿيندو هيو، هڪ رات مون خواب ۾ ڏٺو ته آءُ پنهنجي گهر ۾ آهيان، ان معمول موجب ئي گهر جا ڪم ڪري رهي آهيان، گهر جي ٻهاري ڏيڻ کان پوءِ گند ٻاهر اڇلائي رهي آهيان، ايتري ۾ منهنجي نظر استري ڪندڙ نوجوان تي پئي ٿي...... هو به مون ڏانهن ڏسي پيو. آءُ جيئن گهر ڏانهن مُڙان پئي ته هو مون کي سڏ ڪري ٿو. سڏ سان گڏ منهنجي اک کُلي ٿي. ڪيئي لمحا آءُ هلڪي روشني ۾ ڇت کي گهوريندي رهيس،

”هو مون ايترو ڇو ياد اچڻ لڳو آهي؟“ آءُ جڻ پاڻ کان پڇان ٿي.

”شايد مون کي هن سان محبت ٿي وئي آهي.“ دل جي ڪنهن ڪنڊ مان آواز آيو. مون سوچيو ته ان ڳالهه کان انڪار ڪيان، پر پاڻ ان پنهنجي اقرار کان انڪار نه ڪري سگهيس.

پر محبت جي ڪا ڳالهه، ڪو اشارو نه هن ڪيو نه مون ئي ائين سوچيو هيو. مون کي صبح تائين وري ننڊ نه آئي، آءُ صبح جو ناشتو ڪري نگهت وٽ هلي آيس، پر هِت به منهنجي دل ڪا نه لڳي. تنگ ٿي اٿڻ جو سوچيم ته نگهت مون کي وٺي پنهنجي ڪمري ۾ آئي، ڪٽ تي مون کي ويهاري مون ڏانهن چتائي ڏسڻ لڳي.

”ائين ڇا پئي ڏسين؟“ مون حيرت مان پڇيو.

ڪجهه دير تائين هوءَ خاموشيءَ سان مون کي ڏسندي رهي پر پوءِ اوچتو پڇيائين.

”ڪير آهي هو؟“

”ڪير؟“ مون حيرت مان پڇيو.

”اهو......... جنهن کي تون ايترن ڏينهن کان ياد پئي ڪرين“ هن مون کي غور سان ڏسندي پڇيو.

”نه نه....اهڙي ڪا به ڳالهه نه ....“ مون تڪڙ ۾ چوڻ چاهيو.

”ڪو به ڪوڙ نه ڳالهاءِ.....اڳ تون هت ايندي هئين ته ڏاڍو کلندي ڳالهائيندي هئينءَ....... هاڻ ائين پيو لڳي جڻ تنهنجو جسم ته هتي آهي پر دل، روح ڪٿي ٻي هنڌ آهن.“ نگهت آهستي آهستي چيو آءُ خاموش رهيس.

”سچ ٻڌاءِ....ڪير آهي اهو؟“ هن ٻيهر پڇيو.

اوچتو ئي منهنجي اکين جا بند ٽٽي پيا، آءُ روئندي رهيس پر هن مون کي چپ ڪرائڻ جي ڪائي به ڪوشش نه ڪئي، ڪجهه دير بعد هن مون کان وري هن جي باري ۾ پڇيو.

”اسان جي گهر جي سامهون هن جي دڪان آهي“ مون هوريان چيو ۽ آهستي آهستي ڪيس هن بابت ٻڌايم. هن به ڪافي سوال ڪيا آخر ۾ پڇيائين، ”مطلب ته توهان ٻئي روبرو مليا به نه آهيو؟“

مون انڪار ڪيو ته هوءَ کلڻ لڳي.

”نورين....اڪثر ائين به ٿيندو آهي ته ڪجهه ماڻهن کي اسان غير اهم سمجهندا آهيون........ پر انهن جي اهميت اسان جي دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ موجود ضرور هوندي آهي، جنهن جو احساس اسان کي تمام دير سان ٿيندو آهي..... هڪ عورت هجڻ جي ناتي سان تنهنجي دل ۾ اها خواهش لڪيل ضرور هئي ته هو توکي ڏسي ۽ تو ۾ دلچسپي وٺي... ان ڳالهه جو احساس توکي هتي اچي وڏيڪ ٿيو آهي....“ نگهت چوندي رهي، مون دل ئي دل ۾ سوچيو ته واقعي منهنجي دل ۾ خواهش هئي ته هو مون کي ڏسي.... ”هاڻي ڇا سوچيو اٿئي؟“ نگهت پڇيو.

”ڇا مطلب؟“

”مطلب ته اڪثر ڇوڪرا، ڇوڪرين جي پويان وتن ٿا رُلندا...... جيڪڏهن توکي هن سان محبت آهي ته پوءِ اظهار ڪرڻ ۾ به توکي اڳرائي ڪرڻي پوندي.“ هن شرارت مان اک هڻندي چيو، آءُ شرم منجهان خاموش رهيس. ان ڏينهن محبت جي اعتراف ڪرڻ کان پوءِ منهنجي دل مان سموري پريشاني ۽ بيچيني ختم ٿي وئي. پر هاڻي آءُ اهو سوچيندي هئس ته ڇا هو به مون کي ياد ڪندو هوندو؟ پوءِ هو منهنجي تصور ۾ ايندو هو ته جڻ اسان جي گهر جي دروازي ۾ هن جون اکيون کُتل آهن.... هُن کان پري ٿي جنهن نموني سان مون کي هُن جو احساس ٿيو، شايد مون کان پري ٿي هو به مون بابت سوچيندو هجي؟ ڪجهه ڏينهن بعد بابا اسان کي وٺڻ آيو ته مون کي پنهنجي شهر، پنهنجي گهر موٽڻ جي بي انتها خواهش ٿي. نگهت کان موڪلايم ته هُن هوريان مونکي ڪن ۾ چيو،

"هُن جي محبت ۾ اسان ڪي نہ وسارجانءِ."

واپسي جو سفر الاءِ ڪيئن ڪٽيو، دل چوي پئي تہ اُڏامي پنهنجي گهر پهچان. اسان جڏهن پنهنجي گهر جي گهٽي ۾ پهتاسين ۽ ٽانگي تان لهندي تيز ڌڙڪندڙ دل کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندي اکيون کڻي هن دڪان ڏانهن نهاريم، هو ڪجهہ دوستن سان گڏ ويٺو اسان ڏانهن ئي ڏسي رهيو هو. هن جي چهري تي اهو ئي سڪون ۽ اکين ۾ اها ئي لاتعلقي هئي پر آءُ هن کي بيخود ٿي ڏسي رهي هئس، پنهنجي ماءُ جي سڏ ڪرڻ تي آءُ ٿورو چرڪي گهر ڏانهن وڌڻ لڳس.

آءُ سين ڪان آخر ۾ هلي رهي هيس ۽ گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ اڳ مڙي هن ڏانهن ڏٺو، هو بہ اسان ڏانهن ڏي ڏسي رهيو هيو پر هن جي چهري تي ڪي بہ خاص تاثر نہ هيا. هڪ لمحي لاءِ اداس ٿي ويس. مون سوچيو هيو تہ هو بہ مون وانگر بي چين هوندو ۽ مون کي ڏسي مسڪرائيندو پر وري خيال آيو تہ ٿي سگهي ٿو اها بي پرواهي ۽ لا تعلقي سندس فطرت جو حصو هجي ۽ دل ۾ هو بہ مون وانگر ئي محسوس ڪندو هجي. پوءِ جي ڏينهن ۾ آءُ جڏهن بہ گهر جي صفائي کان فارغ ٿي گند ڪچرو دٻي ۾ اڇلائڻ لاءِ دروازي کان ٻاهر ڏسندي هئس تہ هن کي ڏسي منهنجي چپن تي مسڪراهٽ اچي ويندي هئي.

هوريان هوريان هن جي رويي ۾ بہ تبديلي اچڻ لڳي ۽ هو بہ مون کي ڏسي مسڪرائڻ لڳو هو. ۽ نيٺ گهٽن ڏينهن کان پوءِ مون کيس هڪ خط لکيو ۽ بابا جي هڪ سگريٽ جي خالي ڪيل دٻي ۾ وجهي گند واري دٻي ۾ اڇلائي هن کي اشارو ڪيم تہ هو هي پاڪيٽ کڻي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ هن جو جواب مليو جنهن ۾ هن لکيو هو،

" آءُ تنهنجي محبت جو قدر ڪيان ٿو پر ياد رکجان تہ آءُ محبت کي راند يا وقت گذاري نہ سمجهندو آهيان."

ائين خط ايندا ويندا رهيا، مون کي خبر پئي تہ هن جو نالو وسيم آهي. پوءِ اسان اڪثر مختلف جڳهن تي ملڻ لڳا هياسين. ڪجهہ عرصي بعد مون کي خبر پئي تہ منهنجي گهر وارا منهنجي شادي لاءِ سوچين پيا. آءُ پريشان ٿي ويس. وسيم سان ملاقات ڪري کيس گهر وارن جي ڪوششون بابت ٻڌايم.

هو بہ پريشان ٿي ويو. اسان کي پڪ هئي تہ منهنجا والدين منهنجو رشتو وسيم سان ٿيڻ ڪو نہ ڏيندا. نيٺ اسان فيصلو ڪيو تہ اسان عدالتي پرڻو ڪنداسين، اسان ٻنهي سڄو پروگرام طئي ڪيوسين، ڏينهن مقرر ڪري ڇڏيوسين تہ ان صبح جو سوير ڪراچي وڃڻ واري گاڏي ۾ سوار ٿي هتان نڪري ويندا سين.

منهنجي عجيب حالت هئي، خوف، ڪيئي وهم ذهن تي سوار ٿيا هيا پر وسيم سان گڏ باقي زندگي گذارڻ جو تصور هر وهم کي دور ڪري ڇڏيندو هيو... وقت گذرندو رهيو ۽ نيٺ اها گهڙي، اهي پل بہ اچي ويا جڏهن رات جي پوئين پهر ۾ پنهنجي گهر مان چورن وانگر نڪري آيس.

هڪ مارڪيٽ جي ويران ڪنڊ ۾ ملڻ جو پروگرام هيو آءُ اتي اچي ڪنڊ وٽي بيهي رهيس ۽ وسيم جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳيس.... وقت هوريان هوريان گذرڻ لڳو.... هر لمحو صديءَ جيان لڳي رهيو هيو. ان ڏينهن واقعي احساس ٿيو تہ انتظار جا لمحا ڪيترا ڏکيا ٿيندا آهن ۽ انتظار ۾ ڪيڏي اذيت هوندي آهي.... الاءِ تہ ڪيترو وقت گذري چڪو هو.... صبح ٿيڻ وارو هو! هڪ اڌ ٽانگي وارا بہ اتان لنگهي ويا ۽ جڏهن روشني ۾ منهنجو اتي لِڪي بيهڻ ممڪن نہ رهيو تہ وهمن جا هزارين نانگ مون کي ڏنگڻ لڳا، "هو چو نہ آيو....؟ هو چو نہ آيو؟" آءُ پاڻ کان بار بار پڇڻ لڳس.

"هاڻ آءُ ڇا ڪريان ؟؟" آءُ پريشان ٿي سوچڻ لڳس.

”وڏيڪ انتظار ڪريان....يا گھر واپس وڃان؟“

مون کي ڪا ڳالھ سمجھ ۾ نہ پئي آئي! عقلمندي ان ۾ ھئي تہ ھت وڏيڪ بيھڻ فضول ھيو، جڏھن تہ دل واپس وڃڻ نہ پئي چاھي.

ان لمحي مون دُعا گھري تہ يا خدا زمين بہ ٹُڪرا ٿي پئي ۽ آءُ پاڻ کي ان ۾ ھميشہ ھميشہ لاءِ گم ڪري ڇڏيان.

***

## محبوب

شروع شروع ۾، مون ان ڳالھ تي ڪو توجھ نہ ڏنو تہ جتي مون دڪان کوليو آھي، ان جي بلڪل سامون واري ننڍڙي گھٽي ۾ ھڪ گھر بہ آھي. ان گھر ۾ ڪنھن مرد يا ائين چئجي تہ ڪنھن نوجوان لاءِ دلچسپيءَ واري ڪا ”شئي“ ھئي تہ اھا ھئي ان گھر ۾ رھندڙ ھڪ سانوري نوجوان پر قبول صورت ڇوڪري. مان سمجھان ٿو تہ منھنجي جاءِ تي ڪو عام ٻيو ڪو نوجوان ھجي ھا تہ ان ڇوڪريءَ ۾ پھرين ڏينھن ئي دلچسپي وٺي ھا. پر آءُ ان طبيعت جو نہ ھيس، ان ڪري نہ تہ ان ڇوڪريءَ ۾ دلچسپي ورتي نہ ئي ڇوڪريءَ جي ڪري ان جي والدين سان ڪا ديگھ ڪئي.

ھا شروع جي ڏينھن ۾ مون محسوس ڪيو تہ ڇوڪريءَ جو پيءُ ڪڏھن مون کي گھوري ڏسندو ھيو تہ ڪڏھن چور اکين سان ڏسندو ھيو تہ آءُ ھن جي گھر، يا ھن جي نوجوان ڌيءَ ڏانھن ڏسان ٿو يا نہ؟

پر مون ھن جي ڪڏھن بہ پرواھ نہ ڪئي ڇو تہ آءُ سمجھان پيو تہ ھڪ نوجوان ڌيءَ جي پيءُ کي ايترو تہ ھوشيار ھجڻ کپي پر ٿوري ئي عرصي ۾ ھو منھنجي طبيعت کي شايد سمجھي ويو ھو تہ ھن مان ڪنھن بہ قسم جو ڪو ”خطرو“ نہ آھي تنھن ڪري ھن جي نھار ۾ گھور نہ رھي ھئي.

زندگيءَ عام معمول موجب گذري رھي ھئي........ آءُ روز صبح جو اچي دڪان کولي پنھنجي ڪم سان لڳي ويندو ھيس ۽ ڪجھ دير بعد ھوءَ سانوري ڇوڪري بہ گھر جي صفائي وغيره ۾ گڏ ٿيل گند ڪچرو ڪٽي گھر جي دروازي جي ٻاھران رکيل ٽين جي دٻي ۾ وجھي مون ڏانھن ھڪ عام نظر سان ڏسي اندر ھلي ويندي ھئي ۽ آءُ بہ ھن تي ھڪ عام بي تعلق، بي مطلب نظر وجھي وري پنھنجي ڪم سان لڳي ويندو ھيس.

شروع وارن ڏينھن ۾ منھنجي ڪري ھو پنھنجي گھر جو دروازو اڪثر ڪري بند رکندا ھيا پر جڏھن ھنن محسوس ڪيو تہ آءُ ھنن جي زندگيءَ ۾ ڪائي دلچسپي نہ ٿو وٺان تہ ھو دروازو بند رکڻ جي تڪليف بہ گھٽ ڪندا ھيا ۽ ھو اتي پردو ھيڏي ھوڏي ٽيڻ ڪري ھو اڪثر گھر جو ڪم ڪندي نظر ايندا ھيون. شام جو جڏھن آءُ دڪان جي سامھون واري گھر ۾ ڪا سانوري ڇوڪري بہ رھندي آھي. ڪو دوست منھنجي دڪان تي ويھي جڏھن سامھون واري گھر جي ان سانوري ڇوڪريءَ کي ڏسندو ھيو تہ ڏاڍو عجيب نظرن سان مون ڏانھن ڏسندو ھيو. ڪو دوست تہ چئي ڏيندو ھيو تہ ” يار واھ جي جڳھ تي دڪان کوليو اٿئي“ ائين چئي سامھون ڏسي وري مرڪندو ھيو. پر آءُ پاڻ ھر ڳالھ کان جڻ لا تعلق ٿيو وينو ھوندو ھيس.

ڪافي عرصي کان پوءِ، ھڪ ڏينھن ڏٺم تہ ان گھر جا سيئي ياتي تيار ٿي ڪٿي ٻاھر ھليا ويا ھيا. ان ڏينھن....... صرف ان ھڪڙي ڏينھن آءُ محسوس ڪندو رھيس تہ جڻ ڪا شئي ڪا ڳالھ معمول کان ھٽيل آھي، پوءِ

باقي ڏينھن ۾ مون ھنن کي تمام گھڻ محسوس ڪيو/ياد ڪيو. ائين ڪيئي ڏينھن بعد ھڪ ٽانگو اچي ان گھٽيءَ ۾ بيٺو ۽ ان گھر جا سيئي ياتي ٽانگي مان لٿا.

ھڪ لمحي لاءِ ھنن ڏانھن متوجھ ٿيس. ھو سڀ گھر ڏانھن وڃڻ لڳا پر سانوري چوڪري بيھي عجيب نظرن سان مون ڏانھن چتائي ڏسڻ لڳي، ھوءَ اھڙي انداز سان ڏسي رھي ھئي جو آءُ حيران ٿي ويس، ڇو تہ ان کان اڳ ھن ڪڏھن بہ مون کي اھڙين نظرن سان ڪو نہ ڏٺو ھو. ھوءَ جڏھن پنھنجي گھر جي اندر گھڙڻ لڳي پوءِ بہ چند لمحن لاءِ بيھي مون ڏانھن نھاري اندر ھلي وئي. مون وٽ ڪجھ دوست بہ وينا ھئا. انھن بہ اھا ڳالھ صاف محسوس ڪئي تہ چوڪري واقعي مون ڏانھن ئي ڏسندي وئي ھئي. دوستن پڇا ڪئي تہ "چا چڪر آھي؟" پر ڪو چڪر ھيو ئي ڪو نہ تہ آءُ ھنن کي چا ٻڌايان ھا. ھا البتہ مان پاڻ بہ حيران ھيس تہ چوڪري ائين چو ڏسندي وئي؟ مون پھريون پيرو سڄي رات ان بابت سوچيو، آءُ سوچڻ لڳو ھيس تہ چا ھوءَ مونسان محبت ڪرڻ لڳي آھي؟! پر مون تہ ڪڏھن بہ ھن کي اھڙو ڪو اشارو، ڪو پيغام ڪو نہ ڏنو تہ ڪو مان ھن ۾ دلچسپي رکان ٿو؟

ان ڏينھن کان مون ھن جي ڏسڻ ۽ مسڪرائڻ ۾ فرق ڏٺو، ھوءَ بھاني بھاني سان دورازي تائين ايندي ھئي، دبي ۾ ڪچرو ۽ مون ڏانھن مسڪراھٽ اُڇلي ھلي ويندي ھئي. آخر آءُ گھڻو عرصو ھن کان لا تعلق رھي نہ سگھيس ۽ پنھنجي دل ۾ ھن لاءِ محبت محسوس ڪرڻ لڳس، ھڪ ڏينھن ھن سگريٽ جي پاڪيٽ ۾ خط لکي اشاري سان کڻڻ لاءِ چيو، جنھن کي پڙھي مون کي پڪ ٿي تہ ھوءَ مونسان محبت ڪرڻ لڳي ھئي. ھوءَ منھنجي زندگي ۾ ايندڙ پھرين چوڪري تہ ڪا نہ ھئي پر ھن جي محبت منھنجي اڳين ناڪام محبتن جي درد کي ڪنھن حد تائين گھٽ ضرور ڪيو ھيو.

اسان ٻنھي ملڻ بہ شروع ڪيو ھيو ۽ ھر ملاقات ۾ مون کي محسوس ٿيندو ھيو تہ ھوءَ ڪيتري حد تائين مون کي چاھيندي ھئي. ڪجھ عرصي بعد ھڪ ملاقات ۾ ھن ٻڌايو تہ گھر وارا ھن جي شادي لاءِ سوچين پيا. ان لمحي مونکي ٿورو ڌڪ ٿيو،

" تہ چا منھنجي ھي محبت بہ مون کان ڪسجي ويندي؟" مون سوچيو پر نورين پاڻ ئي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو،"اسان ٻئي عدالتي پرڻو ڪنداسين." ھن ايتري اعتماد ۽ محبت سان چيو جو آءُ بہ ھا ڪري وينس. سڄو پروگرام سيٽ ڪيوسين تہ اسان کي ڪڏھن ھتان نڪري وڃڻو آھي. مون ان ڏينھن کان ھِتان ھُتان ڪجھ پيسا گڏ ڪرڻ شروع ڪيا تہ جيئن جڏھن نورين سان گڏ گھران نڪري ھلان تہ اتي ڪا پريشاني نہ ٿئي.

ھڪ ڏينھن اڳ شام جو جڏھن تہ ٻي ڏينھن صبح جو سوير اسان کي پھرين گاڏيءَ ۾ ڪراچي نڪري وڃڻو ھيو آءُ رات جي ماني کائڻ گھر آيس. مون جلد ئي محسوس ڪيو تہ گھر ۾ ڪجھ خاموشي آھي. مون وڏي ياجائيءَ کان ماني گھري جڏھن ھوءَ ماني کڻي آئي تہ مون پڇيو،

"چا ڳالھ آھي ياجائي....گھر ۾ خاموشي آھي؟"

"توکي ڪا خبر نہ آھي؟" ھن ھوريان پڇيو.

" نہ ....چا ٿيو؟" مون تڪڙ ۾ چيو.

" ھو...رشيد مري ويو"

ھڪ لمحي لاءِ مون کي ڪائي ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي پر جڏھن سمجھي ويس تہ منھنجي ذھن ۾ ڌماڪا ٿيڻ لڳا.

"رشيد مري ويو؟ ڪيئن؟" مون پڇيو.

”ايڪسيڊنٽ ۾ ....“

مون پاڻ کي پرسڪون ظاھر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻہ چار گرھہ مانيءَ جا کائي گھر مان نڪري آيس پر منھنجي ذھن ۾ انھن لفظن جو پڙاڏو ھٿوڙي جيان وسي رھيو ھو.

”رشيد مري ويو....رشيد مري ويو....

اھو ماڻھو مري ويو جنھن کي مارڻ جو مون ڪيئي ڀيرا سوچيو ھيو، منھنجو مائٽ ھو ۽ منھنجي گھر جا سمورا ڀاتي سمجھن پيا تہ منھنجو وس پڄي ھا تہ آءُ رشيد کي ماري ڇڪو ھجان ھا ۽ اڄ جڏھن تہ ھن کي مارڻ جو جذبو توڙي جو گھٽجي چڪو ھو، پر آءُ ھن جي موت کي نظر انداز نہ ڀيو ڪري سگھان. آءُ اڌ رات تائين ائين آوارہ رلندو رھيس. سوچيندو رھيس تہ نورين وٽ مقرر ٿيل وقت تي وڃان يا نہ .....؟!

گھر اچي کٽ تي سمھي بہ سوچيندو رھيس.

” نورين کي وني ھليو وڃان؟ يا ڪيس رشيد جي موت بابت ٻڌايان.“

آءُ ڪو فيصلو نہ ڪري سگھيس. ايتري دير تائين جو مون کي محسوس ٿيو تہ نورين کي ڏنل ٽائيم کان ڪافي دير ٿي ڇڪي آھي. بس ھڪ لمحو اھڙو ھو جنھن ۾ مون فيصلو ڪري ورتو ۽ تيز تيز ھلندو مقرر جڳھہ تي پھتس، ڏٺم تہ نورين بي صبريءَ سان بي چينيءَ مان ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسي رھي آھي ۽ جڏھن ڏٺم تہ ھوءَ شايد واپسي لاءِ قدم کڻڻ واري ھئي تہ مون ڪيس ھوريان سڏ ڪيو.

” نورين “

جيئن پاڻي مان نڪتل مڇيءَ کي ٻيھر پاڻي ۾ وڌو ويندو آھي تيئن نورين بہ تڙپي خوشي ۽ حيرت واري ڪيفيت ۾ مون ڏانھن ڏنو ڊوڙ پائي مونسان چنبڙي ۽ روئڻ لڳي.

”ڇو؟ ڇو دير ڪيئي؟“ ھو پڇندي رھي. ھن جا ڳوڙھا ٻينا تہ ڪيس پاڻ کان الڳ ڪيم.

”نورين....آءُ توکي ڪجھہ ٻڌائڻ پيو چاھيان...“ ڇوڻ شروع ڪيم تہ ھوءَ منجھيل نظرن سان مون ڏانھن ڏسڻ لڳي.

” نورين توکان اڳ آءُ ھڪ ٻئي ڇوڪريءَ سان محبت ڪندو ھيس، شديد محبت... جنھن جو تون اندازو بہ نہ ٿي ڪرين سگھين... پوءِ ھن ڇوڪريءَ کي مون کان جدا ڪيو ويو..... ھن جي شادي ٻي ھنڌ ڪرائي وئي ۽ آءُ زماني کان بيزار ٿي رُلندو رھيس. ھوريان ھوريان پاڻ کي ڪنھن حد تائين سنڀاليم.... وري منھنجي زندگيءَ ۾ تون آئينءَ...... آءُ اڪثر ايمانداري سان تو بابت سوچيندو آھيان تہ ڇا واقعي مون کي... توسان محبت آھي؟؟.... پر ايمانداريءَ جي ڳالھہ اھا آھي تہ توکي تہ مون سان بي انتھا محبت آھي... باقي آءُ تہ صرف تنھجي پيار جو ڪنھن حد تائين قدر ڪرڻ وارو آھيان.....“ ڇوندي ڇوندي ھن ڏانھن ڏٺم....ھوءَ ڪجھہ بہ نہ سمجھڻ واري انداز ۾ مون ڏانھن ڏسي رھي ھئي.

”نورين....اڄ اھو ماڻھو مري ويو آھي، جنھن کي آءُ پاڻ مارڻ جو سوچيندو ھيس... اھو ماڻھو...منھنجي پھرين محبوبہ جو مڙس ھو...“ مون انتھائي نفرت مان ڇيو.

”۽ نورين....آءُ توسان شادي نہ ٿو ڪري سگھان“ ڇئي ھن ڏانھن ڏٺم. ٽيوب لائيٽس جي روشني ۾ ھن جو چھرو اونداھو ٿيندي محسوس ڪيم.

”نورين....منھنجي محبوبہ جو مڙس مري ويو آھي.... ھاڻي ھوءَ آزاد ٿي آھي.... آءُ ان سان شادي ڪندس.“

مون ھن ڏانھن ڏٺو مون کي لڳو ڄڻ ھوءَ نورين نہ پر پٿر جو ڪو مجسمو ھجي.

اسان ٻئي خاموش ھياسين.

اوچتو ڇڻ ھن پٿر جي مجسمي ۾ ساھ پيو...... ھوءَ ھوريان ھوريان وڄڻ لڳي.... بلڪل خاموشيءَ سان...منھنجي ذھن ۾ عجيب بي چيني ٿيڻ لڳي... مون سوچيو ھيو ھوءَ روئندي دانھون ڪندي يا مون کي بروپلو چوندي.... پر ھوءَ خاموش رھي ھئي جنھن جي مون کي اُميد نہ ھئي....

شايد جيئن ھن کي اوچتو مون سان محبت ٿي ھئي تيئن ئي ھن کي مون کان بي انتھا نفرت بہ ٿي ھئي.... ھوءَ ڪجھ چوي ھا تہ شايد آءُ پنھنجي نظرن ۾ پاڻ ايترو نہ ڪران ھا.... پر ھوءَ خاموش رھي، مون کي پنھنجي ئي نظرن ۾ ڪيرائي وئي.

الاءِ ڇو..... منھنجي دل چاھيو تہ زمين بہ ٽڪرا ٿي وڃي ۽ آءُ ھميشہ ھميشہ لاءِ پاڻ کي ان ۾ گم ڪري ڇڏيان.

***

# قيمت

”بابا سائين...“ مون آواز ٻڌو پر ڪنڌ مٿي ڪڻڻ کان اڳ ئي سڃاڻي چڪو هوس تہ آواز فقير بيگو بابا جو آهي.

”حق موجود“ هن ٻيهر ڳالهايو،

هن ڏانهن ڏٺم، هو هٿ جوڙي بيٺو هو.

”مطلب تہ اڄ خميس جو ڏينهن آهي“ مون دل ئي دل ۾ سوچيو.

”بابا سائين.....پنهنجي خوشي لاءِ ٻي ڪنهن کي تڪليف ۾ نہ وجهو“

هن دستور موجب نصيحت ڪرڻ وارو فرض ادا ڪيو.

مون وڏي ادب مان پنهنجي اکين تي هٿ رکيو جڻ سندس نصيحت کي قبول ڪرڻ جو اقرار ڪيو.

”حق موجود“ چئي هو وڃڻ لڳو، مون کيس تڪڙو سڏ ڪيو ”بابا...“

”جي....“ چئي هو بيهو رهيو.

”ويهو منهنجي چانهہ پيئو“ مون دل جي ڳالهہ نيٺ ساڻس ڪئي.

”بابا سائين....جو ڪجهہ بہ کاوان، پيئان پيو....اهو الله جو ۽ اوهان جو ڏنل تہ آهي..... چانهہ جي ڪهڙي ضرورت؟“ هن هٿ جوڙي چيو.

”بابا.....مون سان بہ منٿ ويهي چانهہ پيئو“ مون چيو.

هُن پنهنجي وڏين اکين سان ڪجهہ حيرت ۽ ڪجهہ سوچيندڙ نظرن سان مون ڏانهن ڏٺو. مون هن کي دڪان اندر رکيل بينچ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو. هو، هوريان هوريان هلندو اندر آيو ۽ بينچ تي ويهي رهيو. مون پر واري هوٽل واري کي چانهہ جو اشارو ڪيو ۽ منهن ورائي بيگو بابا ڏي ڏسڻ لڳس. هو شايد ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏل هو. مون بہ کيس ڊسٽرب ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ جنهن واچ کي ناهي رهيو هُيس ان جي سروس ڪرڻ ۾ لڳي ويس. ٿوريءَ ئي دير ۾ هو مون ڏانهن متوجهہ ٿي چڪو هو ۽ هن جي چهري تي ساڳي ئي مرڪ نظر اچي رهي هئي.

”بابا....“ مون کيس مخاطب ٿي چيو ”بابا اڄ تائين.....سوين هزارين فقير، فقراءَ ڏٺا آهن، پر اوهان جهڙي هڪڙي ڳالهہ، ڪنهن ۾ بہ نظر نہ آئي“

هو وري بہ خاموشيءَ مان مون ڏي ڏسندو رهيو.

”اوهان تقريبن هر روز، خير، خيرات وٺندا آهيو، پر هر خميس واري ڏينهن سڄي شهر ۾ نڪري هر دڪاندار کي ڪا نصيحت ڪري ۽ بغير خيرات وٺڻ جي هليا ويندا آهيو، ائين ڇو؟؟“ مون پڇيو، منهنجو سوال ٻڌي هن جي مرڪ وڌيڪ گهري ٿي وئي.

”ڇو ٿو پڇڻ چاهين بابا؟“ هن مون کان پڇيو.

”بس ائين...معلومات لاءِ“

هو خاموشيءَ سان مون ڏانهن ڏسندو رهيو، ان وچ ۾ چانهه اچي چڪي هئي، مون چانهه ڪپ ۾ ڪيس ڏني، چانهه جا ڍُڪ ڀريندي هوريان هوريان چوڻ لڳو،

”بابا سائين....منهنجي سوچ موجب، دنيا جي هر شئي..... هر ڪم جي ڪا نه ڪا قيمت هوندي آهي.... دنيا ۾ ڪابه شئي مفت ۾ نه ملندي آهي.... جيئن خدا وٽ زندگيءَ جي قيمت عبادت آهي، ائين آءُ به هر روز ماڻهن کان خيرات وٺندو آهيان ۽ بدلي ۾ صرف هڪ ڏينهن هنن کي ڪا نه ڪا نصيحت ڏئي ويندو آهيان“

آءُ حيران رهجي ويس.

” پر دنيا ۾ اڄ تائين ٻئي ڪنهن نه خيرات جي بدلي ۾ اهڙي ڪا قيمت ڪانه ڏني آهي....!“

هن انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو.

”نه نه.....قيمت نه هر ڪوئي ڏيندو، ڀريندو آهي، پر ڪن ماڻهن کي اندازو ئي نه ٿي سگهندو آهي ۽ هو ان خوش فهميءَ ۾ رهجي ويندا آهن نه اسان صرف ”حاصل“ ڪيو آهي ”ڏنو“ ڪجهه به نه آهي“ آءُ وڌيڪ حيران ٿيس، واقعي زندگي نه آهي ئي پنهنجي پنهنجي سوچ جو نالو.....۽ هن جي سوچ انتهائي عجيب هئي، سڀ ڪنهن کان منفرد.... ڪجهه دير ويهي ”حق موجود“ چئي هو هليو ويو. آءُ هن جي باري ۾ ئي سوچيندو رهيس، گهڻن ماڻهن جو خيال هو نه هو يعني بيگو بابا ڪو جاسوس آهي. ڪنهن جو خيال هو نه هو ناٽڪي آهي، ڪو هن کي صوفي سمجهندو هو. ان کان پوءِ به هو ڪيئي ڀيرا مون وٽ آيو ۽ صرف خميس جي ڏينهن ئي مون وٽ چانهه پيئندو هيو.

ماڻهن هن کي مون وٽ وينو ڏسي، منهن ڦيرائي ڪلندا هئا، ڪي وري سمجهندا هيا نه آءُ هن جو مريد ٿي ويو آهيان. جڏهن نه آءُ به اندازا هڻي رهيو هيس نه هو اصل ۾ آهي ڇا؟ جاسوس، ناٽڪي يا زندگيءَ جي تجربن مان گذريل ڪو صوفي؟ مون هڪ ڀيري هن کان پڇيو،”اوهان ڇا ٿا سمجهو نه ماڻهو اوهان جي نصيحت تي عمل ڪن ٿا؟“

”آءُ نه صرف پنهنجي ضمير موجب هڪ قيمت ادا ڪندو آهيان.... ڪير ان کان ڪهڙو فائدو وٺي ٿو يا نه، اهو ان جو ڪم آهي“ هن اعتماد سان چيو.

”چڱو ڀلا...اوهان پنهنجي سموري زندگيءَ جي تجربي جي روشني ۾ مون کي ڪا نصيحت ڪريو“ مون هن ڏانهن گهري نظرن سان ڏسندي چيو.

هڪ لمحي لاءِ مرڪ هن جي چپن مان غائب ٿي وئي، هن به انتهائي غور سان مون ڏي نهاريو. هو جڏهن ڳالهائڻ لڳو نه جڻ ننڊ ۾ ڳالهائي رهيو هجي،

” هر شئي جي هڪ قيمت آهي.... زندگيءَ جي قيمت...... رشتن جي قيمت........ ڪنهن به شئي کي مفت جي نه سمجهه... هر شئي جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ تيار رهه...“

هو خاموش ٿي ويو، ڪيئي لمحا خاموشيءَ ۾ گذري ويا.

” ڇا مون کي به اوهان جي نصيحت جي ڪائي قيمت ادا ڪرڻي پوندي؟“ مون اوچتو ڪلندي پڇيو، منهنجي لهجي ۾ ٺوڪ هئي يا ڪجهه ٻيو، آءُ پاڻ به سمجهي نه سگهيو هيس.

”ها“ هن جي لهجي ۾، مون پهريون ڀيرو سختي محسوس ڪئي. ان ڳالهه کي به ڪافي ڏينهن گذري ويا، هو مون وٽ ايندو رهيو.

هڪ ڏينهن اسان جي علائقي ۾ وڏو بم ڌماڪو ٿيو، ماڻهن ۾ ڳالهه هُلجي وئي نه اهو ڌماڪو بيگو بابا ڪيو آهي. هر ڪنهن جي زبان تي اها ئي ڳالهه ڪئي.

رات جو آءُ پنهنجي گهر ۾ ماني ڪائي رهيو هيس تہ پوليس وارا مون کي پڪڙي ويا. مون کي ٿاڻي تي پڪڙي آيا ۽ بيگو بابا جو پڇڻ لڳا. هنن کي ڪٿان خبر پئي هئي تہ بيگو بابا مون وٽ ايندو آهي ۽ چانهہ وغيره پيئندو آهي. مون کين گهڻو ئي چيو تہ آءُ کيس هڪ درويش سمجهي عزت ڪندو آهيان. بيو منهنجو هن سان ڪو واسطو ڪو نہ آهي. پر پوليس وارا مون کي بہ "دهشت گرد" جو ساٿي چوندا ۽ سمجهندا رهيا. اها سڄي رات مون حوالات ۾ گذاري، صبح جو منهنجا ڪجهہ دوست ملڻ آيا تہ پوليس وارا کين ڪجهہ "ڏيڻ وٺڻ" جا اشارا ڪرڻ لڳا.

مون دوستن کي ڪجهہ بہ نہ ڏيڻ کان في الحال منع ڪري ڇڏيو هو چو تہ مون کي پنهنجي لاءِ ڪا ڳڻتي نہ هئي چو تہ منهنجي مالڪي ٿيڻ جي اميد هئي. اجا پوليس وارن سان دوست ڳالهائي رهيا هيا تہ اوچتو ٿاڻي ۾ بيگو بابا اچي نڪتو.

"آءُ بي قصور آهيان....پر پوءِ جي اوهان ڪجهہ پڇڻ چاهيو ٿا تہ حاضر آهيان....هن کي ڇڏي ڏيو."

بيگو بابا مون ڏي اشارو ڪيو. ٿوري ئي دير ۾ مون کي حوالات مان ڪڍيو ويو ۽ بيگو بابا کي حوالات ۾ وڌو ويو....مون هن ڏانهن ڏٺو، هن مون ڏانهن ڏٺو،

" مون چيو هيو نہ، تہ هر شئي جي هڪڙي قيمت ٿيندي آهي "

هُن هوريان چيو.

آءُ سمجهي نہ سگهيس تہ آءُ هن کي ويهاري ڪچهري ڪندو هيس ۽ نصيحتون ٻڌندو هيس تہ هن جي ڪري مان گرفتار ٿيس.... الاءِ اها هُن جي نصيحتن جي قيمت هئي جيڪا مون ڏني يا مون وٽ ويهي چانهہ پيئندو هيو ۽ هاڻي پاڻ پيش ٿي، هن انهن چانهن جي قيمت ادا ڪئي؟

آءُ اتان هليو آيُس ۽ بہ، ٽي ڏينهن انتظار ڪيم تہ شايد پوليس هن کي ڇڏي ڏي پر هو نظر ڪو نہ آيو. خميس جي ڏينهن بہ جڏهن هو ڪو نہ آيو تہ آءُ هن سان ملڻ ٿاڻي تي آيس ۽ انسپيڪٽر کي چيم تہ آءُ بيگو بابا سان ملڻ ٿو چاهيان،

" اڙي بابا.... هو جاسوس آهي..... دشمن ملڪ جو ايجنٽ آهي....... تون هن سان نہ مِل ....... ڪٿي تون بہ نہ ڦاسي پوين....."

انسپيڪٽر چيو.

آءُ ڪلي پيس.

" ان سان صرف هڪ پيرو ملڻ ڏيو" مون کيس التجا ڪئي. آخر هو راضي ٿيو ۽ مون کي بيگو بابا سان ملڻ جي اجازت ڏنائين. سپاهي مونکي حوالات تائين وٺي آيو.

مون ڏٺو بيگو بابا ڪنڌ جهڪائي ڪنهن سوچ ۾ گم هيو.

"بابا" مون کيس سڏ ڪيو. هن هوريان ڪنڌ ڪڍي مون ڏانهن ڏٺو، هن جا وار بي ترتيب ۽ اکيون سڄيل هيون پر چپن تي اها ئي مرڪ هئي. اسان ٻئي ڪافي دير تائين خاموش هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندا رهياسين. مون کي ائين لڳو ڄڻ هو اکين رستي منهنجي روح ۾ جهاتي پيئي رهيو آهي. اڳ آءُ چاهيان پيو تہ هن کي پرڪيان، سڄاڻان پر لڳي پيو تہ مونکان اڳ ، هو، مون کي سڃاڻي چڪو هو. آخر مون چيو.

"اڄ جمعي رات آهي.....توهان نہ آيئو تہ مان پاڻ آيس نصيحت ٻڌڻ" هڪ لمحي لاءِ هُن جي چپن تي آيل مرڪ وڌيڪ گهري محسوس ڪيم.

"ڪا نصيحت ڪيو بابا" مون وري چيو.

” زندگيءَ ۾ ......ڪڏھن ڪڏھن اسان کي ٻين جو بار کڻڻو پوندو آھي....“

ھن چيو ۽ ڪنڌ جھڪائي اکيون بند ڪري ڇڏيائين، آءُ چند لمحن تائين ھن ڏانھن ڏسندو رھيم ۽ پوءِ اتان ھليو آيس.

مون سوچيو، اھڙي شھر ۾ نہ رھجي جتي بيگناھ منھنجو بار مجبورن کڻي.

ان رات مون آفيسرن کي درخواست لکي ” بيگو بابا بيگناھ آھي، ان کي ڇڏيو وڃي ۽ منھنجي ڊيوٽي ٻي ڪنھن شھر ۾ لڳائي وڃي، جاسوسي لاءِ.......“

***

# ھو سوچي ٿو...

شيوِ ڪندي آئيني ۾ هُن جو عڪس ڏسي، هو مرڪيو پر جڏهن هن ڪيس مخاطب ٿيندي چيو،
”ٻڌو ته .....“ هن منهن ورايو ۽ بغير ڪجھ چوڻ جي هن ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ مرڪندو رهيو.
” هڪ ڳالھ چوڻي هئي...“ هن جي گھر واريءَ چيو.
” صرف هڪ؟“ چوندي هو هن ڏانهن وڌيو ته هوءَ ٻه قدم پوئتي هٽي وئي. هو بيهي رهيو ۽ چيائين،”چيو“
”هڪڙو ننڍڙو ٻار آهي........ تقريبن چار مهينن جو.... هن جا ماءُ پيءُ ٻئي مري ويا آهن...... هن جي ناني اهو ٻار غربت جي ڪري پالڻ نه ٿي چاهي. مان چاهيان ٿي..... اهو ٻار اسان پاليون.“
هوءَ چوندي رهي، هو خاموش ٻڌندو رهيو. سڄي ڳالھ ٻڌي هو شوخ موڊ مان هڪدم سنجيده ٿي ويو.
” هڪ ٻار ملي رهيو آهي..... پالڻ لاءِ....!“ هن هوريان ورجايو ۽ ٻي لمحي هو هڪ عجيب ڪيفيت ۾ اچي ويو. هڪ لمحي جي هزارين حصي ۾، ڪيئي ڳالهيون هڪ ئي وقت هن جي ذهن تي تري آيون.....
پنهنجا ٽي ٻار..... ٻه ٽي پائٽيا..... ٻه پيڻ پاءُ..... ڪلارڪي... گھٽ پگھار..... شادي کان پوءِ فيملي پلاننگ، ڪنهن نه هڪ ٻار جي بيماريءَ تي پريشاني.... اسڪول پڙهندڙ ٻارن جي روز ڪا نه ڪا ضُرورت......
”چا ٿا سوچيو؟“ گھر واريءَ جي آواز تي هو چرڪي خيالن مان نڪري آيو......
”پلا اهو ٻار ماستر بچل کي چو نه ڏيارجي؟ هن ويچاري کي اولاد به نه آهي“ هن کي اوچتو ياد آيو.
”هن انڪار ڪيو آهي.... ۽ چوي پيو ته منهنجي جائداد جو وارث ڪو ٻيو چو ٿئي...“ هن جي گھر واريءَ ايئن ٻڌايو.
” جائداد؟“ هن کان ٽهڪ نڪري ويو. ”ماستر ويچاري وٽ پگھار به پوري نٿي بيهي.... جائداد وري ڪھڙي...؟“
هوءَ چپ رهي.
”تون چا ٿي چاهين؟“
”جيئن اوهان جي مرضي.....“ هُن فيصلو هِن تي ڇڏي ڏنو.
” ٻار ته پل وٺ پر .... هڪ شرط اٿئي......“
”ڪھڙو؟“
هن منهن ورائي هڪ نظر پنهنجي سال کن جي پٽ  ڏانهن ڏنو، وري گھر واريءَ ڏانهن ڏسندي شوخ لهجي ۾ چيو.
” شرط اهو ته .....فيملي پلاننگ ڊبل......... يعني ڇھ سال....“ هوءَ ائين مرڪي پئي ڄڻ سندس مسڪراهٽ ڇئي رهي هجي ”ها...نيڪ آهي.....“ هوءَ وڃڻ لڳي ته هن جي هلڻ ۾ اها خوشي محسوس ڪري سگھجي پئي جيڪا دل جي ڪا وڏي خواهش پوري ٿيڻ تي ٿيندي آهي.

ڪجهه دير اڳ هو الاءِ ڇا ڇا سوچي شيوِ ڪري رهيو هيو پر هاڻ صرف هڪ ڳالهه سوچي رهيو هيو..... ٻار..... هڪ يتيم ٻار......... جيڪو هن جي گهر ۾ پلندو.... هن سوچيو هن جي سموري مٺ مائٽن ۾ يتيم ٻار...... ڇا ٻئي ڪنهن جو ٻار به ڪنهن نه پاليو....... ڪيڏي نه وڏي ڳالهه ليکي ويندي....؟

پر ڇا هي ٻار مان صرف ڪنهن جي واهه واهه لاءِ پاليندس؟ هن پاڻ کان سوال ڪيو.

”هرگز نه....“ ٻي لمحي ڇڻ سندس ضمير تيزي سان جواب ڏنو ”ٻار ته ان ڪري پاليندس ته هڪ ننڍڙي وجود کي ڌڪن ٿابن کان بچائڻو آهي....“ اهڙن ئي سوچن ۾ هو دفتر جي تياري به ڪندو رهيو. دفتر پهچي معمول موجب فائيلن جو ڍير ڪڍي اڳيان رکيائين. پهريون فائيل کوليائين. فائيل جي پهرين پني تي لکيل هيو” هڪ يتيم ٻار موڪلجي ٿو. وصول ڪري مڪمل رپورٽ ڏيندا....“

هن کان ڇرڪ نڪري ويو. اکيون مهٽي ٻيهر پڙهيائين. آفيس جي سلسلي ۾ صاحب جو ڪو حڪم هيو، جنهن کي هن ٻار پالڻ واري خيال ۾ غرق ٿي پڙهيو. هن ٿڌو ساهه کنيو، هڪ لمحي لاءِ ڇڻ پاڻ تي کِليو،” آءُ ان ٻار بابت ايترو ڇو پيو سوچيان؟“

هن ڇڻ پاڻ کان سوال ڪيو.

جواب ۾ ڪيئي ڳالهيون هڪ ئي وقت سندس ذهن تي تري آيون، ڪيئي سال اڳ......... جڏهن شادي جي ڪجهه مهينن ۾ هن کي ٻڌايو ويو ته هو ”پيءُ“ بڻجڻ وارو آهي........ عجيب خوشي محسوس ٿي هيس.... خوش خوش.... بي انتها خوش.... ان ئي ڏينهن هڪ ٻئي شهر ويندي ويگن جو ايڪسيڊنٽ کان بچي وڃڻ کان پوءِ هڪ عجيب خيال....... هڪ خوف، ”جيڪڏهن ايڪسيڊنٽ ٿي وڃي ها.... ۽ مان مري وڃان ها............. ته؟“

جواب ۾ هن جو تصور ۾ صرف هڪ ننڍڙو ٻار آيو هيو، جيڪو روئي رهيو هيو....

نه ماءُ......... نه پيءُ....... نه ڀيا مٺ مائٽ......... بس هڪ ننڍڙو ٻار........ جيڪو روئي رهيو هيو............

هن ستن آسمانن جي مٿاهين مان ان ٻار کي روئيندي ڏٺو هيو...... ۽ هو وڙهي پيو هيو پنهنجي روح کي پڪڙي بيٺل ملائڪن سان...... مون کي ڇڏيو........ مون کي ڇڏيو. پر هو ڪيس پڪڙيو بيٺا هيا.

”ڇا ٿيو سڪندر؟“

”مون کي ڇڏيو....“ هن هلڪي رڙ ڪئي.

”هوش ڪر يار....... ڇا ٿيو....؟“ ڪنهن ڪيس ڳلن تي هلڪي ٿڦڙ وهائي ڪڍي ته هو هوش ۾ اچي ويو هو سڄو ڏڪي رهيو هيو......

هن ڏٺو ته هو ملائڪن جي قبضي ۾ نه پر آفيس ۾ آهي ۽ ڪيس ٻيو ڪلارڪ دوست پڪڙيو بيٺو آهي.

اوچتو هو ڪلي پيو.

” بس يار......... رات ننڊ نه ڪئي“ هو بهانو بنائڻ لڳو. فائيل بند ڪري هن ڪرسي سان ٽيڪ ڏئي اکيون بند ڪيون ”پر آءُ مري ته ڪو نه ويو هيس...... هن پراڻي ڳالهه کي ياد ڪري سوچيو، پر پهرين ٻار جي جنم ٿائين الاءِ ڇو آءُ موت کان ڏاڍو ڊڄندو رهيو هيس....“ ”ها....... ٻي ڳالهه به“ هن جواب جو تسلسل برقرار رکيو. پهرين ٻار جي جنم تي سوچيو هيم ته هي ٻار ڀاڳ وارو ثابت ٿيندو.... منهنجا حالات بدلجندا...... پر ائين ڪجهه به نه ٿيو هيو...... ٻي ٻار جي جنم ٿائين به اهو ئي آسرو. شايد هي ٻار پاڻ سان گڏ خوش قسمتي آڻي پر دنيا ۽ حالات هنڪي نصيب جو قائل ڪيو هو.

هن اکيون کوليون ۽ ٿڌو ساهه کڻندي سوچيو،

” مون زندگي ۾ هن مهل تائين نہ روزا رکيا، نہ نمازون پڙهيون، هڪ يتيم ٻار کي پالڻ جي صدقي ۾ شل خدا منهنجي دنيا آخرت سنواري“ آمين، چوندي هن ٻيو فائيل کنيو ۽ ڪم ڪرڻ لڳو، پر الاءِ ڇو سندس ڪنهن ڪم ۾ دل نہ لڳي رهي هئي. هن سوچيو تہ اڄ سوير گهر وڃي پر پوءِ بہ هو ڪم ڪندو رهيو.

آفيس ختم ٿيڻ کان پوءِ هو گهر آيو، هن هزار ڀيرا سوچيو تہ گهر واري کان پڇي تہ ان يتيم ٻار جو ڇا ٿيو؟ پر هن اهو سوال ڪري پنهنجي بيچيني ظاهر ڪرڻ نہ پئي چاهي.

هن سوچيو تہ ائين نہ ٿئي جو ڪنهن فلم جي ڪهاڻي وانگي ٻار بار ان ڇوڪري بابت پڇڻ تي هن جي گهر واري کي شڪ ٿئي تہ هي ڇوڪرو منهنجو پٽ آهي ۽ آءُ هن کي هن گهر ۾ آڻڻ لاءِ ڪو چڪر هلايان پيو.

پنهنجي خيالن تي هو پاڻ ئي مرڪي پيو.

”فلمي خيال“ هو سوچي ٿو.

ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ منهنجو پٽ وڏو ٿي نافرمان ٿئي ۽ هي اسان جو پاليل پٽ (ڪمائو پٽ) ثابت ٿئي ؟“

هو وري پنهنجي خيالن تي کلي ٿو.

هن جي پنهنجي کلڻ تي گهر واري پري کان هن ڏي مُرڪي ڏسي پڇي ٿي،”خير تہ آهي کلين پيو؟“

”ڪجهہ بہ نہ“ چئي هو زبردستي منهن تي سنجيدگي جا تاثر آڻي ٿو.

يتيم ٻار کان ڌيان هٽائڻ لاءِ شام جو سوير هو روز جيان دوستن سان ڪچهري ۽ تاش ڪيڏڻ وڃي ٿو، تاش ڪيڏڻ ويهي ٿو تہ بہ ٻار جو خيال ايندي سوچي ٿو،” اهو ڇوڪرو جڏهن پالڻ لاءِ وٺندس تہ پوءِ هتي سنگت جي دعوت ڪندس.... بلڪل ائين جيئن پنهنجي پٽ جي جمڻ تي ڪين ڪرايو پياريو هيم....“

”ڇا خيال آهي سنگت کي ان ٻار بابت ٻڌايان؟“ هو پاڻ کان دل ئي دل ۾ خيال وٺي ٿو.” نہ نہ.... وقت کان اڳ نہ ٻڌايان.... متان ٽوڪون ڪن،“ هو پاڻ کي ڳالهہ ڪرڻ کان روڪي ٿو،

”ڪجهہ دير تہ خاموش رهي ٿو پر ڪجهہ دير کان پوءِ رهي نہ ٿو سگهي ۽ دوستن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو،

” مان هڪ يتيم ٻار کي پالڻ ٿو چاهيان......“

ڪجهہ دوست تاش جي پتن کان نظرون هٽائي تعجب مان هن ڏي ڏسن ٿا.

”پاڻ نہ پالي، ڪتا ڌاري.....“ هڪ دوست حجت ۾ ٽوڪ ٿو ڪري. ان لمحي هو محسوس ٿو ڪري تہ هن اها ڳالهہ اجايو ڪئي، پاڻ تي پاڻ ڪاوڙجي ٿو.

” نہ يار.....حديث....مطابق تہ يتيم ٻار پالڻ افضل ڪم آهي.“

ٻيو صوفي ذهن دوست همٿ ٿو وڌائيس.

ڪجهہ دير اڳ واري شرمندگي ڪجهہ گهٽ ٿئي ٿي ۽ هرکو وري تاش ڪيڏڻ لڳي ٿو. ٻئي ڏينهن تي صبح جو آفيس وڃڻ کان اڳ گهر واريءَ کان پڇي ٿو،”ان يتيم ٻار جو ڇا ٿيو؟“

”ڇاڇو انڪار ڪيو ڪري...“ هن جي گهر واري سندس پيءُ جي نالي ٻڌائي ٿي ”چئي پيو تہ پرائي ٻار جو پالڻ ڏکيو ۽ خرچ وارو ڪم آهي.“

هن کي پيءُ تي ڪاوڙ لڳي ٿي.

”ڪا ٻڪري يا مينهن پالڻ لاءِ ملي ها تہ سي ها ڪن ها، پر انسان پالڻ لاءِ بهانا.....“ هو سوچي ٿو.

هو آفيس آيو پر هر هر ڪيس پنهنجي پيءُ تي ڪاوڙ اچي رهي هئي. رڪي رڪي هن کي پنهنجي پيءُ جون سڀ زيادتيون ياد اچي رهيون هيون.....

”ڊش انٽينا ونڻ به نه ڇڏيو هئائين...“ هو سوچي ٿو. ”۽ نه ئي ڪيبل لڳرائڻ ڏنو.... هر ڪم پنهنجي مرضي تي“ هو سوچيندو رهي ٿو. ان ڏينهن ان کي احساس ٿئي ٿو ته بزرگن سان گڏ زندگي گذارڻ ڪيڏو نه ڏکيو آهي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هڪ ڏينهن آفيس ٽائيم گذاري هو گهر واپس اچي ٿو. وهنجڻ ۽ ماني کائڻ کان پوءِ سمهي ٿو پئي... شام جو اٿي دوستن ڏانهن وڃڻ کان اڳ گهر واريءَ کان اڳ پڇي ٿو،”ان يتيم ٻار جو ڇا ٿيو؟“

”اهو ٻار.....؟“ الاءِ ڇو سندس گهر واريءَ جي لهجي ۾ سڄي ڪائنات جو درد پرجي ٿو وڃي”اهو ٻار ڪنهن به نه ورتو، بيمار ٿيو ۽ صحيح علاج نه ٿيڻ ڪري..... مري ويو.“

قميص جي ڪاڄي ٻانهن جو بٽڻ بند ڪندي هن جو هٿ رڪجي ويو. بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي هو جڻ پاڻ کي گهليندي گهر کان ٻاهر نڪري آيو.

***

# ”اعتماد جي آخري ڪھاڻي“

مان حيران آھيان سندس پيل آخري جملي تي، ڪيتري آسانيءَ سان ھوءَ اھو سڀ ڪجھ چئي وئي؟؟ ڇا ھو واقعي منھنجي باري ۾ ائين سوچي ٿي؟ ھن اڳ بہ ..... ڪيئي سال اڳ بہ منھنجي باري ۾ ڪجھ سوچيو ھيو.

آءُ تہ ان ڏينھن ڪي بہ نہ وساري سگھندس، جڏھن سامھون ميڊيڪل اسٽور واري نويد رڙ ڪئي ھئي،

”سليم....تنھنجي لاءِ فون......“

مون ھٿ ۾ وڪوڙيل گھڙيءَ کان نظرون ھٽائي ھن ڏانھن ڏٺو. مون کي اعتبار ڪو نہ پئي آيو، ڇو تہ ھو اڪثر اھڙي شرارتون ڪندو آھي. جڏھن آءُ ھن جي دڪان ۾ ويندو آھيان تہ قميص جي ڪالر مان پڪڙي چوندو آھي”چانھ پيار.....“

”سليم.....جلدي اچ فون“

ھن ٻيھر رڙ ڪئي، مون کي پڪ ڏيارڻ لاءِ ٻارن وانگر اکين تي ھٿ رکي ڄڻ قسم کنيائين..... گھڙي ناھڻ ڇڏي، ڪلندي ھن جي دڪان ۾ پھتس.... فون جو رسيور الڳ رکيل ھيو. چانھ پيارڻ جي ڇٽيءَ کان بچڻ لاءِ آءُ ھن کان ٿورو پري تي بيٺس.....

”خدا جو قسم..... فون اٿئي....“ ھن آھستي چيو.

مون بي اعتباري سان رسيور کنيو ۽ ” ھيلو“ چيو.

”ھيلو....“ ٻئي پاسي کان ڪنھن عورت جو آواز ٻڌي ھڪ لمحي لاءِ وائڙو ٿي پيس.... سوچيم شايد نويد جي گھر مان نويد لاءِ فون آھي پر مون کي تنگ پيو ڪري.

”ھيلو....“ عورت وري چيو ”ڪير.....!!؟

”توھان کي ڪير کپي؟“ مون وري پڪ ڪرڻ خاطر پڇيو.

” کپي؟ ڇا مطلب؟“ ھن تيزي سان پڇيو........

” کپي...... مطلب...... مطلب تہ ڪنھن سان ڳالھائڻو اٿوَ؟“ مان واقعي وائڙو ٿي ويو ھيس.

”سليم صاحب سان....“

پڪ ٿيم تہ فون مون لاءِ ئي آھي تہ دل ۾ چيم نويد کي ٻڌايان تہ.... ٻُڌ.... تون رڳو منھنجي عزت نہ ڪندو آھين، باقي پرائي مائي بہ مون کي ”صاحب“ ٿي چئي......

”جي سليم پيو عرض ڪيان...“ پاڻ کي سنڀالي چيم. ھڪ لمحي لاءِ ھوءَ خاموش رھي.

”ٻڌو آ تہ اڄ ڪلھ اوھان مون تي ڏاڍي تنقيد پيا ڪيو...؟“ ھن جو جملو ٻي وزن ھيو پر ان جُملي مون کي ھڪ لمحي جي ھزارين حصي ۾ ٻڌايو تہ ھوءَ ڪير ٿي سگھي ٿي. پر پڪائي ڪندي پڇيم، ”محترم..... تعارف تہ ڪرايو.“ شايد ھاڻي ھوءَ وائڙي ٿي وئي ھئي.... گھبراھٽ مان چيائين”مان.... مان ندا پئي ڳالھايان.....“

”ندا مصطفيٰ؟“ پڪ ڪرڻ لاءِ ورجائيم.

”جي ھا.....“

”ھاڻ چئو....اوھان ڇا پيا چئو؟“ مون پڇيو.
”مون ٻڌو آ تہ اڄ ڪلھ اوھان مون تي ڏاڍي تنقيد پيا ڪيو.... “
ھن جملو دھرايو پر سندس لھجي ۾ پھرين واري ڪاوڙ ڪونہ ھئي.
”آءُ اوھان تي تنقيد پيو ڪريان؟“ حيرت ظاھر ڪيم.
”ھا“
”قسم سان..... مون ڪنھن کي بہ ائين ڪو نہ چيو آھي تہ اوھان جو نڪ ننڍو آھي.... يا اوھان جون اکيون خراب آھن.....“
ھن حيرت مان چيو ” ڇا مطلب؟“
”اوھان تي تہ ائين ئي تنقيد ٿي سگھي ٿي نہ؟“
ھڪ لمحي لاءِ شايد ھن ڪجھ سوچيو ھيو، وري ٺھڪ ڏئي چيائين”منھنجو مطلب اھو نہ آھي تہ اوھان منھنجي ذات تي تنقيد پيا ڪريو.... مطلب تہ ادبي تنقيد.....“
”تہ ڇا ادبي تنقيد نہ ڪرڻ کپي؟“ مون پڇيو.
”ڪو سبب تہ ھجي نہ؟“
”اوھان جا”سڪ جا پائر“ اوھان کي تنقيد تہ ٻڌائن ٿا پر ان جا سبب نہ ٻڌائيندا آھن ڇا؟“ منھنجي لھجي ۾ ٿورو طنز ھيو.
”ڇا مطلب؟“ ھن حيرت مان چيو.
”مطلب تہ ھر عورت ليکڪا جا ڪيئي سڪ جا پائر پيدا ٿيندا آھن، جيڪي ھن جي در جو طواف ڪندا آھن ۽ پنھنجا ”نمبر“ وڌائڻ لاءِ الاءِ تہ ڇا ڇا چوندا ۽ ڪندا آھن.... اوھان جي چوگرد بہ اھڙا ماڻھو آھن.....“ مون کيس سمجھائڻ چاھيو.
”مطلب تہ ٻيا غلط ۽ اوھان صحيح آھيو؟“ ھن ٺوڪ واري انداز ۾ پڇيو.
”اوھان جي تحريرن جي حوالي سان يقينن مان صحيح آھيان....“ ”پر ڪنھن جي تحرير جو اوھان ايڏو اثر ڇو ٿا وٺو؟“ ھن چڙندي چيو.
”ندا صاحبہ...... ڪجھ ڏينھن اڳ شيخ اياز جي قبر تي ويو ھيس، اتي ھوش وجايل ھڪ نوجوان ڏٺو ھيم.... خبر پئي تہ شيخ اياز جي وفات تي ھو ذھني طور مفلوج ٿي ويو ھو..... توھان ٻڌايو تہ اياز جي وفات تي سندس مٽ مائٽ يا اولاد مان ڪو چريو ڇو نہ ٿيو؟ ان ڪري تہ ھن نوجوان تي اياز جي تحريرن جو ايڏو اثر ھيو..... جي لفظن جو ايڏو اثر ٿي سگھي ٿو تہ پوءِ ھر ليکڪ کي لفظن جي تقدس جو خيال رکڻو پوندو......“
مان جذباتي ٿي ويو ھيس. ھو ڪافي دير تائين خاموش رھي. ٽيليفون جي رسيور مان صرف ھلڪو شور ٻڌندو رھيس.....
” بھرحال..... جي اوھان پاڻ کي صحيح ٿا سمجھو تہ ائين ئي سھي....“
ھن چيو ۽ لائين ڪٽجي وئي...... مون بہ آھستي رسيور رکي ڇڏيو. ھن جي آخري جملي مان محسوس ڪيو ھيم تہ ھن جي دل مون ڏانھن اڃا صاف نہ ٿي ھئي.
”ڪير ھئي؟“ نويد بي تابي منجھان پڇيو.
”ھڪ ليکڪا ۽ سماجي ورڪر.....“

”چا پئي چوي؟“

”ڇڏ يار بور نہ ڪر....“ مون نويد تي ڪوڙي ڪاوڙ ظاهر ڪندي چيو ”ڇوڪري هئي..... لکندي بہ آهي، ان حوالي سان ڳالهايائين..... ٻيو ڪو مطلب نہ وٺ.....“

”ٻيو مطلب نہ وٺان تہ پوءِ ادب تي ڳالهائڻ لاءِ صرف تون ئي هڪ تہ سُريلو نہ آهين؟ هنکي تنهنجي نمبر جي خبر ڪيئن پئي؟ نويد جي آخري جملي تي غور ڪيم تہ مون کان ٺهڪ نڪري ويو، “تو جهڙي سک واري ياءُ ڏنو هوندس نمبر....“

ان ڏينهن آءُ ندا جي باري ۾ سوچيندو رهيو هيس تہ ڪيئن ڪجهہ ادبي دوستن هن کي ڪي ابتيون سبتيون ٻڌايون هونديون! پاڻ سامهون ڳالهائڻ بجاءِ هنن ندا کي وچ ۾ آندو هيو.

ندا کي ڪن ادبي سماجي پروگرامن ۾ مون ڏٺو ضرور هيو پر ساڻس ڪڏهن بہ ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪانہ ٿي هئي. پنهنجي طبيعت مطابق مون ان ڳالهہ کي وسارڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهو سوچي ڇڏيم تہ ٻيهر ندا جي سک جي پائرن اڳيان احتياط سان ڳالهائيندس.

ان ڳالهہ کي شايد ٻہ چار ڏينهن گذريا هوندا، هڪ ڏينهن دڪان تي وينو ڪنهن پراڻي گهڙيءَ جي مرمت ڪري رهيو هيس تہ دڪان ۾ هڪ ڏهہ ٻارنهن سالن جو ڇوڪرو آيو.

”سليم صاحب توهان آهيو؟“ هن ايندي ئي پڇيو. منهنجي”ها“ ڪرڻ تي هڪ وڏو خاڪي لفافو ڏيندي چيائين، ”هي ادي ندا ڏنوَ......“

پاڻ مضبوط سمجهڻ باوجود هڪ لمحي لاءِ اندران ڏڪي ويو هيس... ڳرو لفافو وٺندي چيم،”ويهو...چانهہ پيئو.“

مهرباني چئي هليو ويو.

لفافو ڏسي دل ئي دل ۾ پاڻ کي چيم پُٽ سليم..... مري وئين.... يا تہ تنقيد ڪرڻ تي گاريون هونديون.... يا جواب ۾ تنهنجي تحريرن جو ستياناس ٿيل هوندو.....

هڪ لمحي لاءِ پڇتاءُ بہ ٿيو تہ هڪ عورت جي تحريرن تي تنقيد ڇو ڪيم....؟ لکيو هونديائين”مئا ماريا..... پنهنجي ماءُ ڀيڻ جي تحريرن تي تنقيد ڇونہ ٿو ڪرين؟“

پوءِ ياد آيو تہ منهنجي ماءُ ڀينرون تہ لکنديون ئي ڪو نہ آهن تہ تنقيد ڇا ڪيان؟

لفافو تہ کولڻو هيو.کوليم اندر ندا جون ٻہ اڻ ڇپيل تحريرون ۽ هڪ ننڍڙو خط لکيل هيو.خط ۾ لکيو هيائين”سليم صاحب! اوهان جي اها ڳالهہ شايد صحيح آهي تہ اوهان کان مون تائين ايندي ڳالهيون الاءِ ڇا مان ڇا ٿي وڃن ٿيون، ان ڪري سڌو سنئون اوهان ڏي بہ تحريرون موڪليان پئي....هنن مان غلطيون ڪڍي ڏيندا....“

خط پڙهي ڪلي پيس سوچيم ”مائي سگهوري آزمائڻ ٿي چاهي.“ خط، ڪهاڻيون وري لفافي ۾ وجهي رکي ڇڏيم.... سوچيم جواب ڏيندومانس تہ ”مائي سگهوري.... مون کان اڳ شايد غلطي ٿي هئي هاڻ توبہ ڪيم تنقيد ڪان..... مون کي معاف ڪر......“ ندا جو فون نمبر ڪنهن بہ سک واري ياءُ کان حاصل ڪري سگهان پيو پر مون کي پڪ هئي تہ هوءَ پاڻ رابطو ڪندي. ان ڪري پاڻ کي پرسڪون رکي پنهنجو ڪم ڪندو رهيس.

ٻئي ڏينهن ڪم پئي ڪيم تہ سامهون ميڊيڪل اسٽور تان نويد رڙ ڪئي،”سليم....فون....“

ان جي چهري جي تاثرات مان سمجهي ويو هيس تہ واقعي فون تي ڪو آهي، ڪير؟”يقينن ندا هوندي“ پنهنجو پاڻ کان سوال جواب سوچيندي اچي رسيور کنيم.

”هيلو....“

”سليم صاحب“ يقينن ندا هئي.

”جي.....“

”ندا پئي ڳالهايان....منهنجون تحريرون مليون اٿوَ؟“

”مليون ته آهن پر پڙهيون ڪو نه آهن.....“ مون چيو.

”ڇو؟“ هن جي لهجي ۾ حيرت هئي. شايد هن سوچيو هيو ته مان بيا ڪم ڇڏي پهريون ان جون تحريرون پڙهندس.

”محترم....شايد اوهان مون کي آزمائڻ ٿيون چاهيو... ۽ آءُ ڪنهن آزمائش جي ذريعي پاڻ کي معتبر ثابت ڪرڻ نه ٿو چاهيان....“

منهنجو لهجو شايد تيز ٿي ويو هو، هوءَ ڪجهه دير خاموش رهي.

”پر يقين ڪيو مون آزمائش لاءِ تحريرون ڪو نه موڪليون آهن“ هن آهستي چيو.

سوچ ۾ پئجي ويس........

”ڪنهن وڏي ليکڪ...“ چوڻ لڳم ته منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيائين،”وڏن ليکڪن وٽ اسان لاءِ ٽائيم ناهي....“

” نيڪ آهي جيڪو منهنجو حال....“

”مهرباني....“وري منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيائين.

”نيڪ آهي.....سڀاڻي توهان کي تحريرن بابت ٻڌائيندس....“

”توهان پاڻ ٻڌائيندؤ....؟“

”ها“ بي خيالي ۾ چئي وينس.

منهنجي نمبر جي خبر اٿؤ....؟“ حيرت مان پڇيائين.

هڪ لمحي لاءِ چرڪجي ويس.

ڪلي چيم”توهان جي ڪنهن به سک جي ياءُ کان پڇي وٺندس...“

” منهنجي يائرن سان ساڙ ٿا ڪيو؟“ پڇيائين.

”توهان جي يائرن کان نه، سک جي يائرن کان خوف ٿيندو اٿم....“ ڪلندي پنهنجو نمبر ٻڌائي فون بند ڪيائين.

ان رات مون ٻئي تحريرون پڙهيون ۽ جتي ضرورت سمجهيم اصلاح ڪري ڇڏيم. ٻه ڏينهن بعد ساڳيو ڇوڪرو آيو ۽ تحريرون واپس کڻي ويو.

ائين ڪافي ڏينهن بعد ڇوڪري هٿان هڪ تحرير وري موڪليائين. اصلاح ڪري ڇوڪري کي ڏنم ته شام جو پاڻ فون ڪري مهرباني چيائين. پر ان بعد هن ڪا تحرير نه موڪلي هئي نه ڪو رابطو ڪيائين.... پڪ ٿيڻ لڳي ته هن صرف آزمائڻ پئي چاهيو.

هوءَ ڪافي حد تائين مون کان وسري وئي هئي جو هڪ ڏينهن هڪ سماجي تنظيم طرفان پروگرام جو دعوت نامو مليو. ندا ان تنظيم لاءِ ڪم ڪندي هئي ۽ دعوت نامي تي ندا جا هٿ اکر هيا. پروگرام عورتن جي مسئلن جي حوالي سان هو. سوچيم ته عورتن جي پروگرام ۾ ڇا وڃي ڪندس ”نه ويندم“ فيصلو ڪيم.

پر وري ندا جو خيال آيو تہ ھن دعوت نامو موڪليو آھي تہ ھن کان معذرت ڪجي. رات جو ھڪ دوست جي پي سي او تان فون ڪيم. فون ڪنھن ڇوڪري کنئي، پنھنجو نالو ٻڌايم تہ ڪلندي چيائين،"ادا سليم.....ادي ندا سان ڳالھائيندؤ نہ؟"

ھوءَ شايد سندس ننڍي ڀيڻ ھئي ڇو تہ ھن جو لھجو ۽ آواز ندا سان ملندڙ ھيو. مون ڪيس چيڙائڻ لاءِ چيو"نہ ندا سان نہ پر توھان سان ڳالھائڻو ھيم....."

"سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي....." ڪلندي چيائين "مونکي تہ محسوس ٿيندو آھي تہ ٽيليفون ايجاد ندا لاءِ ٿي آھي....."

مان سمجھي ويس تہ ندا جا سڪ جا يائر گھڻو فون تي ڳالھائيندا ھوندا.

ڪلندي چيم"توھان جا سڪ جا يائر نہ آھن ڇا؟"

ھوءَ کلي پئي ھئي ايتري ۾ شايد ھن کان ندا رسيور کسيو ھيو.

"جي ڪير؟" ندا پڇيو.

"سليم....."

"توھان؟" ھن کي شايد حيرت ٿي ھئي،"ڪٿان پيا ڳالھايو؟"

"دل جلي ھائوس مان...."

"مطلب تہ پي سي او مان "

"ھو دل جلي ھائوس ڪيئن ٿيو؟"

"ندا توھان کي شايد خبر نہ ھوندي تہ پي سي او مان توھان جي سڪ وارن يائرن جھڙا الاءِ تہ ڪيترا دل جليا ڳالھائيندا آھن. ان ڪري آءُ ھن کي پي سي او نہ پر دل جلي ھائوس چوندو آھيان...."

مون وضاحت ڪئي.

ڪلندي چيائين"ڪيئن ياد ڪيو اٿو؟"

"توھان جي پروگرام ۾ نہ اچڻ لاءِ اڳواٽ معذرت ڪرڻ پيو چاھيان."

"ڇو نہ ٿا اچو؟"

" عورتن جي حوالي سان ۽ عورتن لاءِ آھي.... آءُ ڪنفيوز رھندس...." سچ ٻڌايومانس.

"ڪجھہ مرد بہ ھوندا" ڪلندي چيائين "توھان کي ضرور اچڻو پوندو." آءُ انڪار ڪندو رھيس پر ھن آخر اصرار ڪرايو.

"ٺيڪ آھي.... ايندس"

آءُ پروگرام ۾ ويو ھيس..... پروگرام جي آخر ۾ ھوءَ ۽ ھن کان بہ ٽي سال ننڍي ڀيڻ مليون بيٺي بيٺي گھڻي دير ادب تي بحث ڪيائين. ھن بابت عام ڇوڪريءَ وارو منھنجو تصور نہ رھيو ھيو پر ھوءَ مون کي ڪافي سنجيده محسوس ٿي ھئي. ان کان بعد ھوءَ اڪثر پنھنجون لکيون موڪليندي رھي، ۽ فون تي انھن بابت بحث ڪندي رھي پر مون ان کان بعد ڪڏھن بہ ھن کي فون نہ ڪئي. ھوءَ بہ سمجھي وئي ھئي تہ آءُ سندس سڪ جي يائرن کان ڪجھہ مختلف طبيعت جو آھيان.

ھڪ ڀيري ھڪ ڪھاڻي موڪليائين، جنھن جي مرڪزي ڪردار جون بہ شاديون ٿيل ھونديون آھن، فون تان ڳالھائيندي ان ڪردار بابت ڳالھايائين تہ کلي چيم.

”ندا گذريل ڏھن سالن کان ھڪ زال ۽ ٽن ٻارن جو تجربو اٿم ٻن شادين بابت ڇا ٻڌايان؟“
”اوھان جي شادي ٿيل آھي....ڏاڍي حيرت مان پڇيائين.
” ھا.... ھڪ شادي تہ ٿيل آھي..... ٻي بہ جلدي ڪندس....“ ڪلي چيو ھيم.
جڏھن ھُن ڪافي دير تائين نہ ڳالھايو تہ مون کي الائي ڇو خوف وڪوڙي ويو، ڪٿي ھن مون بابت ڪجھ سوچيو تہ نہ ھيو؟
سموري سگھہ گڏ ڪري ڪلندي چيم.
”ندا ..... ڪٿي رواجي چوڪرين وانگر ڪجھ سوچيو تہ نہ ھيئي؟؟“ محسوس ڪيم تہ چرڪي پر ڏاڍي اعتماد سان چيائين.
” مسٽر.... ڪٿي توھان بہ رواجي مردن وانگر تہ نہ پيا سوچيو.... سڪ جي پائرن وانگر....“
اسان ٻنھي ٺھڪ ڏنو ھيو.
”حيرت ان ڪري ٿئي ھئي تہ اوھان ايڏي عمر جا نہ پيا لڳو.“
ھن وضاحت ڪئي.
”تڏھن تہ ٻي شادي ڪرڻ پيو چاھيان......“
”واقعي.....ٻئي شادي ڪندؤ؟“ ھن کي جڻ اعتبار نہ پئي آيو،
”ھا، پر ڪنھن ليڊي ڊاڪٽر سان يا سروس واري عورت سان.“ ڪلندي چيو ھيم.
”سروس واري سان ڇو؟“
”ھن مھانگائيءَ جي دور ۾ ڏکي سکيءَ ۾ جيئڻ ڪم اچي.“
ڪلندي چيائين ”ڪنھن ليڊي ڊاڪٽر يا سروس واري جي مت مئل ھوندي جو اديب سان شادي ڪندي ؟“
”مطلب تہ ليکڪن سان شادي ھوش وارو ماڻھو تہ نہ ڪندو؟“
”بلڪل...“ جلدي ۾ چيائين.
”پوءِ بہ خير آ.....منھنجي شادي تہ وري بہ ٿيل آھي... اھو مشورو باقي غير شادي شده ليکڪ ۽ ”ليکڪائن“ کي ڏجو.“
”مون لفظ ”ليکڪائن“ کي زور ڏيندي چيو تہ ھوءَ کلي پئي ۽ چيائين ”ڏاڍا.... آھيو.....“
”ھو، ڇا“ پڇيم.
ڪو جواب ڏيڻ بجاءِ ڪلندي رھي. آخر چيائين،
”چڱو آءٌ اوھان جي ٻي شادي لاءِ دعا ڪنديس.......“
” دعا ڪجانءِ پر... ليڊي ڊاڪٽر ياسروس واريءَ لاءِ.“ مون کيس ياد ڏياريو، ھن ڪلندي رسيور رکيو.
ان کان پوءِ ھن ڳالھين ڳالھين ۾ ڪافي ڀيرا منھنجي گھر واريءَ بابت پڇيو، ٻارن بابت پڇيو. ھڪ ڀيري پڇيائين،
”ڀلا توھان جي گھر واري شڪل ۾ ڪيئن آھي؟“
” گھٽ ۾ گھٽ ڏائڻ نہ آھي. “
”پوءِ ڀلا ٻي شادي ڇو ٿا ڪرڻ چاھيو؟“

" ٻي شاديءَ جو تعلق منهنجي گهر واريءَ جي خوبصورتي هجڻ يا نه هجڻ سان ناهي.... ٻئي شادي صرف ليڊي ڊاڪٽر يا سروس واريءَ سان.... نه ته ٻئي شادي نه ڪندس."

هن ڳالهه ٽارڻ خاطر ٻيون ڳالهيون شروع ڪيون.

وقت گذرندو رهيو، مون محسوس ڪيو ته ندا لکڻ کان وڌيڪ سماجي ڪمن ڏي ڌيان ڏئي رهي آهي. هڪ پروگرام ۾ ملياسين ته مون کيس چيو،"ندا......تو لکڻ جو ڇڏيو؟"

" بس.....وقت ٿورو پيو ملي...." اڳ هو مون سان گهڻو وقت ويهي ڳالهائيندي هئي پر ان ڏينهن هو جلد اٿان هلي وئي....صرف هڪ لمحي لاءِ ڏک ٿيم. پر وري رواجي مرد واري طبيعت جو پنهنجو پاڻ کي طعنو ڏئي ڏک کي اڏاري ڇڏيم. گهڻي وقت بعد هن جي ڪنهن سک جي ياءُ کان خبر پئي ته هوءَ ڪنهن ڳالهه کان پريشان آهي ۽ ڪنهن جو فون به اٽينڊ نٿي ڪري.

گهڻي ڪوشش باوجود رهي نه سگهيس. هن کي فون ڪيم، فون ندا جي ننڍي ڀيڻ کنئي. ڳالهايم ته سڃاتائين. ندا هو پڇيم ته هڪ لمحي لاءِ خاموش ٿي چيائين،

"ادي ته .....ڪجهه مصروف آهي....."

"نه آهي" نه چئي سگهي هئي.

"فضيله..... مون ٻڌو آهي ته هوءَ پريشان آهي..... ڇو؟"

ڪجهه گهڙيون خاموش رهي، ڇڻ فيصلو ڪيائين.

"ادا سچي ٻڌايانوَ؟"

"ها" ڌڙڪندڙ دل سان پڇيم.

"ندا جي مڱڻي جون ڪوششون ٿين پيون" هن ٻڌايو.

الاءِ ڇو ڪجهه گهڙيون ڳالهائي نه سگهيو هيس.

"چري اِها ته خوشي جهڙي ڳالهه آهي." محسوس ڪيم ڪيس دلاسو ڏئي رهيو هيس.

"ها پر ادي انڪار پئي ڪري."

"ڇو؟" حيرت مان پڇيم.

" خبر نه آهي ته ڇو؟.....بس چوي پئي ته في الحال شادي نه ڪنديس......"

"ڪٿي..... ٻي هنڌ.......؟" سوال اڌورو ڇڏيم سمجهي وئي.

" ڪا خاص ڳالهه زبان سان چوي به نه پئي...." هن ٻڌايو، مان خاموش ٿي ويس.... سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا چوان.

" ادا، هڪڙي ڳالهه چوان.....؟؟" فضيله جي آواز تي ڇرڪيو هيم.

" ها....."

" توهان..... ندا سان شادي ڇو نه ٿا ڪريو؟" هن اٽڪي اٽڪي چيو. ائين لڳو ڄڻ ڪو جبل منهنجي مٿان ڪري پيو هجي.

ان سوال تي، ان خيال کي ڪيئي ڀيرا رواجي مرد وارو خيال چئي پاڻ تي ڏاڍو کِليو هيس... .خبر نه هئي ته هڪ ڏينهن اهو رواجي سوال ائين سامهون ايندو.

" هيلو....؟" فضيله جي آواز تي خيالن مان نڪري آيس.

” فضيلہ.... آءُ شادي شده آهيان؟“

” منهنجي خيال ۾.... ندا کي اعتراض نہ هوندو.“ فضيلہ منظقي خيال استعمال ڪيو پر مان سمجهي ويس تہ هن کي پڪ هئي.

” پر فضيلہ.... مون کي مناسب نہ پيو.....“ منهنجو جملو اڌ ۾ رهجي ويو، چو تہ محسوس ڪيم تہ فضيلہ کنهن کي ڪجهہ چوڻ واري هئي تہ هن ڪان رسيور ڪسي ڪنهن رکي ڇڏيو.

مون کي پڪ ٿئي تہ ندا هن جي پرسان اچي وئي هئي ۽ ان ئي رسيور وٺي رکي ڇڏيو.

مون بہ وڏو ساهہ کڻندي رسيور رکيو تہ پي سي او جي مالڪ ٺهڪ ڏئي چيو، ”آخر ٿئين تو بہ “دل جليو“ ٻين تي ٺوڪيون ڪندو هئين.....“

صرف بي وسيءَ واري مرڪ سان ڪيس ڏٺم.

ان رات ندا بابت سوچيم. ڪيڏو ناز هيو، مون کي پاڻ تي تہ آءُ رواجي مرد نہ آهيان. پر يقين ٿيم تہ انسان جبل جيڏو مضبوط پاڻ کي سمجهي پر خواهشون ڪاٺ هڻي ضرور اينديون آهن.

ان رات فيصلو ڪيم تہ ندا سان ڪنهن بہ قسم جو رابطو نہ رکندس. ڪجهہ هوءَ بہ پري ٿيندي پئي وجي. ڪجهہ مون بہ ساڻس ڪو رابطو نہ رکڻ چاهيو. ائين سالن تائين آءُ هن ڪان لاتعلق ۽ بي خبر رهيس. ڪجهہ چاڙهي واڙي ڪجهہ حالتن بہ مون کي ٻيو ڪجهہ سوچڻ جو موقعو نہ ڏنو. ڪاروبار گهٽ هجڻ سان گڏوگڏ منهنجي ننڍڙي ڪڪي بيمار ٿي تہ جڻ پريشانين ۾ اچي ويس. پنهنجي وس ڪان ٻاهر چڙهي ويئي تہ ڏاڍو دوستن ڪان اوڌر، امداد وغيره بہ ورتم. پر ڊاڪٽر جو چوڻ هو تہ گهڻا پيسا هٿ ڪيان تہ جيئن ڪورس دوائن ۾ هلائي ننڍڙي جو مڪمل علاج ڪجي. پنهنجي ڪنهن ڪهاڻيءَ جي ڪردار جيان پاڻ کي قاتل محسوس ڪيم. هڪ ڏينهن ڊاڪٽر جي پرائيويٽ ڪلينڪ روم ۾ ننڍڙيءَ جي پرسان وينو هيس. امان پر واري روم ۾ ڪنهن بيمار مائي سان ڳالهائي رهي هئي.

مان ننڍڙيءَ جو معصوم چهرو تڪي ڪجهہ سوچي رهيو هيس تہ روم جو در کڙڪيو،”اچو“ چئي منهن ڦيرائي ڏٺم تہ حيرت مان اتي بيٺس.

” ندا .... تون؟“

توهان اڄ ڪم تي نہ ٿا وڃون ڇا؟“ ڄڻ هن کي منهنجي اتي هجڻ جي اميد نہ هئي.

”توسان ملاقات جو ٿيڻي هئي....“ ڪيئي سالن بعد پنهنجي لهجي ۾ شوخي محسوس ڪيم.

هوءَ ٿورو مرڪي پئي، پر محسوس ڪيم سندس سڄو وجود مرڪ سميت ٿڪيل آهي.

”ندا هتي ڪيئن آئي آهين؟“

”توهان جي ڌيءُ کي ڏسڻ آيس“ هن چيو. آءُ حيران ٿيس. مطلب تہ هوءَ مون بابت خبر رکي ٿي.

هوءَ اڳتي وڌي ۽ ننڍڙيءَ جي پيشاني چميائين.

”ندا چانهہ.....“

”نہ جلدي اٿم.....“ چئي هن پرس مان ڪيئي وڏا نوٽ ڪڍي اکيون بند ڪيل ننڍڙيءَ جي هٿ تي رکيا.

”ندا.....“ مون چوڻ چاهيو.

”توهان لاءِ نہ ....پر هن جي خرچي آهي.“

مون ڏٺو جيتري رقم کي هوءَ ”خرچي“ چئي رهي هئي، ايتري ڪو مون کي اوڌر بہ نہ ڏئي ها.

هوءَ وڌيڪ ڪجھ چوڻ بنا وڃڻ لڳي. مان به ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس.
”ندا.... تو شادي ڇو نه ڪئي؟“ مان رهي نه سگهيس.
هن صرف مرڪي مون ڏانهن ڏٺو ۽ وڃڻ لڳي.
مون ڪيس وري سڏ ڪيو، هوءَ بيهي رهي.
”ندا....“ ڄڻ هڪ لمحي ۾ فيصلو ڪيم،
”مان تو سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو......“
”پر مان ليڊي ڊاڪٽر نه آهيان، نه ئي سروس اٿم......“
هن جي لهجي ۾ ٽوڪ هئي يا ڏک، نه سمجهي سگهيس.
” تون جيئن آهين....“ چوڻ چاهيم .
”تون ڪو خوف نه ڪر ، آءُ توکان اهي پيسا واپس نه گهرنديس.......
هن چيو” ضرورت پوي ته ٻيا پيسا به وٺي وڃجانءِ.......“
مون کي ائين لڳو ڄڻ سڄي دنيا آڏو ننگو ٿيو هجان.

***

# جنت ۾ ڏھن سِرن جي جاءِ

منھنجا پيارا دوست... مون پڌو آهي تہ تون ڏاڍو بيمار پيو آهين. توسان ملي بہ وڏو وقت ٿيو آهي.... آءُ تہ توسان ملڻ ٿو چاهيان، پر ڪجھہ مجبوريون آهن.... توسان ملڻ نہ ٿو اچي سگهان. پر جيڪا ڳالھہ آءُ توکي چوڻ ٿو چاهيان، اُها هن خط ۾ لکي رهيو آهيان. اميد تہ تون منھنجي خط کي نظر انداز نہ ڪندين.

مان جيڪا ڳالھہ ٻڌائڻ ٿو چاهيان اُها ڪا ايڏي پراڻي ڳالھہ بہ نہ آهي. هي ان ڏينھن جي ڳالھہ آهي جڏهن آءُ هڪ ٻئي شھر کان پنھنجي شھر ڏانھن واپس اچي رهيو هيس. ايئر ڪنڊيشنڊ ڪوچ ۾ نرم سيٽ تي ويھندي مون بور ٿيڻ کان بچڻ ڪانِ نئون ورتل ميگزين کولي پڙهڻ شروع ڪيو.

اجا گاڏي جي هلڻ ۾ ڪجھہ وقت هيو ۽ ماڻھو پنھنجين سيٽن تي ويھي رهيا هيا. ٿوري دير بعد گاڏي هلڻ لڳي تہ مون مئگزين بند ڪري وينل ماڻھن جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو.

مون کان اڳين سيٽ تي هڪ پوڙهو شخص، صاف ستري لباس ۾ وينل هيو ۽ ان سان گڏ هڪ انن ڏهن سالن جو ڇوڪرو وينو هيو. انهن کان اڳين سيٽن تي ٻہ نوجوان ڇوڪريون وينيون هيون. منھنجون نظرون انھن مٿان ڪپي ويون. پوڙهي سان وينل ڇوڪرو انھن ڇوڪرين سان ٿورو جهڪي ڪجھہ چئي رهيو هيو. جنھن مان مون اندازو لڳايو تہ اهي سڀ هڪ ئي فيملي جا آهن.

آءُ هنن ڇوڪرين کي دلچسپيءَ مان ڏسي رهيو هيس. ان کان اڳ جي سفرن ۾ سدائين بسن ڪوچن ۾ ڪراڙيون يا ٻارن ٻچن واريون مايون گڏ سفر ڪنديون رهيون هيون. پھريون ڀيرو ائين ٿيو هو، جو ٻہ نوجوان ڇوڪريون منھنجي اڳين سيٽن تي وينيون هيون. انھن مان هڪ ڇوڪريءَ ڪڏهن ڪڏهن پنھنجي پر واري ڇوڪريءَ کي ڪجھہ چوڻ يا ٻڌڻ لاءِ ٿورو منھن ڦيرائي ڳالھائيندي هئي تہ ان جي منھن جو هڪ پاسو نظر ايندو هيو. باقي ٻئي ڇوڪري سڌو ئي وينل هئي. اها ڇوڪري شڪل جي ڪئين هوندي؟ آءُ بار بار اهو سوچڻ لڳو هيس. ڪافي وقت گذري ويو ان ڇوڪريءَ جو منھن نہ ڏسي سگهيس. منھنجي دل ۾ عجيب بيچيني ٿيڻ لڳي هئي.

اها ڇوڪري شڪل جي ڪيئن هوندي؟...آءُ سوچيندو رهيس. اوچتو مون کي هڪ خيال آيو.

مون ورتل مئگزين هٿ ۾ ڪنيو ۽ سوچڻ لڳس تہ ٿوريءَ دير ۾ اهو ڪراڙو وقت گذارڻ لاءِ مون کان هي رسالو گهرندو. پوءِ هي رسالو هن کان اهي ڇوڪريون وٺنديون ۽ جڏهن اهو مئگزين واپس ٿيندو تہ ان جي ڪنھن صفحي تي ان ڇوڪريءَ جي سائن ٿيل هجي......يا ڪجھہ جُملا اندر لاٿين ٿيل هجن!؟

جُملا؟ ڪھڙا جُملا؟

يقينن رومانوي جُملا .

يا وري ان خوش پوشاڪ ڪڙاري سان مئگزين ڏيڻ ۽ وٺڻ کان پوءِ تعارف ٿئي، ۽ پوءِ واقفيت وڌي ۽ ڪنھن اسٽاپ تي هو، يا مان....هڪ ٻئي کي چانھہ جي صلاح هڻون.

چانھہ....؟ اها بہ انھن نوجوان ڇوڪرين سان؟

خاص طور ان ڇوڪريءَ سان، جنھن جو مون اجا منھن بہ ناهي ڏٺو.

(ڇوڪرين سان گڏ چانھہ پيئڻ جي خيال سان شايد منھنجي چپن تي مرڪ تري آئي هئي)

”حضرات...ڏيان ڏيندا.....“

اوچتو هڪ زوردار آواز تي ڇرڪجي خيالن مان نڪري آيس. بس جي اڳين حصي ۾ هڪ ڊگهي ڏاڙهي وارو مولانا بيٺو سيني سان مخاطب ٿي چئي رهيو هو، ”حضرات....اوهان ۽ اسان هن دنيا ۾ گهٽو ڪجهه ڪائون ڪپايون ٿا....“ آءُ بوريت مان ان مولانا جي تقرير ٻڌي رهيو هيس ۽ آخر ۾ هن چيو، ”۽ اسان مسجد ٺهرائي رهيا آهيون..... ان ۾ پنهنجي حصي طور جيڪا رقم ڏئي سگهو، ڏيو.... الله اوهان ڪي جنت ۾ محل ڏيندو.“

مولانا جي لهجي ۾ ڪو اثر هيو يا ماڻهو سڀ رحمدل وينا هيا، مولانا جنهن جنهن جي اڳيان ويو، ان ڪجهه نه ڪجهه ڪيس پيسا ڏنا. هو وڌيڪ به الاءِ ڇا ڇا چوندو، اڳتي وڌندو رهيو، مان ته بس انهن ڇوڪرين ڪي ڏسي رهيو هيس. مولوي صاحب صدائون هڻندو انهن ڇوڪرين جي اڳيان آيو ته هڪدم ان ڇوڪريءَ ، جنهن جو اجان تائين منهن به نه ڏسي سگهيو هيس. ان پنهنجي پرس مان پيسا ڪڍي مولوي ڏي وڌايا.

سچ پڇو ته مان ساهه ڪڻڻ به وساري وينو هيس.

ايترو پورو هٿ ۽ ان جون ايتريون ته خوبصورت ڊگهيون آڱريون؟ انهن خوبصورت آڱرين ۾ ڏهين روپين جو نوٽ پڪڙيل هو. مولوي صاحب الاءِ ته ڪهڙيون دعائون ڏيندو، ان کان نوٽ وٺي اڳتي وڌي آيو. منهنجي نظرن مان دنيا جون سموريون شيون، سيئي منظر غائب ٿي ويا هيا، باقي صرف بچيون هيون ته اهي خوبصورت آڱريون.

مان سوچڻ لڳو هيس ته جنهن جون آڱريون ايتريون خوبصورت آهن، اها شڪل جي ڪيتري نه خوبصورت هوندي؟

ايتري ۾ مولوي صاحب منهنجي اڳيان اچي بيٺو.

بيو ڪو موقعو هجي ها ته آءُ ڪيس روپيو به نه ڏيان ها پر جيئن ته ان خوبصورت آڱرين واريءَ ڇوڪريءَ ڪيس پيسا ڏنا هيا، ان ڪري مون کي خيال آيو ته اها ڇوڪري ان ثواب جي ڪري جنت ۾ ويندي، ان ڪري مون به مولوي کي ڪجهه پيسا ڏنا ته جيئن ان ڇوڪريءَ کي جنت ۾ جت جڳهه ملي ته مون کي به ان پاڙي ۾ ئي جڳهه ملي، چو ته اسان ٻنهي تقريبن گڏ پيسا ڏنا هيا.

بس هلندي رهي.... سفر ڪٽجندو رهيو. پر مان خوبصورت آڱرين واري ڇوڪريءَ جو چهرو نه ڏسي سگهيو هيس

مون ميگزين کي به ظاهر ڪري هٿ ۾ جهليو هيو پر ڪراڙي اجان به مون کان ميگزين پڙهڻ لاءِ ڪو نه ورتو هيو.

ڪيئي شهر آيا ويا، مون سوچيو هيو ته ڪٿي گاڏي بيهي ته مان لهي وري گاڏيءَ ۾ چڙهڻ جي بهاني ان ڇوڪريءَ جو منهن ڏسندس. نيٺ گاڏيءَ هڪ شهر ۾ بيني ته ان ڪراڙي انهن ڇوڪرين کي چيو،

”اٿو گيتا....لهڻو آهي.“

منهنجي ذهن ۾ ڌماڪا ٿيڻ لڳا هيا. مون ته اجا ان خوبصورت آڱرين واري ڇوڪريءَ جو منهن به ڪو نه ڏٺو هو، اجا ته هنن مون کان مئگزين به ڪو نه ورتو هيو؟ انهن سان تعارف به رهيل آهي؟ ۽ ميگزين ۾ اندر لائين ٽيل جُملا؟؟....۽ اسٽاپ تي انهن ڇوڪرين سان گڏجي چانهه...؟

مون هٿ ۾ پڪڙيل ميگزين کي بي وسيءَ مان ڏٺو. اهو ڪراڙو ۽ ڇوڪري اٿي بينا ۽ اهي ٻئي ڇوڪريون به . پر جيئن ته ڪراڙو ۽ ڇوڪرو منهنجي اڳين اچي ويا هيا، ان ڪري آءُ ان خوبصورت آڱرين واري

ڇوڪريءَ جو منهن لهڻ وقت به نه ڏسي سگهيس. گاڏي ٻيهر هلڻ لڳي ته مون بي دليءَ مان سيٽ تي ٽيڪ ڏئي اکيون ٻوٽي ڇڏيون، منهنجي بند اکين ۾ به اهي خوبصورت آڱريون ڦري رهيون هيون.

اوچتو مون کي ان ڪراڙي جو اهو جملو ياد آيو، هن لهڻ کان اڳ ڇوڪرين مان هڪ کي چيو هيو،”اٿو گيتا....لهڻو آهي، تيار ٿيو!“

” ان جو مطلب ته انهن مان هڪ ڇوڪريءَ جو نالو گيتا هيو ۽ اهي منهنجون ڇوڪريون هم مذهب نه هيون!“

جي اها خوبصورت آڱرين واري ڇوڪري منهنجي هم مذهب نه هئي ته مطلب ته اها جنت ۾ به نه ويندي؟ ۽ جي اها جنت ۾ نه ويندي ته منهنجي پاڙيسري به نه ٿيندي؟ مون محسوس ڪيو ته ان ڇوڪريءَ کان سواءِ جنت ۾ مزو نآهي. مان سوچڻ لڳس ته ان ڇوڪريءَ کي جنت ۾ جڳهه ڪيئن ملندي؟ مان سوچيندو رهيس، سوچيندو رهيس.....ايتري خوبصورت آڱرين واري ڇوڪريءَ کي جنت ۾ ضرور هجڻ کپي.

مان سفر پورو ڪري موٽي آيُس پر منهنجي سوچ ان ڳالهه تي ئي اٽڪيل رهي ته ايتري خوبصورت آڱرين واري ڇوڪريءَ کي جنت ۾ هجڻ کپي.

هڪ ڏينهن مون هڪ مولويءَ کان پڇيو،” ڇا سان جي مذهب کان سواءِ ڪو به جنت ۾ نه ويندو؟“

مولوي جلد ئي چيو”....نه بلڪل به نه....“

” ڪڏهن به نه؟“ مون پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيو.

” نه... بلڪل به نه“ هن مون کي گهوريندي چيو. آءُ هن جي گهوري ڏسڻ تي ڊڄي ويم ۽ هن کان وڌيڪ سوال نه ڪيم. هڪ ڏينهن جڏهن منهنجي مآءُ نماز پڙهي رهي هئي ته مون هن کان پڇيو.

” امان..... ٻئي مذهب جي نيڪ عورت جنت ۾ ويندي يا نه؟“

امان چيو”نه..... جنت ۾ نه ويندي پر هن کي نيڪي جي بدلي ۾ هن دنيا ۾ سُون يا زيور ۽ ٻيا سُک ملندا.“ امان جي جواب کان به مايوس نه ٿيس.

”ان خوبصورت آڱرين واري ڇوڪريءَ کي جنت ۾ ضرور هجڻ گهرجي.“ مان چوندو رهيس.

مان پريشان هيس، دوست منهنجي پريشانيءَ جو سبب پڇندا هيا پر مان کين ڪجهه ٻڌائي نه سگهندو هيس چو ته مان سوچيندو هيم ته هنن کي ان خوبصورت آڱرين واري ڇوڪريءَ جي باري ۾ ٻڌائيندس ته هُو مونکي چريو چوندا، يا هو به چوندا ته اها ڇوڪري جنت ۾ نه ويندي.“

هڪ ڏينهن هڪ دوست مليو، جيڪو سنو پڙهيل لکيل ماڻهو هو ۽ مذهب جا ۽ ٻيا ڪتاب پڙهندو هيو.

مون هن کان پڇيو”شعيب!....ڇا اسان جي مذهب کانسواءِ ٻي مذهب وارو به جنت وڃي سگهندو يا نه ؟“

هن هڪ لمحي لاءِ مون ڏانهن گهوري ڏٺو ۽ پوءِ چيائين،

”نه.... غير مسلم جنت ۾ نه ويندو.“

” پر يارَ ! مسجد جي مولوي ته اهو واعدو ڪري پوءِ چندو ورتو ته الله توهان کي جنت ۾ جاءِ ڏيندو.....“ مون ڇڻ رڙ ڪري ڪيس چيو.

شعيب حيران ٿي مون کي ڏٺو، پوءِ ڪجهه سوچيندي چوڻ لڳو،

” تون ٿورو تفصيل ٻڌاءِ.“

مون ڪيس سچو واقعو ٻڌائيندي چيو ” يار ان مولوي چيو تہ هو تہ توهان مسجد لاءِ چندو ڏيو، الله توهان کي بدلي ۾ جنت ۾ جاءِ ڏيندو..... ڏس يار.... ان خوبصورت آڱرين واري ڇوڪريءَ تہ جنت جي ڪري چندو ڏنو ۽ ان کي جنت ۾ هجڻ گهرجي نہ ؟“

منهنجو دوست حيرانيءَ مان ڏسندي سوچيندي چوڻ لڳو،”مان ان مسئلي تي وڌيڪ سوچڻ ٿو چاهيان.... تون چانھہ پيئار.“ چانھہ گهرايم... ان ڪان پوءِ سگريٽ گهرائڻ لاءِ چيائين. وري چيائين ” هت ٻوسٽ آهي.... ٽانگي تي کُلي هوا ۾ گهمندي سوچيون ٿا....“ مون ان ڪري هن جي هر ڳالھہ پٺي مڃي تہ ان خوبصورت آڱرين واري ڇوڪريءِ کي هر حال ۾ جنت ۾ هجڻ کپي. شايد ان معاملي ۾ هو ڪا سٺي راءِ ڏئي.

ٽانگي تي گهمندي بہ هو مون ڏانهن الاءِ ڇو عجيب نظرن سان ڏسندو رهيو..... ڪافي دير بعد هڪ هنڌ هن ٽانگو بيهاريو. ڪرايو ڏئي لٿاسين تہ هن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي هوريان هوريان هلندي چوڻ لڳو،

”هر مذهب وارا چونداآهن تہ صرف اسان ئي جنت ۾ ويندا‌سين ٻئي مذهب وارا جنت ۾ نہ ويندا.... پر .... هن خوبصورت آڱرين واري ڇوڪريءَ کي واقعي بہ جنت ۾ هجڻ کپي.....“هن مون ڏانهن ڏٺو.

”پلا ان خوبصورت آڱرين واري ڇوڪريءَ گهڻو چندو ڏنو هيو؟“

”ڏھہ روپيہ....“ مون تڪڙو جواب ڏنو.

”هون.... ڏھہ روپيہ؟.... ٺيڪ.... پلا ڏهين روپين ۾ گهڻيون سِرون ملنديون؟“

”ڏھہ سِرون.“

”ٺيڪ ...ان ڇوڪريءَ کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سِرن جيتري جڳھہ جنت ۾ ملڻ گهرجي.“

هن جي جواب تي هڪ لمحي لاءِ آءُ مايوس ٿي ويس.

”صرف ڏهن سِرن جيتري جاءِ؟“ مون سوچيو. پر وري خيال آيو تہ ڇوڪري... خوبصورت آڱرين واري ڇوڪري جهنم وڃڻ کان تہ بچي ويندي...“ مان خوش ٿيس. مون کي خوش ٿيندو ڏسي، شعيب الاءِ ڇو اداس ٿي ويو هو؟؟

مان خوش آهيان.... ان ڪري تہ جنت ۾ ان خوبصورت آڱرين واري ڇوڪريءَ جو منهن ڏسي سگهندس.... هن جو منهن بہ يقينن ان جي آڱرين کان بہ وڌيڪ خوبصورت هوندو... ڀلي تہ صرف ڏهن سِرن جي جڳھہ جي ڪري آءُ هنکي آسانيءَ سان ڳولهي لهندس... ۽ دوست! مان پنهنجن سمورن دوستن کي چوندس... ۽ توکي بہ چوان ٿو...... تون بيمار آهين... جي مري وڃين... ۽ جنت ۾ وڃين تہ اتي توکي ڏهن سِرن واريءَ جاءِ ۾ ڪا خوبصورت ڇوڪري نظر اچي تہ ان کي چئجانءِ تہ منهنجو انتظار ڪري.... مان جلد هن کي ڳولهي لهندس.“

***

# سڀ ڪجھ ساڳيو

ماءُ جي بار بار اٿارڻ تي هو نيٺ اٿي تہ، ذهن ۾ ننڊ پوري نہ ٿيڻ باوجود نہ ڪو غصو پيدا ٿئي تہ نہ ڪو ڪروڌ .گهڙيال ڏانهن منهن ڦيرائڻ کان بغير ڪيس اندازو ٿي تہ وڃي تہ ست لڳي ويھہ . پنجويھہ منٽ ٿيا هوندا. اڌ اکين کليل سان معمولي تيڙا ڪائيندو، هو باٿ روم ۾ داخل ٿئي ٿو. پلاسٽڪ جي هڪ ننڍڙي دٻي ۾ گهر جي سيني ڀاتين جا ٽوٿ برش آهن. هو هڪ لمحي لاءِ سيني برشن کي غور سان ڏسي ٿو.

"بابا جو برش ان جي زندگي وانگر جڻ ٻي رنگ ۽ پراڻو آهي. وڏي ڀاءُ جو برش ان جي مزاج مطابق ئي تيز رنگ جو ۽ ننڍڙي ڪِڪِي جو برش جو ٻن . يا ٽن رنگن ۾ آهي. پر ۾ تي ڪجھ پُراڻا ٽوٿ برش ائين بيڪار پيا هئا جڻ زندگي جي ڪمن ڪارن کان رٽائرڊ ڪجھ "اولڊ هائوس" ۾ پيا هجن."

هو سوچيندو بہ رهيو ۽ وهنجندو بہ رهيو. جڏهن ٻاهر نڪري آيو تہ ڪمري ۾ رکيل ٽيبل تي جنهن جون ٽي جنگهون نيڪ هيون ۽ چوٿين پڳل هئي، جنهن کي هن سروٽن جي ٽيڪ سان بيهاريو هيو. ان مٿان سندس ڀاڃائي ماني رکي چڪي هئي، پر ۾ اسٽول رکي ويهي ماني کائڻ لڳي ٿو. ماني کائڻ کان پوءِ آئيني آڏو بيهي ڦڻي ڏيڻ کان پوءِ ماءُ کان موڪلائي ٿو.

" ڪراڙي آءُ هلان پيو." هو ماءُ کي جاٽي واٽي ڪراڙي چوندو هيو.

" ها ابا الله واهر." ماءُ کيس مرڪي دعا ڏني. گهر کان نڪري وڏي روڊ تي آيو.

ڪافي دڪان کلي چڪا هيا، درزي، حجم، ڌهي، کير وارو، مانڊليون ۽ ٻيا ڪوڙ دڪان، دڪانن کان ساڳيو شور ٻڌندو هلندو رهيو." تنهنجي ياد جي...." ڪٿي سرمد هلي پيو.

" گهونگهٽ کي آڙ سي....."

" ڳاڙهو وڳو ڳاڙهو وڳو...."

" تجهي ديکا تو...."

روز هلندڙ ساڳيا گانا، دڪان تي ڪم ڪندڙ ڇوڪرا صفائي ڪندي بار بار، روڊ تي ويندڙ اسڪولي ڇوڪرين کي بہ ڏسن ٿا.

هو ٿورو مرڪي ٿو.

اڳتي وڌندي هن سوچيو، "هن ساڳي رستي تي اکيون بند ڪري بہ هلان تہ شايد بنا ڪنهن تڪليف جي پنهنجي منزل تي پهچي وڃان... شايد بار بار اچڻ وڃڻ جي ڪري رستا بہ دوست ٿي پوندا آهن ۽ اسان جي قدمن کي ڏاند وانگر هلائيندا رهندا آهن. جڏهن ماڻهو رستي کان توجھ هٽائن ٿا تہ رستو بہ ڪنهن دوست جيان توجھ هٽائي ٿو ۽ نتيجي طور ماڻهوءَ کي ٺوڪر لڳندي آهي...."

چپن تي هلڪي مرڪ تري اچيس ٿي. چند لمحن ۾ ئي هڪ ڏهہ ٻارنهن سالن جي ڇوڪري هن جي پرسان گذري، معمول موجب هن ڏانهن هڪ نظر نهاري ٿي. هِنَ ڇوڪريءَ جي چهري تي ڪي بہ تاثر محسوس نہ ٿيندا آهن. پر هو پاڻ مرادو ٿورو مرڪي ٿو ۽ روز جيان سوچي ٿو ،

"ڇوڪريءَ ۾ وڏي ڪشش آهي."

وري جڻ پاڻ ئي پاڻ کي ٽوڪي ٿو،

” هوءَ ننڍي آهي.... مون کي هن جي باري ۾ ائين نہ ، سوچڻ کپي.“ پر پوءِ بہ الائي ڇو آءُ روز هن کي ڏسي ائين سوچيندو آهيان...... شايد مرد جي فطرت ئي اهڙي آهي.“

”ڇا وڏي عمر جون عورتون بہ ننڍن ڇوڪرن بابت ائين سوچينديون آهن؟“ هو سوچي ٿو ۽ پاڻ مرادو ڪلي ٿو، سندس نظرون اجا بہ پري ويندڙ ان ڇوڪريءَ ۾ کُتل آهن.

”ڪجھ بہ هجي.....پر هوءَ ننڍي آهي....ننڍي ڀيڻ جيتري.“

”نہ.... محبوبہ جي ننڍپڻ جيتري.“

”نہ......ڀيڻ جيتري.....“

هن جي ذهن ۾ جملن جي جنگ لڳي ٿي. ايستائين جو اها ڇوڪري ٻئي رستي کان مُڙي نظرن کان غائب ٿي وڃي ٿي.

هو بہ روز جيان ٽِڙو ساھ کڻي سوچي ٿو،

”شايد سياڻي بہ مونکي اهي ئي خيال اچن ۽ جيڪڏهن معمول ائين ئي رهيا تہ اها ڇوڪري هڪ ڏينهن وڏي ٿي ويندي ۽ ڪاليج وغيره ۾ داخلا وٺي ٻي رستي سان اچڻ وڃڻ شروع ڪندي.“

”سائين السلام عليڪم“ ريڙهي تي بيهہَ ڪپائڻ وارو روز جيان ڪيس سلام ٿو ڪري. جواب ڏئي هو ڪجھ قدم اڳتي وڌي ٿو. روز جيان نوجوان ڊاڪٽر هن جي سامهون اچي ٿو وڃي ۽ گهري دوستي يا پراڻي واقفيت نہ هجڻ باوجود هو هڪ ٻئي سان وڏي خلوص سان سلام دعا ڪن ٿا. هو سوچي ٿو ”انسانن وچ ۾ ڪهڙا ڪهڙا نہ رشتا آهن.... رت جا رشتا..... دوستي جا رشتا... ۽ ائين روز رستي تي ايندي ويندي سلام دعا جا رشتا....“ ائين هو هڪ پرائيويٽ اسڪول جي پرسان گذري ٿو. ان اسڪول ۾ ٻين اسڪولن جا ٻار پنهنجي پنهنجي اسڪول طرفان مقرر ڪيل رنگ برنگي ڪپڙا پاتل اچي وڃي رهيا هئا.

هو سوچي ٿو ”شايد پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکڻ جي خواهش انسان جي فطرت ۾ شامل آهي نہ تہ هڪ ئي شهر جا ٻار... پنهنجي پنهنجي والدين کي هڪ جيترا ئي پيارا... هڪ جهڙو ئي مقصد کڻي گهران نڪرندڙ ٻار.... پر انهن جا يونيفارم جدا جدا....“ هو وڌيڪ سوچڻ ڇڏي سامهون ايندڙ ٽانگي کي ڇتائي ڏسي ٿو، جنهن جي اڳين سيٽن تي بہ ٽي ٻار ۽ پوئين حصي ۾ ڪاري برقعي ۾ بہ عورتون، جن بابت هن کي پڪ آهي تہ پر واري پرائيويٽ اسڪول جون ٽيچر آهن.

اهو ٽانگو بہ تقريباً ان جڳھ تي روز هن جي پر مان گذري ٿو پر نہ تہ منهن پوئتي ورائي انهن عورتن کي ڏسي ٿو ۽ نہ ئي ڪنهن بهاني بيهي ٿو. هو تہ روز فقط انهن ٽيچرس مان ڪنهي هٿ ڏانهن وينل ڇوڪريءَ جي صرف خوبصورت آڱرين کي ئي ڏسندو آهي، جيڪي ٽانگي جي لوهي پٽي مٿان رکيل هونديون آهن.

ڪيترو نہ عجيب اتفاق آهي جو اها ڇوڪري هر روز ان ئي پاسي تي ويهندي آهي. ڪافي ڏور تائين اهي آڱريون هن جي نظر اڳيان ڄڻ ڄمي بيهنديون آهن.

ڪجھ وقت اڳتي هلي، هو هوريان هوريان هلڻ لڳي ٿو، ڇو تہ اهو ٽائيم هوندو آهي، سامهون هڪ ڪنڊ ۾ ڪراچي کان ايندڙ گاڏي جي بيهڻ جو. هو سامهون ڏسندو آهي، گاڏيءَ مان لهندڙ ماڻهن کي، اڪثر هن جون نظرون مايوس نہ موٽنديون هيون. گاڏيءَ مان لهندڙ خوبصورت چهري تي نظر پوندي ڄڻ هو مقصد حاصل ٿو ڪري وٺي. جسم ۾ هڪ نئين توانائي محسوس ڪندي هن جا پير وري تڪڙو هلڻ لڳندا آهن.

جلدي هو هڪ هوٽل ۾ داخل ٿو ٿئي. معمول موجب هو ٽي وي جي پر واري ڪرسين مان هڪ تي ويهي ٿو. هن ڪان اڳ ۾ ڪجھ ماڻهو وينا هوندا آهن. تمام ٿورا اڻ واقف، باقي گهڻا هن وانگر روز ايندڙ ويندڙ...... هو جڏهن ويهندو آهي، ان وقت ٽي وي تي پراڻا گانا هلندڙ هوندا آهن ۽ هڪ ڪراڙو وڏي دلچسپيءَ سان اهي گانا ڏسندو آهي. بلڪل هوٽل جو بيرو ان وقت صرف ان جي چوڻ تي ئي پراڻين گانن وارو چئنل هلائيندو آهي.

”واهه سائين واهه......“ ڪراڙو پروگرام ختم ٿيڻ تي چوندو آهي.

”ڪيڏا نہ خوبصورت گانا آهن..... پراڻا.... ٻڌڻ سان روح خوش ٿو ٿئي.“ هو بہ سندس دل رکڻ خاطر”ها، ها“ چئي ٿو. چانهہ آڻي رکي بيرو ٽي وي جو چئنل مٽائي ٿو. خبرون هلڻ لڳنديون آهن.

صبح شام، حڪومت ڪنهن جي بہ هجي پر ساڳيو ئي مزدوري ڪرڻ وارو هوٽل جو بيرو خبرن تي تبصرا شروع ٿو ڪري. ان وچ ۾ هو ڪائونٽر ڪان ڪٽي آيل اخبار جو اندريون صفحو کولي ٿو. هو ائين ڪندو آهي.... هر روز.... اخبارن ۾ خبرون پڙهڻ ڪان اڳ اندريون صفحو کوليندو آهي. جتي اڪثر ڪري ”قسم نامو“ جي عنوان سان گهران نڪري شادي ڪندڙ ڇوڪرين جي حوالي سان اشتهار هوندا آهن.

هاڻي هو اتي ڇپيل ڇوڪرين جون تصويرون ڏسندو آهي. باقي مواد ڇڻ هن کي نماز جي ضروري آيتن جيان ياد هوندا آهن.

غير مسلم ڇوڪري اڪثر ڪري ڪنهن پير، مرشد جي هٿان اسلام ۾ داخل ٿيندي آهي. سيني جو نالو فاطمہ رکيو ويندو آهي ۽ مسلم ڇوڪري هوندي آهي تہ ڇاڻائيندي آهي. آءٌ ماءُ پيءُ جي گهران فقط ٽن ڪپڙن ۾ نڪتي آهيان. جنهن تي هو اڪثر سوچيندو آهي تہ سردي جي موسم ۾ نڪرندڙ ڇوڪرين کي تہ سوئٽر بہ پاتل هوندو، هو چار ڪپڙا ڇونہ لکرائينديون آهن؟

اوچتو پيرن جي پرسان ڪوڙ سارن ڪاغذ جي ٽڪرن تي نظر پويس ٿي.

اندازو ٿئيس ٿو تہ ڪنهن خط ڦاڙيو آهي. پر واري نوجوان تي نظر ٿو وجهي ٿو، هو نوجوان سگريٽ پيئندي ڪجھ سوچي رهيو هو. هو ڪلي دل ۾ سوچي ٿو،“ شايد.... هن نوجوان.... سڄي رات سوچيندي، محبوبہ کي خط لکيو هوندو.... پر صبح جو ڏيڻ جي همٿ نہ ساري، هت هوٽل ۾ ويهي، چانهہ سگريٽ پيئيندي خط ڦاڙي ڇڏيو هوندائين....“

چانهہ جو ڪوپ خالي ڪري، هو اتي ٿو ۽ پيسا ڏئي ٿو، اڳتي وڏي گهٽي مان ٿيندي پرائيويٽ اسڪول ۾ اچي ٿو. جتي هو پڙهائيندو آهي. ساڳين استادن سان هيلو هاءِ ڪري پنهنجي ڪلاس ۾ اچي ٿو.

جڏهن حاضري ونڻ ڪان پوءِ هو پڙهائڻ لڳي ٿو تہ باقي سڀ ڳالهيون وسارڻ جي ڪوشش ڪندي معمول موجب ساڳيا سوال، ساڳيا جواب، ساڳيا ئي ڪجھ ذهين ٻار، ساڳيا ئي ڪجھ جڏا ٻار. هن کي ٿوري دير لاءِ ائين ٿو لڳي، ڇڻ هن کي ڪنهن ڪلاس روم ۾ پڙهائيندي صديون گذري ويون آهن. ان احساس کي رسيس لاءِ وڄندڙ گهنڊ جو آواز ٽوڙي ٿو. ڇڻ هو ڪلاس.....

۽ نيٽ موڪل.......

اسڪول ڪان واپسي ۾ رستا ساڳيا پر ڪيفيت ڪجھ مختلف .

ٿورو ٻڪ جو احساس، رستن تي مختلف اسڪولن جا ٻار، مختلف رنگن جي يونيفارم ۾، ڪجھ وڻندڙ منظر، ڪجھ گوڙ جي ڪري بوريت. اها پڪ هوندي بہ تہ اُهي ليڊي ٽيچرس هن مهل نظر نہ اينديون پوءِ بہ اتان گذرندي انهن جون يادگيريون.

گهر پهچندي ساڳئي پڳل ٽيبل تي پاجائي ماني رکيس ٿي. ماني کائڻ کان پوءِ ننڊ جي خواهش ۾ سمهي ٿو پوي. شام جو تيار ٿي دوستن سان گڏ نڪري ٿو پوي. دوست به ساڳيا .

گهمڻ ۾ پوءِ ٽڪجي هوٽل تي ويهڻ ۾ ساڳيا ئي پوڳ چرچا، رات جو دير سان سيني کان آخر ۾ گهر ۾ داخل ٿئي ٿو. سڀ گهر ڀاتي ننڊ پيا هوندا آهن. ماني کائي کٽ تي سڌو سمهي آسمان ڏانهن ڏسڻ لڳي ٿو، تارن کي ڏسندي وري ذهن تي صبح کان وني گذريل وقت ڪنهن فلم جيان ذهن جي پردي تي هلي ٿي. سوچي ٿو، "سڀاڻي به صبح جو اٿندس ته باٿ روم ۾ ساڳيا برش پيل هوندا، رستي تي ويندي دڪان کان ساڳيا گانا ٻڌڻ ۾ ايندا. اڳتي وڌندس، اها ئي ننڍي ڇوڪري نظر ايندي..... وري اڳتي ٽانگي تي اُهي ماسترياڻيون... انهن مان هن جون خوبصورت آڱريون...... وري هوٽل تي ماضي کي ياد ڪندي ڪراڙو.... وري اسڪول.... واپسي... رات دير تائين گهمڻ ۾ وري اچي کٽ تي سمهي تارن کي تڪڻ .

"تارا" هو آسمان کي وري غور سان تڪي ٿو. ڪيس تارا به واقف لڳا.

"هو ستارو.... وڏيڪ روشن.... هو ستارو... جاويد جي گهر واري سائيڊ وارو ڪجهه گهٽ روشن..... ستارا....."

هو ٽڏو ساهه کڻي اندر ڪمري ڏانهن اٿي آيو.

اوچتو سامهون لڳل آئيني ۾ نظر پيس. هُن ڏٺو ته آئيني ۾ هُن بدران ڪو 'روبوٽ' بيٺو هيو!

***

# "دلال"

هُن دڪان جي ويجهو ايندڙ ماڻهن ڏي منهن ڪري وري چوڻ شروع ڪيو، "چا کپي ادا..... ڪپڙو ڏيون ادا !؟"

عادت موجب هو ڪنهن ٽيپ رڪارڊر جيان ڳالهائيندو رهيو ۽ ٻڌڻ وارا ٻہ هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن کان ڪڍي وڌي رهيا هيا پر هن جي ماڻهن کي ائين سڏ ڪرڻ سان اهو فرق ضرور محسوس ٿي رهيو هيو تہ هر ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ هڪ نظر هن جي دڪان ڏي نهاريندو ضرور هيو.

"چا کپي ادا...!؟" هن سامهون ايندڙ ماڻهوءَ کي ڏسندي ئي چوڻ شروع ڪيو.

"سڳ کپي " ايندڙ همراھ هن جي پر مان گذرندي چيو.

هڪ لمحي لاءِ دڪاندار ٽيپي ڳاڙهو ٿي ويو، هُو ڊگهي قد، وڏين مُڇن ۽ وڏن پاڇن وارو همراھ جون ڳاڙهيون اکيون ڏسي چُپ رهيو. ڪجھ ئي دير ۾ جڻ هو ان ڳالھ کي وساري چڪو هو.

"چا کپي ادا....." هن وري چوڻ شروع ڪيو.

سندس آواز ان وقت وري جهڪو ٿي ويو، جڏهن هن جو نوجوان پُٽ ، هُن لاءِ منجهند جي ماني کڻي آيو.

ٻين ڪوڙ ماڻهن جيان هن جي پُٽن کي بہ ماڻهن کي سڏ ڪرڻ تي ڪاوڙ لڳندي هئي ۽ هو اڪثر ڪيس چوندا هيا،

"بابا ! ائين ريڙهي وارن وانگر هوڪا نہ ڏيندا ڪريو."

دوست ۽ پاڙي جا دڪاندار بہ مٽس کلندا هيا تہ هو دلالن وانگر سڏ ٿو ڪري. سڄي ٽَر ۾ هو اڪيلو ۽ اهڙو دڪاندار هو. جيڪو ماڻهن کي ائين سَڏُ ڪندو هو. هن کان جڏهن ائين سڏ ڪرڻ جو سبب پڇيو ويندو هو تہ هو چوندو هو، "گراهڪ جو توجھ ڇڪائڻ ضروري آهي."

تقريبن روز هن جا پُٽ هن سان ان ڳالھ تي جهيڙو واريندا هئا،

"اسان کي توهان جي ڪري ماڻهن اڳيان شرمندو ٿيڻو ٿو پوي." هن جا پُٽ چوندا هيا.

اهڙن موقعن هو حيران ٿي سوچيندو هو تہ مان ڪهڙو غلط ڪم ٿو ڪريان جو اهي شرمنده ٿا ٿين؟

پر جلد ئي اهو مسئلو حل ٿي ويو.

هو ٿورو بيمار رهڻ لڳو هو، هن جو وڏو پُٽ جيڪو ڪراچي ۾ رهندو هيو، اهو ڪيس بهتر علاج لاءِ ڪراچي وٺي ويو. وڃڻ کان اڳ هن سموري جائداد پنهنجي اولاد ۾ ورهائي ڇڏي ۽ پاڻ سکون سان ڪراچي ۾ رهڻ لڳو.

شهر مان اهو عجيب ماڻهو، جيڪو گراهڪن کي سڏ ڪندو هو، سو نڪري ويو هو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ جڻ ماڻهن جي ذهنن مان هو نڪري، وسري چڪو هو.

پر هو پاڻ پنهنجي شهر کي نہ وساري سگهيو.

ڪافي سالن کان پوءِ هڪ ويجهي مائٽ جي شادي جي دعوت تي هو موٽي پنهنجي شهر آيو. شادي کان فارغ ٿي، ٻئي ڏينهن تي صبح جو هو هوريان هوريان هلندو، پنهنجي شهر جي شاهي بازار ۾ داخل ٿيو. ڪيڏو نہ

عجيب لڳي رهيو هو سڀ ڪجهه. شهر ساڳيو بازار ساڳي، دڪاندار بہ گهٽي پاڳي ساڳيا، پر پوءِ بہ هر شئي بدليل محسوس ٿي رهي هيس. هو شوق، حيرت ۽ دلچسپي سان سڀ ڪجهه ڏسندو اڳتي وڌي رهيو هو.

”چا ڪپي ادا.....!“ پَر واري دڪان مان ملازم ڪيس سڏ ڪيو، هو چرڪي پيو.

”هيڏانهن اچ ادا.....سستو ڪپڙو ڏينداسين.“ ڪو دڪاندار ڪنهن گراهڪ کي سڏي رهيو هو.

”اصلي بوٽ ڏينداسين پائو، اچ!“ ڪنهن ٻئي دڪاندار ڪنهن ماڻهوءَ کي سڏ ڪيو. هن غور سان ڏٺو، هر دڪان تي ڪو ملازم، ڪو ننڍو چوڪرو يا پاڻ دڪاندار ٻيٺا سڏ ڪري رهيا هئا.

هن ڏٺو ڪجهه دڪان اڳتي هن جو پُٽ بہ پاڻ ٻيٺو، ماڻهن کي سڏ ڪري رهيو هو. هو هڪ اڌ دڪاندارن سان ٻي دليءَ مان پري ڪان هيلو هاءِ ڪندو اچي، پنهنجي پُٽ اڳيان ٻيٺو. هو پٽ کي ائين ڏسڻ لڳو، ڄڻ ڪيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هُجي.

”اچو بابا “ پُٽ ڪيس دڪان اندر اچڻ لاءِ چيو.

هو ڪيئي لمحا خاموش ٻيٺو رهيو.

”پُٽ... هي سڀ دڪاندار.... ماڻهن کي سڏ چو پيا ڪن؟“

هن جي لهجي ۾ ڪجهه حيرت، ڪجهه طنز هئي.

”ها بابا....“ هن جي پٽ جي لهجي ۾ شرمندگي هئي.

”بس بابا ڪامپيٽيشن جو دور آهي.... سڏ ڪرڻا ٿا پَوَن.“

هو اتان ئي واپس موٽيو.

اهي دڪاندار جيڪي هن مٿان ڪلندا، ٺوڪون ڪندا هيا، اُهي پاڻ گراهڪن کي سڏي رهيا هيا.

هن کي ائين لڳو ڄڻ هو ڳاڙهي بازار جي دلالن جي وچ ۾ اچي ويو هجي..!

***

# ”الف ۽ بي جي ڪهاڻي “

منهنجي دل چاهي ٿي تہ آءُ ان ٻنهي تي ڪهاڻي لکان، نہ صرف ڪهاڻي لکان، پر اها ڪهاڻي منهنجي جنهن مجموعي ۾ ڇپجي ان مجموعي کي ان ٻنهي جي نانءُ ڪيان. پر افسوس، آءُ چاهيندي بہ انهن تي ڪهاڻي نٿو لکي سگهان، ڇو تہ پنهنجي دوست سان واعدو ڪيو آهي تہ هنن تي ڪهاڻي لکندس.

ها مون هن کان اها اجازت ورتي آهي تہ جيڪڏهن ڪٿي ذڪر نڪري تہ مان هنن جي ڳالهہ تہ ڪيان پر هنن جي ڪهاڻي نہ لکان. هاڻي بہ آءُ اوهان کي هنن بابت ڳالهہ ٻڌائيندس، باقي ڪهاڻي نہ.

اصل ۾ منهنجو دوست، جنهن جو توهان ڪٿي نالو ”الف“ سمجهو، اهو هڪ اخبار جي سرڪيوليشن جي شعبي ۾ ڪم ڪندو آهي. هو جڏهن بہ مون وٽ ايندو آهي تہ اڪثر پنهنجي دوست ”بي“ جو ڏاڍو ذڪر ڪندو آهي.

”بي“ هيئن چيو....”بي“ هي ڳالهہ ڪئي.... بي.... بي...... بي.... منهنجو دوست ”الف“ پنهنجي دوست ”بي“ جو ايترو تہ ذڪر ڪندو آهي جو آءُ اڪثر چڙي پوندا آهيان ۽ هٿ ٻڌي چوندو آهيان، يار”الف ...... خدا کي مڃ.... تنهنجو دوست بہ پلو ماڻهو هوندو پر هڪ تہ هو آفيس ۾ تنهنجو باس آهي، تنهنڪري ان جو ذڪر ايترو نہ ڪر جو اسان توکي ان جو چمچو سمجهون....“

هو چڙڻ بدران مرڪي پوندو هيو،

”توهان ڪجهہ چئو.... پر هو هڪ پُرخلوص ۽ عظيم ماڻهو آهي.“

”يلا هن جي خلوص ۽ سخاوت جا ڪي قصا اسان کي بہ تہ ٻڌاءِ؟“ آءُ چڙي چوندو هيم. ”توکي تہ اصل بہ نہ ٻڌائيندس“ هو مونکي چوندو هيو. ”ڇو تہ تون شهرت جو بکيو آهين، هن جي خلوص تي ڪهاڻي لکندين ۽ هو پنهنجي شهرت نہ چاهيندو آهي.“ منهنجي گهڻن ايلازن کان پوءِ هو ’بي‘ جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ تيار ٿيو.

” آءُ پنهنجي آفيس ۾ بي جي انڊر ۾ ڪم ڪندو آهيان. گهڻو عرصو گڏ ڪم ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جي موڊ کي سمجهڻ جي ڪري اسان دوست بڻجي ويا آهيون. پر آفيس ۾ ڪم جي معاملي ۾ ايترو تہ سخت ۽ محنتي آهي جو دوست تہ لڳندو ئي نہ آهي. پر ڪم کان پوءِ..... يا آفيس کان ٻاهر هو ڏاڍو کِلندو ڳالهائيندو آهي... ايتري قدر جو مونسان فيملي پرابلم بہ نہ لڪائيندو آهي......

هو اڪثر ڪچهري ڪندي ٿڌو شوڪارو ڀريندي چوندو هيو،

”يار الف.... منهنجو سڀ کان وڏو مسئلو آهي تہ پنهنجو ڪچو گهر پڪو نهرايان... هڪ اڌ پيري پيسا هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويندا آهن. هاڻي ڪجهہ ڪرڻو پوندو.... نہ تہ تو واري پاپي.....“

هو اها ڳالهہ اڪثر چوندو هيو ۽ مون کي پڪ آهي تہ هن جڏهن بہ گهر نهرائڻ لاءِ پيسا گڏ ڪيا هوندا تہ ڪنهن نہ ڪنهن دوست، واقف ڪار يا ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي مجبوري ۾ اهي خرچ ڪيا هوندائين.

”بس هاڻي ٿورن ڏينهن ۾ گهر نهرائيندم.“ هن جو شوق ۽ مجبوري ڏسي آءُ هن کي دعا ڏيندو هيم تہ شل هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿئي. مون کي هن سان همدردي محسوس ٿيندي هئي.

هڪ ڏينھن مون ڪنھن بھاني سان آفيس مان موڪل ڪئي، ڪم ڇڏائي گھر ۾ ننڊ جي ”عياشي“ ڪري رهيو هيس تہ ٻارن جي گوڙ ڪرڻ تي اک کُلي، پڇڻ تي خبر پئي تہ ٻاهر ڪو ماڻھو، پنھنجي نڙيري ڏيءُ وڪڻي رهيو آهي. آءُ انتهائي حيران ٿيس، فلمن ڊرامن ۾ تہ ڏسندو هيس پر ڇا حقيقي زندگيءَ ۾ بہ ائين ڪري سگھجي ٿو؟؟ مونکي يقين نہ پئي آيو، آءُ ڳالھ جي پڪ ڪرڻ لاءِ گھر ڪان ٻاهر نڪري آيس.

ڏٺم تہ پر واري گھر جي اڳيان، هڪ ماڻھو، هجوم جي وچ ۾ هڪ، ستن اٺن سالن جي معصوم، هيسيل ڇوڪريءَ جي آڱر پڪڙي بيٺو آهي ۽ منھنجي پاڙيسريءَ کي جيڪو هن جو دوست بہ هو، تنھن کي ٻڌائي رهيو هيو،”..... بس ياءُ.... خدا جي قدرت آهي ٻنهي جا مَٿا پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن.... انهن کي جدا ڪرڻ لاءِ آپريشن تي گھٽ ۾ گھٽ 30 هزار خرچ ايندو.... مون وٽ ڪا مال ملڪيت تہ ڪانھي..... هي نياڻي........ وڪڻي رهيو آهيان....“

الاهي ڇو پنھنجي جسم جا وار اُڀا ٿيندي محسوس ڪيا هيم.

ڏٺم تہ ڪافي ماڻهن جي ڇهرن تي همدردي جا تاثر اُڀري آيا هيا تہ ڪجھہ ماڻھو ٺوڪ طور مرڪي رهيا.

ڪيتري دير تائين ڪنھن ڪجھہ نہ ڳالهايو، ايتري ۾ ننڍڙي پائٽي اچي ٻڌايو،

”چاچا! اوهان لاءِ فون آهي.“

آءُ بي دلي مان گھر ۾ آيس ۽ فون جو رسيور کنيم.

”هيلو“

”يار ڪٿي آهين؟“ ٻئي پاسي کان ڳالهائيندڙ جو آواز سڃاتم، هو ”بي“ هو. پر مان ڪيس ڪو جواب نہ ڏئي سگھيس.

”يار بي.... پڇا نہ ڪر..... منھنجو ذهن ڪم نہ ٿو ڪري“ مون بي دليءَ مان چيو.

”ڇو ڇا ٿيو؟“ هن ڳڻتيءَ مان پڇيو.

”يار فلمن ۽ ڪهاڻين ۾ ڏٺو، پڙهيوسين پر يار منھنجي پاڙي ۾ هڪ ماڻھو بيٺو پنھنجي ننڍڙي ڌيءَ وڪڻي رهيو آهي.“

”ڇو؟“ هن حيرت مان پڇيو.

مون هن کي ٻڌايو تہ هن کي جاڙا ٻار ڄاوا آهن، جن جا مٿا پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن ۽ ڊاڪٽر آپريشن لاءِ 30 هزار گھريا اٿس.

ڪيئي لمحا هو خاموش رهيو.

”يار ڪٿي ٺوپي تہ نہ ٿو پارائي؟“ هن خدشو ظاهر ڪيو.

”نہ يار ....لڳي تہ نہ ٿو.“

”تون تسلي ڪري پوءِ هن کي چئہ تہ ڪيس پيسا ڪري ٿا ڏيون... پر هو قسم کڻي تہ پوءِ ڪٿي بہ، ڪڏهن بہ پنھنجي نياڻي نہ وڪڻندو....“ بي هوريان هوريان چيو.

هاڻ ڪجھہ لمحا آءُ ڳالهائي نہ سگھيو هئس.

” پر يار بي.... تون ڪٿان پيسا آڻيندين؟“

مون بي يقينيءَ مان چيو.

”يار اتفاقن مون وٽ چاليھہ هزار ڪن آهن.“ هن چيو.

اوچتو مون کي ياد آيو تہ هو گھر نهرائڻ جي ڳالھ ڪندو هيو، اهي گھر نهرائڻ لاءِ رکيل پيسا هوندس.

”پر يار تون تہ گهر نهرائڻ پيو چاهين..... برساتن ۾ تنهنجو گهر سنڌو دريا وانگر...“ مون چوڻ چاهيو.

”يار! منهنجي گهر جون ديواريون اجا مضبوط آهن، هي سيزن بہ برساتن جي ڪڍي ويندس..... هونئن بہ ڪهڙا وسڪارا ٿا وسن.....“ هن کِلي چيو. مون دل ۾ سوچيو تہ هُن جي گهر جون ديواريون مضبوط آهن يا نہ پر هن دل جون ديواريون مضبوط ۽ ڪشاده آهن.

”عمران سان پيسا موڪليان پيو..... آپريشن ٺيڪ ٺاڪ تائين سڄو معاملو پاڻ سنڀالجانءِ.... ۽ ها.... ڪنهن سان بہ ڳالهہ نہ ڪجان تہ ڪو پيسا مون ڏنا آهن.....“ هن تاڪيد ڪئي.

آءُ رسيور رکي ٻاهر آيس، اهو ماڻهو اتي ئي بيٺو هو، مون هن کي ٻڌايو تہ هڪ ماڻهو، آپريشن جو سمورو خرچ پرڻ لاءِ تيار آهي پر هو چوي ٿو تہ تون قسم کڻ تہ پنهنجي نياڻي کٽي بہ ڪڏهن بہ نہ وڪڻندين. هن ماڻهوءَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

” يائو!.... مان ڪو جواري يا پينو فقير نہ آهيان جو نياڻي کپايان... مون کي تہ صرف اها ئي مجبوري آهي....“

ٿوري ئي دير ۾ عمران پيسا کڻي آيو، ۽ ان ڊاڪٽر وٽ آياسين پر اهو ڊاڪٽر ڊيوٽي تہ نہ هو. ايتري ۾ هڪ اخبار ۽ هڪ ٽي وي چينل جو نمائندو بہ آيا ۽ انهن اُن ماڻهوءَ جو انٽريو بہ ڪيو. ٻي ڏينهن جون اخبارون آپريشن ۽ ان ماڻهوءَ جي داستان سان ڀريون پيون هيون.

آءُ ان ڊاڪٽر سان مليس ۽ ٻئي ڏينهن تي آپريشن ڪيو ويو.

” بي “ مون کي آفيس مان هفتي جي موڪل ڏني هئي. آءُ هفتي کان پوءِ آفيس آيس تہ سڌو ”بي“ سان مليس.

هن جي اڳيان هڪ بُڪ جيڪو آپريشن جي خرچ جي حساب ڪتاب لاءِ ورتو هيم ۽ هڪ وڏو لفافو بہ اڳيان رکيم.

”هي ڇا آهي؟“ هُن فائيل کان نظرون هٽائڻ کان بغير ئي پڇيو.

”آپريشن جو حساب ڪتاب ۽ ......“ مون چوڻ چاهيو.

”اڙي يار زباني ٻڌاءِ..... باقي گهٽا ڏيانءِ؟“ هن کِلي پڇيو.

”يار بي.... تون هڪ نظر بڪ ۽ لفافو تہ ڏس.“

”چار سو پنجيتاليهہ“

هن بڪ تي ڪليل تفصيل تي نظر وڌي.

”ڇا ايترا پيسا باقي ڏيانءِ؟“

”نہ يار ڪُل خرچ ايترو آيو.“

خوشيءَ مان تنهنجو آواز ڏڪي رهيو هيو.

”ڇا؟....پر ڊاڪٽر تہ 30 هزار گهريا هيا؟؟“

”ها... پر ڊاڪٽر کي بہ رحم اچي ويو، فيس وغيره نہ ورتائين ۽ سرڪاري اسپتال ۾ آپريشن ڪري دوائيون بہ سرڪاري هلايائين.... باقي ڪجهہ دوائيون ڪٽيون تہ صرف اهي ٻاهران ورتيون سين.... انهن تي چار سو پنجيتاليهہ خرچ آيو.... لفافي ۾ تنهنجا باقي پيسا اٿئي.....“

هو ڪافي دير تائين بي يقينيءَ مان لفافو ۽ بڪ ڏسندو رهيو.....

پنهنجي دوست الف، پنهنجي دوست بي جي باري ۾ ٻڌائي چُپ ٿي ويو. اڄ تائين سوچيندو آهيان ته چڱو جو الف، بي جي باري ۾ ڪهاڻي لکڻ کان منع ڪئي، نه ته جنهن خوبصورت جذبي سان هن هڪ ماڻهوءَ جي مدد ڪئي، آءُ ان سچائيءَ سان هن تي ڪهاڻي نه لکي سگهان ها.

***

# حقيقت

هڪ مائٽ جي شادي جي سلسلي ۾ ڪجھ پنھنجي لاءِ ۽ ساٿس گڏ آيل ننيڙي پٽ شيراز لاءِ بوٽ وٺي بازار کان ٻاهر نڪتو تہ شيراز جي نظر سامهون واري هوٽل تي پئي. هو گهڻو وقت اڳ بہ پنهنجي پيءُ سان گڏ ان هوٽل ۾ آيو هيو، ڪيس ياد آيو تہ ڪيئن نہ هو، اندر وڃي وينا هئا تہ هڪ ويٽر پاڻيءَ جو جڳ ۽ گلاس رکي ڪيتري نہ ادب سان پڇيو هيو،

”جي سر....چا حڪم آهي؟“

سندس پيءُ ويٽر کي ٻہ بوتلون آڻڻ لاءِ چيو هيو.

ان وقت شيراز کي ويٽر جو با ادب تي پڇڻ ڏاڍو سٺو لڳو هو.

”بابا سامهون واري هوٽل ۾ بوتل پيئجي؟“ شيراز پراڻي ڳالھ ياد ڪندي پيءُ کان پڇيو.

ڪجھ گرمي، ٿڪاوٽ ۽ شيرازجي فرمائش ڪرڻ تي هن جو بہ موڊ ٿي ويو. هو ڪلندي ان هوٽل ۾ داخل ٿيا.

هڪ سائيڊ تي ڪرسين تي ويھي هنن رومال سان پگهر اگهيو. هوٽل وڏو ڪشادو پر پراڻي اسٽائيل جو هيو. جلدي ويٽر هنن جي اڳيان پاڻيءَ سان ڀريل جڳ آڻي رکيو.

”جي سر....چا حڪم آهي؟“ ويٽر روايتي جملو دهرايو.

”ٻہ بوتلون.....ٿڌيون“ شيراز جي پيءُ چيو.

ويٽر ڪنڌ هوريان لوڏي هليو ويو.

شيراز کي ڄڻ مزو اچي ويو، ڪشادو هوٽل، هڪ سائيڊ تي هلندڙ ٽي وي... پنھنجين ڳالھين ۾ مگن ماڻھو ۽ صاف سٿري لباس ۾ ويٽر جو با ادب تي ڳالهائڻ.... ويٽر جلدي بوتلون کڻي آيو هيو.

شيراز جي پيءُ پڇيو ”پُٽ گلاس ۾ بوتل اوتي ڏيانءِ .“

”ها“ شيراز چيو.... هو گلاس ۾ اوتيل بوتل جو مشروب مزي سان پي ويندو هيو. سندس والد ڪيس گلاس ۾ بوتل اوتي ڏني. اوچتو شيراز کي ڳالھ ياد آئي.

”بابا....اڳي هڪ ڀيري هن هوٽل ۾ شيشي جو گلاس منھنجي هٿان ڪري ڀڄي پيو هيو.... چا هوٽل وارن اوهان کان پيسا ورتا هئا ؟“

شيراز جي والد سوچيو تہ ڪيس ٻڌايان تہ هوٽل وارا گلاس چانھ جي ڪوپ وغيره جي ڀڄڻ جا پيسا نہ وٺندا آهن. پر ٻئي لمحي ڪيس خيال آيو تہ اها حقيقت معلوم ٿيڻ کان پوءِ ڪٿي شيراز لاپرواھ نہ ٿئي ۽ ڪا شئي ڀڃي نہ ڇڏي.

ان خيال سان حقيقت لڪائي ڪيس چيائين،

”ها پٽ .... هوٽل وارا پيسا وٺندا آهن.“

هن ڏٺو تہ اها ڳالھ ٻڌڻ کان پوءِ شيراز گلاس کي ويتر مضبوطي سان پڪڙيو هيو.

شيراز جو والد هوريان مرڪي پيو، سوچيائين ننيڙو ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ حقيقت لڪائڻ جي ڪري هو ڪيترو تہ احتياط ڪري رهيو آهي.

جلدي هو هوٽل مان فارغ ٿي نڪري آيا.

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ شيراز جي گهر آيل والد جي هڪ دوست مهمان کيس ڏهه روپيا خرچي ڏني. شيراز خوش ٿي ٻاهر نڪري آيو.

سوچڻ لڳو تہ ڇا وني ڪائجي؟ آئيس ڪريم.... جوس..... نہ اوچتو کيس ان هوٽل ۾ بوتل پيئڻ جو خيال آيو. ها ان هوٽل ۾ بوتل پيئجي ۽ ويٽر ڪيڏو نہ با ادب ٿي پڇندو آهي....

”جي سر ڇا کپي؟“

هو خوش خوش ان هوٽل ۾ آيو.

هڪ ڪنڊ ۾ وينو. جلد ئي ويٽر پاڻي اڳيان رکڻ کان پوءِ با ادب ٿي پڇيو ”سر.... ڇا حڪم آهي؟“

شيراز ان لمحي پاڻ کي تمام معتبر ماڻهو سمجهيو.

”بوتل ٺڌي“ هن آڪڙ مان چيو.

بوتل آڻي رکي ويٽر هليو ويو. شيراز بوتل گلاس ۾ اوتي ڍڪ ڍڪ پيئڻ لڳو.... کيس ڏاڍو مزو اچي رهيو هيو.... هوريان هوريان بوتل پي خالي گلاس ٽيبل تي رکي رهيو هيو تہ اوچتو سندس هٿن مان نڪري هيٺ فرش تي ڪري پڃي پيو. گلاس جي پڃڻ جو آواز کيس تمام وڏو ڌماڪو محسوس ٿيو.... هو اکيون ڦاڙي هيٺ گلاس جي پڳل ٽڪرن کي ڏسي رهيو هيو.... جڻ کيس يقين ڪو نہ پيو اچي.

هن جي ذهن ۾ هڪ ئي وقت ڪيئي ڳالهيون ڦرڻ لڳيون. پيءُ جو چيل جملو ياد آيس تہ گلاس پڃڻ تي هوٽل وارن پيسا ورتا هيا.

”پيسا؟“ هن سوچيو ”پيسا تہ مون وٽ صرف ڏهہ روپيہ آهن.... گلاس جا پيسا.....؟“

اوچتو ويٽر اچي ويو. شيراز جو ساهہ سڪي ويو، ويٽر صرف هڪ نظر پڳل گلاس ڏانهن ڏنو ۽ مددگار ڇوڪري کي سڏ ڪري گلاس جا ٽڪرا ميڙي ڪٽي وجڻ لاءِ چيو.

هو لٽل منهن ۽ گهري سوچ ۾ ٻڏل وينو رهيو. پڳل گلاس.... پيسہ...... بس اهو سوچيندو رهيو.

”نندڙا ڇا پيو سوچين؟“

اوچتي آواز تي هو ڇرڪي پيو.

ڪنڌ متي ڪري ڏنائين.... هڪ ڊگهي قد جو صاف لباس پاتل همراهہ کيس رحمدلانہ مسڪراهٽ سان ڏسي رهيو هيو.

”گلاس پڃي پيو؟“ هن وري پڇيو.

شيراز هوريان ڪنڌ ڌوڻي ”ها“ ڪئي.

”تون وٽ پيسا نہ آهن“ هن شايد سڄو معاملو سمجهي ورتو هيو.

شيراز وري ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي.

”ڪا ڳالهہ ناهي“ هن کيس تسلي ڏني.

”مون سان هل ، هوٽل وارو منهنجو واقف آهي....“

شيراز هن سان گڏ اٿيو، ان ماڻهوءَ هوٽل واري کي ڪجهہ پيسا ڏنا ۽ شيراز کي ٻاهر وني آيو.

ٻئي ڏينهن تي شيراز جو لاش اگهاڙي حالت ۾ گند جي ڍير تان مليو.

# ”ڪهاڻين ۾ وڇوڙو“

مون ڪال بيل تي آڱر رکي ۽ خاموش بنا فليٽ جو دروازو کلڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس، جلد ئي دروازو کليو.

مون جلدي ۾ پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو، ”منهنجو دوست ۽ توهان جو پاڙيسري مسٽر افتخار پنهنجي فليٽ جي چابي منهنجي لاءِ اوهان کي ڏئي ويو آهي..... مهرباني ڪري مونکي چابي ڏيو.“

”توهان ڪو رانديڪا آهيو جو توهان کي چابي ڏيون؟“

دروازو کوليندڙ آمنہ پاپيءَ هڪ پاسي ٿيندي چيو. مون کان ٺهڪ نڪري ويو.

”اچ... اندر اچ....“ پاپيءَ هڪ پاسي ٿيندي چيو. آءُ اندر داخل ٿيس ۽ سفري بيگ کي اتي ئي دروازي جي پرسان ذري گهٽ جهڻ اڇلايم. منهن ورايم تہ سامهون پنهنجي ڪمري جي دروازي تي صبا بيٺي هئي، دلچسپيءَ سان مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. هن جي هٿن ۾ معمول موجب ڪو ڪتاب هيو.

”تون ويهہ.... آءُ اچان پئي....“ آمنہ پاپي چيو ۽ آءُ سمجهي ويس تہ هاڻ هوءَ باورچي خاني ۾ وڃي منهنجي لاءِ ناشتو ناهيندي. آءُ اڳتي وڌي ڪرسي تي وينس تہ صبا بہ اچي پر واري ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

آءُ خاموشيءَ سان سندس سفيد نظر واري چشمي جي پويان پاڻ ڏي گهوريندي نظرن ۾ ڏسڻ لڳس.

”ڪيئن آهين؟“ هن پڇيو.

”جيئن هڪ سني ماڻهوءَ کي هجڻ کپي.“ مون ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيندي چيو.

مرڪي چيائين، ”پنهنجي باري ۾ خوش فهمي ڪيڏي چڏ.“ مون بہ مرڪي چيومانس ”بهتر نہ آهي تہ تون منهنجي باري ۾ بدگماني ڪيڏي چڏ.....“

ڪتاب ٽيبل تي رکندي چيائين، ”توهان ليکڪن کان ڊائيلاگز ۾ ڪير کٽيندو؟“

هن کان نظرون هٽائي ڪمري جو جائزو وٺڻ لڳيس، سڀ ڪجهہ تہ ساڳيو هو.... ڪئلينڊر ۾ اکيون اٽڪي پيون، مهينن جو حساب هنيم تہ هي سال ۾ منهنجو چوٿون ڀيرو هيو اچڻ جو.

”هڪ سال؟“ سوچڻ لڳس ”ڪن ماڻهن سان واسطا ڪيترو تہ جلدي صدين جو سفر طئہ ڪندا آهن.“

اکين اڳيان پنهنجو پهريون ڀيرو هنن وٽ اچڻ جو منظر گهمي ويو. ڪراچي جي دوست افتخار کي فون تي پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڪيم تہ چيائين، ”تون ايندين صبح جو ٿورو دير سان.... آءُ سوير نڪري ويندو آهيان. ڊيوٽي تي..... فليٽ وارن کي پنهنجي فليٽ جي چابي ڏئي ويندم... انهن کان وٺجان...“

آءُ جڏهن اتي پهتس ۽ افتخار جي برابر فليٽ جي ڪال بيل وڄايم تہ دروازو ڪنهن عورت کوليو.

مون ساڻس پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو،”منهنجو دوست، توهان جو پاڙيسري مسٽر افتخار پنهنجي فليٽ جي چابي توهان وٽ رکي ويو آهي... اها مون کي ڏيو....“

عورت خاموشيءَ سان اندر هلي وئي، موٽي آئي تہ مون کي فليٽ جي چابي ڏئي ڇڏيائين. آءُ هن کي مهرباني چئي واپس پرسان ئي افتخار جي فليٽ وٽ آيس ۽ دروازو کولي اندر داخل ٿيس. سڄي رات جي سفر جي

ٿڪاوٽ لاهڻ لاءِ وهنجي جيئن فارغ ٿيس تہ فليٽ جو بيل وڳو، اچي دروازو کوليو تہ ساڳي پاڙي واري عورت هٿ ۾ مختلف شين سان ڀريل ٽري کنيو بيٺي هئي.

”اوهان ناشتو نہ ڪيو هوندو، اچي هي ونو ناشتوآهي.“

منهنجي ڪجھ چوڻ پڇڻ کان اڳ پاڻ ئي چيائين، آءُ حيرت مان ڪيس ڏسي رهيو هئس تہ وري چيائين،

”ڪنهن بہ قسم جي تڪلف جي ضرورت نہ آهي، افتخار جو مهمان معنيٰ اسان جو مهمان.....“

مون خاموشيءَ مان ٽري سندس هٿن مان ورتو تہ هوءَ هلي وئي. ”وڏي لئي آهي پاڙي ۾ افتخار جي....“

مون سوچيو ۽ اچي آرام سان ناشتو ڪري وري ٿڪ لاهڻ لاءِ سمهي پيس....

خبر نہ آهي ڪيترو وقت گذري ويو هو وري بيل جي آواز تي اٿيم. اکيون مهٽيندي اچي دروازو کوليم تہ افتخار هوندو پر سامهون ڪنهن نوجوان ڇوڪريءَ کي هٿ ۾ ٽري کنيون بيٺل ڏسي اکين ۾ ننڊ جو باقي خمار بہ جڻ اُڏامي ويو.

” هي پاپيءَ ڏنو آهي چيائين تہ ادو افتخار منجهند جي ماني اڪثر ڪاٿي ايندو آهي.... هي ماني توهان لاءِ آهي...“

مون کي ڪا ڳالھ سمجھ ۾ ڪا نہ اچي رهي هئي.

”ونو نہ ...“ ڇوڪريءَ جي آواز تي ڇرڪي پيم.

”هي واقعي ڪراچيءَ جو شهر آهي؟“ منهنجي لهجي ۾ حيرت ڪجھ شوخي هئي.

”ها ....ڇو؟“ ڇوڪريءَ حيرت مان پڇيو.

”ڪيئن ڇيو ويندو آهي تہ هت ڪنهن کي بہ منهن جي پرواهہ نہ آهي....!“ مون سندس هٿن مان ٽري وٺندي چيو.

”خلوص دلين ۾ هوندو آهي... شهرن ۾ نہ......“

هن جواب ڏنو تہ مون ڪجھ چوڻ بنا ڪيس ٻيهر غور سان ڏٺو. نظر واري چشمي پويان سندس وڏين وڏين اکين ۾ وڏو اعتماد هو.

مون ڪيس مهرباني چيو، تہ هوءَ هلڪي مسڪراهٽ سان خاموش جواب ڏئي هلي وئي.

افتخار آيو تہ ڪيس پاڙي وارين جي مهرباني بابت ٻڌايم تہ کلي چيائين، ”انتهائي پر خلوص فيملي آهي... منهنجو ڏاڍو خيال رکندا آهن.“

”ڪو چڪر؟؟“ مون ڪيس غور سان ڏسندي چيو.

”ڪو بہ نہ.“ سندس لهجي ۾ سچائي محسوس ڪيم.

شام جو ان فيملي جو مرد ميمبر يعني آمنہ پاپيءَ جو مڙس ۽ صبا جو پاءُ وحيد بہ آيو تہ ساڻس ملي مون کي پڪ ٿي تہ واقعي هو پُرخلوص فيملي آهي ۽ ائين پهرين پندرهن ڏينهن ۾ ئي آءُ بہ هنن جي ڪافي ويجهو اچي چڪو هيس. هاڻ آءُ جڏهن افتخار جي غير موجودگيءَ ۾ فليٽ ۾ وينو لکندو رهندو هيس تہ آمنہ پاپي يا صبا بلا خوف اندر اچي ڳالهائينديون هيون. صبا کي خبر پئي تہ آءُ لکندو بہ آهيان تہ هوءَ مونسان ادبي بحث بہ ڪرڻ لڳي هئي.

پهرين ٽوئر ۾ ئي چيو هئائين، ”مون ڏي پنهنجون ڪهاڻيون موڪلجانءِ....“ ۽ واپس اچي مون جاڻي واڻي بہ هن ڏي پنهنجيون ڪهاڻيون نہ موڪليون هيون تہ متان ڪجھ غلط نہ سمجهي. ٻئي ڀيري ويو هيس تہ پڇيو

ھيائين، ”ڪھاڻيون چو نہ موڪليئي؟“ ڳالھ ٽاري ويو ھيس، پر پنھنجي شھر اچي ڪجھ ڪھاڻيون موڪليون ھيم ۽ ائين آءُ ھن ڏي ڪھاڻيون موڪليندو رھيس.

”ھيلو.... ڪيڏانھن گم ٿي وئين؟“

ھن سامھون رکيل ٽيبل کڙڪائي تہ چرڪي پيم. ڪئليندر کان نظرون ھٽايم.

”ڇا پيو سوچين؟“ ھن وري چيو.

”ڪجھ بہ نہ.....“ چئي وري پڇيم،

”ڀلا منھنجون ڪھاڻيون پڙھيون اٿئي؟“

” ھا....“ لاپرواھيءَ مان چيائين.

”ڪيئن آھن ؟“

”رومانس وٿ ٽريجڊي...“سندس لھجو ساڳيو لاپرواھيءَ وارو ھيو.

”ڇا مطلب؟“ مون حيرت مان پڇيو.

”مطلب تہ تنھنجين ڪھاڻين ۾ وڇوڙا چو ايندا آھن؟“

ھن بہ اھو سوال ڪيو جيڪو اڪثر ليکڪن کان پڇيو ويندو آھي.

”ڇا وڇوڙا حقيقت نہ آھن“ مون ھن کي غور سان ڏسندي چيو.

”حقيقت تہ شدت واري محبت بہ نہ آھي.“

ھن ڄڻ محبت جي وجود کان ئي انڪار ڪيو ھيو. مون کي چڙ لڳي، آءُ ٽيبل تي ٺونٺ رکي ھن ڏانھن جھڪي ھن جي اکين ۾ ڏسي چوڻ لڳس.

”صبا..... ھڪ ماڻھو... پنھنجي شھر کان ٻئي شھر جو طويل سفر ڪري ڪنھن بہ بھاني سان.... ڪنھن چوڪريءَ سان ملڻ اچي.... ان جذبي کي تون ڇا چوندينءَ؟“ ھڪ لمحي چرڪي پئي ھئي.... مون ڏانھن ائين غور سان ڏسڻ لڳي، ڄڻ پھريون ڀيرو ڏسي رھي ھجي. ڪو جواب نہ ڏنائين تہ وري پڇيم.

”ٻڌاءِ نہ... ان جذبي کي ڇا چوندينءَ؟“

”ڪنھن ليکڪ جي ليک موجب تہ محبت...“ چوندي نظر جي چشمي لاھڻ جي بھاني اکيون بند ڪيائين، پر اکيون بند ٿيڻ کان اڳ مون ڏٺو سڄي ڪراچيءَ جون روشنيون ھن جي اکين ۾ اچي ويون ھيون.

”۽ ان محبت ڪندڙ ماڻھوءَ کي اھا بہ خبر ھجي تہ ھن ٻنھي جون ذاتيون جدا جدا ....“ ٻولي جدا جدا آھي.... ۽ سال جي ٽي سو پنجھٺ ڏينھن مان ڏھ ڏينھن ۾ ھنن جو مذھبي فرقو بہ جدا ٿئي ٿو وڃي... ۽ ڪجھ ٻين ڳالھين جي ڪري بہ ھنن جو ملڻ ممڪن نہ آھي تہ اھو ماڻھو ڇا ڪري؟“ مون ڪيس آھستي آھستي چيو.

ھوءَ رئي سان نظر جو چشمو صاف ڪندي خاموشيءَ سان ٻڌندي رھي.

”ٻڌاءِ تہ اھو ماڻھو ڇا ڪري؟“

ھن مون ڏانھن ڏٺو، سندس چپن تي ڪنھن کي دلاسو ڏيندڙ مرڪ ھئي.

يعني ڪھاڻيءَ جي ان ڪردار کي.....“ ھن چوڻ شروع ڪيو.

”تو لاءِ اھو پل ھڪ ڪھاڻيءَ جو ڪردار ھجي.... پر ياد رکجانءِ جيئن تون چوندينءَ اھو ڪردار ائين ڪري ڇڏيندو.“

منھنجو لھجو آٽل ھو.

”منهنجي خيالن ۾ ان ڪردار يا ماڻهو وٽ ٽي آپشن آهن...“
هن اکيون بند ڪندي چيو.
”هڪ ته صبر......“
”جي صبر هن جي وس ۾ نه هجي ته؟“ مون هن جي ڳالھ ڪٽيندي چيو.
”ٻيو ڪورٽ ميرج....“ هن چيو.
آءُ خاموش رهيس.
ته وري چيائين ”ٽيون خودڪشي....“
”ان ٻنهي خيالن مان تون ڪهڙي صلاح ڏيندينءَ؟“
مون هن کي غور سان ڏسندي چيو.
الاهي چو ٿورو ڪلي پئي ۽ چيائين،
”محبت ڪندڙ ماڻهوءَ کي خودڪشي ته بلڪل به نه ڪرڻ کپي....“
”ته باقي ڇا ڪرڻ کپي؟“ مون پڇيو.
وري نظر جو چشمو پائڻ بهاني اکيون بند ڪندي چيائين.
”ڪورٽ ميريج....“
مون اوچتو ئي سندس هٿ پڪڙي ورتو.
”اٿي ته هلون.....“ مون اٿندي چيو.
”ڪيڏانهن؟؟“ هن حيرت مان پڇيو پر مون کان هٿ نه ڇڏايائين.
”ڪورٽ ميريج ڪرڻ....“ مون اٿندي چيو.
هوءَ حيرت ۾ مون ڏسندي رهي.
”پر....“ هو ڪجھ چوندي چوندي رڪجي وئي.
”صبا..... ڪجھ ڪهاڻيون هڪ صفحي جون هجن يا سو صفحن جون ائين ڪجھ ملاقاتون ڏينهن جون هجن يا سالن جون..... انهن جو انجام اڳ پوءِ اهو ئي ٿيڻو هوندو آهي.... اٿي ته هلون.....“ مون چيو.
هن آهستي، پنهنجو هٿ منهنجي هٿن مان ڇڏايو ۽ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين.
مون اڳتي وڌي پنهنجو سفري بيگ کنيو، ڏٺم ته پاپي آمنه دروازي جي پرسان ناشتو کنيو خاموش بيٺي آهي، جڻ هوءَ اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪجھ چوڻ نه پئي چاهي.
آءُ دروازي کان ٽي موٽي آيس. صبا ائين ڪنڌ جهڪايو ويٺي هئي.
”صبا ڪهاڻيءَ ۾ وچوڙو ائين ايندو آهي.....“
منهنجو آواز ڏڪي رهيو هيو.
پاپي آمنه جي پر مان لنگهندي سندس پيرن ڏانهن هٿ وڌايم جڻ چوندو هجان،
” ڪا غلطي ٿي هجي ته معاف ڪندا.“
۽ آءُ پنهنجي دوست افتخار سان به ملڻ کان بغير هليو آيس ۽ وري ڪڏهن به صبا ڏي ڪا ڪهاڻي پوسٽ نه ڪيم.

***

# مختصر ڪهاڻيون

## ٭ صلاح

سَنهين مُڇن ڪي مهٽيندي هن جون نظرون سامهون ايندڙ چوڪري ۾ کُتل هيون. جڏهن اهو سهڻو چوڪرو هن جي پر مان گذريو تہ هن ٿورو زور سان پنهنجي منهن ڳالهائيندي چيو،
”ڪاش... اسان بہ جي سُهڻا هجون ها..... هن مهل سُکي زندگي گذري ها.....“
هُن جي پويان بيٺل همراهہ، ڪيس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو،
”يائو...اجا وقت نہ ويو اٿئي.... پنهنجي پٽ يا ننڍي ياءُ کي انهيءَ دڳ لاءَ......“

*

## ٭ ڪاغذ

گهٽيءَ ۾ بيٺو هُيس، پرسان چولا ڪپائيندڙ چوڪرو لنگهيو، ڪيس ٻن روپين جا چولا ڏيڻ لاءِ چيم. هو چولن وارو ٿال زمين تي رکي، چولا ڏيڻ لاءِ ڪاغذ ڳولڻ لڳو.
” او هو..... يائو.... ڪاغذ ختم ٿي ويو آهي.“
”پر هي جي ڪجهہ ڪاغذ پيا اٿئي؟“
مون اتي رڙهي ۾ ويڙهيل ڪاغذن ڏانهن اشارو ڪيو.
” هي ڪاغذ؟... هي منهنجا داخلا فارم آهن، جيڪي سياڻي اسڪول ۾ جمع ڪرائيندس.“

*

# ★ پنھنجي پنھنجي مطلب

سيئي رستي ايندڙ ويندڙ 'شوق' منجھان ڪيس ڏسي رھيا ھيا ۽ اھا نوجوان پينو ڇوڪري، فٽ پاٿ تي بيھي، دڪان اندر شوڪيس ۾ سينگاريل زيور ڪي وڏي حسرت منجھان ڏسي رھي ھئي.

*

# ★حسرت

ويگن ھلڻ جي ڪجھ دير ڪان پوءِ ڊرائيور ٽيپ رڪارڊر آن ڪيو. مرد ڳائڻي جي آواز ۾ گانو ھلڻ لڳو،
" ڳاڙھو وڳو، ڳاڙھو وڳو.... ڪيڏو نھي ٿو يار ڪي"
عورتن لاءِ مخصوص آخري سيٽن تي وينل، ڳاڙھي رنگ جا ڪپڙا پھريل ڪراڙيءَ عورت ٿڌو ساھ ڪڍي سوچيو،
"اسان جي جوانيءَ واري دؤر ۾ اھڙا گانا ڇو نہ ھيا؟"

*

# ★ھڪ واقعو ٻي طرفي سوچ

ھوءَ اوچتو ئي ڪيس سامھو ايندي نظر آئي.
الاءِ بہ ڪير ھئي، پر ھئي ڏاڍي خوبصورت. ھو ھٿ ۾ پڪڙيل ڪتاب وڏيڪ مضبوطي سان پڪڙي ھلندو بہ رھيو تہ ڪيس ايندي ڏسندو بہ رھيو. اوچتو پويان ايندڙ سائيڪل ڪيس ٽڪر ھڻي ڪيرائي وڌو، ڪتاب بہ ھٿ مان نڪري ويس. ھو ڏاڍي ڪاوڙ مان اٿيو، سوچيائين تہ سائيڪل واري ڪي ڳچيءَ ڪان وٺي..... پر سامھو ايندڙ خوبصورت ڇوڪريءَ تي نظر پوندي ئي اھو سوچي سائيڪل واري ڪي ڪجھ بہ نہ چيائين تہ جيئن جھڳڙو نہ ڪرڻ تي ڇوڪريءَ ڪيس شريف ماڻھو سمجھي.
ڇوڪريءَ ھن ڪي پنھنجي پر مان لنگھندي ڏسي چيو،
"مرد ماڻھوءَ ڪي ايترو بہ بزدل نہ ھجڻ گھرجي."

*

# ★" نوان ـ پُراڻا "

چانھ پيئندي ھو پاڻ ۾ ڳالھائي رھيا ھئا، ايتري ۾ ھڪ پناڻ ٻارڙن لاءِ شيون کپائيندو، اتي اچي ھنن جي سامھون واري بينچ تي ويھي رھيو ۽ بيري کي چانھ جو آرڊر ڏنائين. جڏھن پناڻ چانھ پيئڻ لڳو ھو تہ اوچتو ھنن مان ھڪڙي کي ڪا ڳالھ ياد آئي.

" لالا.....ٽائيم ڇا ٿيو آھي؟" ھن پڇيو.

پناڻ چانھ جي ڪوپ ٻئي ھٿ ۾ پڪڙي ٻانھن ۾ ٻڌل گھڙيءَ ۾ ڏسي ٻڌايو.

" چار ـ پنتاليس......"

"چار؟.....يلا چار نوان يا پُراڻا؟......"

" نوان "

ھمراھ وري پنھنجي دوست ڏي متوجھ ٿئي، وڏي جوش مان چيو ،

" يار ! سنو ٿيو جو حڪومت معياري وقت ھڪ ڪلاڪ اڳتي ڪري ڇڏيو."

" ڇو؟ ڪھڙو فائدو؟" ٻئي پڇيس.

" يار! ٻيو فائدو تہ ڇڏ..... پر گھٽ ۾ گھٽ اسان انڊيا کان وقت ۾ بہ اڌ ڪلاڪ اڳتي ٿياسين...." ٻنھي ٽھڪ ڏنو.

پناڻ چانھ پي اُٿڻ لڳو ھو.

" لالا.... سنو ٿيو نہ..."

پناڻ اتي ڪجھ نہ چيو. اڳتي نڪري منھن ورائي انھن ڏانھن ڏسي پڻڪيو.

"عمل ۾ اڳتي نہ.... گھڙيال جي سُئي اڳتي ٿيڻ تي خوش.... سُست سنڌي!"

***

# پورو ٿيو.